# يادون ۽ ڳالهيون

سهيڙيندڙ: طارق عزيز شيخ



برکا پبليکيشن

حيدرآباد

# يادون ۽ ڳالهيون

(شيخ عزيز جي لاڏاڻي تي علمي، ادبي ۽ صحافتي خدمتن بابت لکڻيون)

سهيڙيندڙ

**طارق عزيز شيخ**

ڇپائيندڙ:

**برڪا پبليڪيشن، حيدرآباد**

ڊجيٽل ايڊيشن:

2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

كتاب جو نالو: يادون ۽ ڳالهيون

موضوع: شيخ عزيز جي لاڏاڻي تي علمي، ادبي ۽ صحافتي خدمتن بابت لکڻيون

سهيڙيندڙ ۽ ڪمپوزنگ: طارق عزيز شيخ

ڪتابن جو ڳاڻيٽو: ١٠٠٠

ڇاپو: پهريون، آگسٽ 2019ع

ڇپائيندڙ: برکا پبليڪيشن، حيدرآباد

ڇپيندڙ:

مُلھ: ٣٠٠ رپيا

Book Name: Yadoon Ain Galhyoon

Topic: (Articles on Sheikh Aziz's literary & Journalism's Services)

Compyled & Composed by: Tariq Aziz Sheikh

Edition: First, August 2019

Publisher: Barkha Publications Hyderabad, Sindh.

Price: 300/_

# ارپنا

انهن صحافين جي نالي
جيڪي لالچ ۽ خوشامد کي ٺُڏي
سچائي ۽ ديانتداريءَ سان
پنهنجي قلم کي استعمال ڪن ٿا

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **"يادون ۽ ڳالهيون"** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ناميار صحافي ۽ ليکڪ **شيخ عزيز** جي لاڏاڻي تي علمي، ادبي ۽ صحافتي خدمتن بابت لکڻين تي مشتمل آهي، جنهن جو سهيڙيندڙ **طارق عزيز شيخ** آهي. مهيش ڪمار لکي ٿو:

"شيخ عزيز سنڌي صحافت جي استاد صحافي طور مڃيو ويندو هو. هن جا تربيت ورتل ڪيترا ئي اخباري ڪارڪن پنهنجي وقت جا ڪامياب صحافي بڻيا. اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ نالي وارين شخصيتن ۾ سندس لائق شاگرد ڪامياب نظر آيا. سندس صحافتي ڪم فقط سنڌي اخبارن لاءِ يادگار ناهي، بلڪ اردو ۽ انگريزي اخبارن ۾ به سندس خدمتون هميشه ياد رکڻ جهڙيون آهن. هن سدائين سنڌ جي حق ۾ ڪيس کي اڳتي وڌايو. عوامي، سياسي، تاريخي توڙي ثقافتي حوالي سان پاڻ هزارين مضمون پڻ لکيائين. شيخ عزيز سنڌ جو سرمايو هو. هن جي لکڻين سان ايوانن ڪان وٺي مختلف ڪاتن ۾ هلچل مچي ويندي هئي. سنڌي صحافت جي هن روشن ستاري کي سدائين سٺن لفظن ۾ ياد ڪيو ويندو."

هي ڪتاب **برکا پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران آگسٽ 2019ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون محترم طارق عزيز شيخَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سنڌاءُ


- پيش لفظ 8
- مهاڳ 12
- شيخ عزيز جي زندگيءَ جو احوال طارق عزيز شيخ 15
- انسائيڪلوپيڊيا جهڙو شخص يوسف شاهين 20
- شيخ عزيز جي نانءُ مهتاب اڪبر راشدي 22
- يادن جي نگار خاني مان نصير مرزا 30
- عالمي سطح جو صحافي هو قاضي اسد عابد 35
- Shaikh Aziz: by: Nasir Panhwer 37
- سنڌ جو ڏاهو ۽ عظيم انسان پير مظهرالحق 39
- تاريخ جو هڪ پنو نصير اعجاز 40
- شيخ عزيز سنڌ جو اثاثو شوڪت حُسين شورو 45
- صحافت، علم ۽ ادب جو پارکو امداد علي اوڊو 46
- No Alternate to Shaikh Aziz: A Memoir by: Shahid Shah 58
- جديد سنڌي صحافت جو بانيڪارهمسفر گاڏهي 60
- پلوڙ صحافيءَ جي ياد ۾ محمد حيات بلوچ 66
- سنڌ جي گهڻ رُخي شخصيت نور سنڌي 72
- شيخ عزيز ڪڏهن به نہ وسرندو حميده گهانگهرو 78
- شيخ عزيز سيني جو عزيز مير اعظم علي ٽالپُر 83
- هڪ اصُولي باب پُورو ٿيو زرار پيرزادو 86
- ويا سي وينجهار: شيخ عزيز ميرزا ڪاظم رضا بيگ 88
- هڪ بي باڪ قلم ڪار دُرِ شهوار مرزا 90
- صحافت جو روشن ستارو جاويد مرزا 93

- صحافت ۽ موسيقيءَ جو پارکو رمضان نومڙيو 96
- مان جو ئي آهيان سو ئي آهيان طارق عزيز شيخ 100
- شيخ عزيز ياسر قاضي 102
- گهڻ پاسائين شخصيت سرويچ حيدر اوڊو 103
- آهہ! شيخ عزيز جو لاڏاڻو! عوامي آواز 108
- ایک لیجنڈری صحافی کی موت حسن مجتبیٰ 112
- شیخ عزیز: صحافت کے قابل فخر دور کے صحافی ظہیر احمد 117
- شیخ عزیز: ہمہ گیر شخصیت کے حامل رفیق شیخ 124
- ڪراچي پريس ڪلب ۾ تعزيتي تقريب 128
- حيدرآباد پريس ڪلب ۾ تعزيتي تقريب 131
- هيپي برٿ ڊي شيخ عزيز صاحب جاويد مهر 138
- آتم ڪهاڻي "دارون ۽ ڪارون" جي رونمائي 140
- صحافت ۾ گهاريل عمر جون سارو ٽيون منوج ڪمار 141
- دل ڇهندڙ ڪتا سرمد ڪوسو 145

# پيش لفظ

7 آڪٽوبر 2018ع آچر جي ڏينهن منهنجي والد صاحب آغا خان اسپتال جي آئي سي يو ۾ صبح جو ساڍي ستين وڳي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو. هي منهنجي زندگيءَ جي ڏکين گهڙين وارو وقت هو. جڻ منهنجي مٿي تان ڇانو هٽي وئي هجي، جڻ ڪو ڳرو بار اچي ڪلهن تي پئجي ويو. بابا جي حياتيءَ ۾ اهڙي پرواهه ڪانه رهندي هئي ته ڪجهه به ٿيو ته سندس ڏي تي ماري مڃائينداسين پر سندس وڇوڙي کان پوءِ ڳالهه سڌي سنئين سمجهه ۾ آئي. وڏڙن جو وجود واقعي ننڍن ڪي سگهارو بڻائيندو آهي.

بابا پنهنجي ڪم سان نهايت سچو ۽ ايماندار رهيو. اها ڳالهه ساڻس گڏ ڪم ڪندڙ صحافي چڱيءَ ريت ڄاڻيند هئا. پاڻ ڪڏهن به پنهنجي موقف تان ڪونه هٽيو. هن جي زندگيءَ ۾ لالچ، ڪوڙ ۽ ڌمڪيون ڪا حيثيت ڪونه رکنديون هيون. سڄي ڄمار حق ۽ سچ لکي انهيءَ تان هٿ نه ڪنيائين. سندس خوبين ۾ اها ڳالهه به واضع هئي ته هر حڪومت جي اُوڻاين ۽ ڪمزورين تي بي رحم تنقيد لکندو هو. سنڌ سان زيادتي هن کي تڪليف ڏيندڙ ڳالهه لڳندي هئي ۽ انهيءَ دور ۾ وري اقتدار ۾ سنڌي حڪمران هجن ته معاملو برداشت کان ٻاهر نڪري ويندو هئس. سندس ڪالم ۾ سختيءَ ۽ سگهه جو سبب به اهو ئي هوندو هو.

هن سنڌ جي لوڪ فنڪارن کان وٺي، اديبن، شاعرن ۽ سياستدانن تائين آبيچيوري جي روايت وڌي. آبيچيوري ڪنهن شخصيت جي وفات ٿيڻ تي سوانحي خاڪو هوندو آهي پر مختصر ۽ جامع. ڪيترين ئي آبيچيوريز لکيائين ۽ اهي پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌين پڙهي ڪيس ساراهيو. سندس پڇاڙڪن ڏينهن ۾ ڪراچي پريس ڪلب ۾ هڪ ڏينهن سينيئر صحافي اختر بلوچ کي ٻڌايائين ته ”اڄ آئون پنهنجي آبيچيوري لکي آيو آهيان.“ اختر بلوچ چيو ”اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟“ چيائين ”اسان صحافت ۾ ڏٺو آهي ماڻهو مرڻ کان پوءِ ڪُوڙ نوڪيندي دير نه ٿا ڪن، ڪهڙي خبر منهنجي لاءِ غلط لکي ڇڏين“ ۽ حيرت جي ڳالهه هيءَ آهي ته بابا جي هٿ اکر لکيل ساڳئي آبيچيوري سندس وفات واري ڏينهن، جيڪي جيڪي صحافي دوست مون کان سوانح پڇندا رهيا، انهيءَ مان پڙهندو انگ اکر ٻڌائيندو رهيس. اهڙيءَ طرح سندس لکيل آبيچيوري سندس وفات جي خبر ٻڻجي شايع ٿي.

منهنجي والد صاحب جو حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي پريس ڪلبن سان تمام اهم تعلق رهيو. حيدرآباد پريس ڪلب کي ٺاهڻ وارن باني ميمبرن مان هو. انهيءَ کان پوءِ ڪراچي پريس ڪلب سان به خاص تعلق رهيس، ڇڻ سندس ٻيو گهر هجي. جنهن کي به ملاقات ڪرڻي هوندي هئي ڪيس ڪلب جو ٽائيم ڏيندو هو. اخباري دفتر ۾ ڪنهن سان ملڻ پسند نه ڪندو هو جو ڪم ۾ رخنو پوندو هئس. ڪير فون تي رابطو ڪندو هئس ته ڏکيائيءَ سان فون تي ڳالهائڻ جو وقت ڪڍندو هو، اهو به اُجلت واري انداز ۾. هن جي ڪچهريءَ جو هنڌ پريس ڪلب رهيو. سندس وفات کان پوءِ ڪراچي پريس ڪلب پاران تعزيتي ريفرينس ٿيو، جنهن ۾ مهتاب اڪبر راشدي، يوسف شاهين، پروفيسر سليم ميمڻ، آغا رفيق، اختر بلوچ، همسفر گاڏهي، سعيد سربازي، حبيب خان غوري، خورشيد تنوير ۽ ڪجهه ٻيون ناميارين شخصيتون شريڪ ٿيون. هُنن تقريرون ڪيون جيڪي رپورٽ جي صورت ۾ ئي آهن.

انهيءَ ڪان پوءِ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ صحافي دوست گروپ پاران تعزيتي ميڙاڪو ٿيو. انهيءَ ميڙاڪي ڪي پير مظهرالحق، قاضي خادم، مجاهد بريلوي، جي اين مغل، آغا رفيق، نصير مرزا، فاروق سومرو، ظهير احمد، ظهير ميراڻي، منٺار مگريو، عبدالله سروهي، ذوالفقار علي قريشي ۽ مهيش ڪمار مخاطب ٿيا. هن تقريب جون تقريرون بہ رپورٽن جي صورت ۾ پيش ڪيون ويون آهن.

بابا جي وفات ڪان پوءِ سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين جي اخبارن ۽ رسالن ۾ ناميارين شخصيتن پاران آرٽيڪل لکيا ويا، جيڪي ساڻن واسطي جو ثبوت هُئا. ٽي وي ۽ ريڊيو چئنلز تي رپورٽون ۽ خصوصي پروگرام نشر ڪيا ويا. سوشل ميڊيا تي هزارين تعزيت ناما مليا، جيڪي ڏيهہ پرڏيهہ مان شيئر ٿيل هئا. فون ڪالون ۽ ايس ايم ايس انهن ڪان علاوه موصول ٿيا. مختلف سياسي پارٽين ۽ وزيرن جون پريس رليزون پڻ تعزيتن ۾ شامل رهيون. تعزيتن جو ڏکهو سلسلو ٻڌل رهيو. جيڪي مضمون محفوظ ڪري سگهيس، سي مون سهيڙيا آهن باقي سوشل ميڊيا ۽ اخباري رپورٽون ڪجهہ چونڊ ڪري رکيون اٿم.

بابا جي وفات ڪان پوءِ سنڌس شيف مان سنڌس آتم ڪهاڻيءَ تي مشتمل ڪتاب 'دارون ۽ ڪارون' ڪمپوزڊ صورت ۾ هٿ آيو، جيڪو پياري دوست جي توسط سان پيڪاڪ پرنٽرز شايع ڪرايو. بعد ۾ انهيءَ جي بہ رونمائي سنڌ لٽريچر فيسٽيول 2019ع ۾ ٿي. اها رپورٽ ۽ ڪتاب تي ٿيل تبصرو بہ شامل ڪرڻ لازمي سمجهيم.

هي ڪتاب 'يادون ۽ ڳالهيون' بابا جي وڇوڙي جي ياد ۾ سنڌس حوالي سان ٿيل ڳالهين تي آڌاريل آهي، جن کي ڪتابي صورت ڏيڻ سان ڪيس پيش ڪيل پيتا هميشہ لاءِ محفوظ ٿي ويندي. هن ڪم ۾ مون سان مهيش ڪمار ڀرپور سهڪار ڪيو آهي، جنهن کي منهنجو والد صاحب پنهنجن ٻچن جيان پائيندو هو. هن 'سنڌ' اخبار ۾ ڀرپور ڪوريج ڏني. هن جو نهايت ٿورائتو آهيان. پاڻ صحافي دوست گروپ پاران حيدرآباد پريس ڪلب ۾ بہ تعزيتي پروگرام ڪرايو هئائين، جڏهن

تہ اهو فرض پريس ڪلب انتظاميا جو هو. ان ڪان علاوه قاضي اسد عابد جو بہ ٿورائتو رهندس، جنهن ’عبرت‘ اخبار جو بابا جي چاليهي تي خاص رنگين ايڊيشن جاري ڪيو.

’عوامي آواز‘ اخبار تہ نظرياتي طور منهنجي والد جي پاليسي رکندڙ اخبار رهي آهي، جنهن پڻ خبرن، مضمونن ۽ سنڌي ميگزين ڪان علاوه عوامي آواز ٽي وي ۽ جو خاص تعزيتي پروگرام بہ ڪيو. اهڙي ۽ ريت سائين امداد اوڊي بہ سنو ساٿ نڀايو. ريڊيو وائس آف سنڌ تان خبرون ۽ رپورٽون هلايائين، جنهن سان پرڏيهہ ۾ رهندڙ سنڌين وٽان موچاري موٽ ملي. انهي ۽ سموري سنگت ڪي بہ سلام هجي، جنهن هن ڏکوئيندڙ گهڙي ۽ ۾ مون ڪي اڪيلو رهڻ نہ ڏنو. انهن لاءِ ايترو ڪافي آهي تہ ’ٿورا نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا.‘

سنڌ سلامت، ساٿ سلامت



**طارق عزيز شيخ**

ڪراچي.

آگسٽ 2019ع

# مهاڳ

سنڌي صحافت ڪي جدت بخشيندڙ شيخ عزيز اسان ڪان هڪ سال اڳ وڇڙي ويو. سنڌس صحافتي ڪم فقط سنڌي اخبارن لاءِ يادگار ناهي، بلڪ اردو ۽ انگريزي اخبارن ۾ به سنڌس خدمتون هميشه ياد رکڻ جهڙيون آهن. شيخ عزيز جي قابليت انهيءَ ڳالهه مان پرکي سگهجي ٿي ته جڏهن سنڌ واري ڍاڪي ۾ پرڏيهه مان جرنلزم جي ڊگري حاصل ڪري آيو هو، تڏهن سنڌ جو هي پهريون صحافي هو جيڪو پرڏيهه مان مڪمل تعليم ۽ تربيت وٺي آيو هو. هن جي سچائي اها هئي جو ان زماني ۾ ڪيس ملڪ جي وڏي انگريزي اخبار ۽ پرڏيهي ريڊيو جي نيوز سيڪشن مان آڇون اچڻ باوجود پاڻ جديد عالمي صحافتي تجربا سنڌي اخبار لاءِ استعمال ڪيائين ۽ سنڌي اخبار 'عبرت' ڪي صحافت جي عالمي انداز ۾ ناهيائين.

شيخ عزيز پنهنجي زندگيءَ جو وڏيڪ وقت صحافت ڪي ڏنو. ڌارين ٻولين جي اخبارن ۾ جڏهن ميگزين ايڊيٽر، نيوز ايڊيٽر، ايڊيشن انچارج ۽ ايڊيٽر جهڙن عهدن تي رهيو تڏهن سمورن ڪارڪنن نيوز ڊيسڪ، رپورٽرن ۽ ٽيڪنيڪل عملي ڪي هر ڏينهن ايمرجنسيءَ واري حالت جيان ڪم ۾ جنبيل رکيائين. وقتائتو ۽ ٻرندڙ اشو وائکو ڪرڻ هن جو مقصد رهيو. نئين ڏينهن سان نئون جذبو کڻي منجهند کان اڌ رات تائين بهتر کان بهتر ڪري، وڌيڪ معلوماتي مواد شامل ڪرڻ جي جستجوءَ ۾ رهندو هو. ايستائين ڪم ۾ مصروف رهندو هو جيستائين ڪاپي ڊائون نه ٿئي. سنڌس هر اخبار ۾ گذاريل وقت ڪامياب ترين

رهيو ۽ تڏهن اها اخبار سڀ کان وڌيڪ سرڪيوليشن واري اخبار رهي. عبرت، جنگ، حريت ۽ ڊان اخبارن جي مٿي چڙهڻ ۾ شيخ عزيز جو به هٿ رهيو. هن سدائين سنڌ جي حق ۾ ڪيس کي اڳتي وڌايو. عوامي، سياسي، تاريخي توڙي ثقافتي حوالي سان پاڻ هزارين مضمون پڻ لکيائين. اها گهڻ ماڻهن ۾ خدائي ڏات رهي آهي ته جنهن ڏينهن ڪو وڏو واقعو رونما ٿيو آهي انهيءَ ڏينهن انهيءَ واقعي يا گذاري ويل اهم شخصيت تي بر وقت مضمون اچي وجي. اها خوبي شيخ عزيز ۾ هئي.

شيخ عزيز سنڌ جو سرمايو هو. هن جي لکڻين سان ايوانن ڪان وٺي مختلف ڪاتن ۾ هلچل مچي ويندي هئي. سنڌي صحافت جي هن روشن ستاري کي سدائين سٺن لفظن ۾ ياد ڪيو ويندو. اسان شيخ عزيز جي ڪيل صحافتي خدمتن کي ڪڏهن به نه وساريندا‌سين ۽ سندس ياد ۾ پروگرام ڪرائي پيٽا پيش ڪندا رهنداسين. شيخ صاحب صحافت سان نڀايو ۽ اسان اڄ اهو وچن ٿا ڪريون ته سنڌ جي صحافين کي سندس تعليمات مان فيضياب ڪندا رهنداسين. سنڌ جي حوالي سان پرڏيهه انگريزي ٻوليءَ ۾ سنڌ جي نمائيندگي ڪندڙ شيخ عزيز هو. هن عالمي سطح تي سنڌ جي تاريخ، علم، ادب، ثقافت ۽ سياست کي پنهنجي قلم جي طاقت سان بيان ڪيو.

شيخ عزيز سنڌي صحافت جي استاد صحافي طور مڃيو ويندو هو. هن جا تربيت ورتل ڪيترا ئي اخباري ڪارڪن پنهنجي وقت جا ڪامياب صحافي بڻيا. اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ نالي وارين شخصيتن ۾ سندس لائق شاگرد ڪامياب نظر آيا. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جرنلزم شعبي جو وزيٽنگ پروفيسر پڻ رهيو ۽ سندس صحافتي ٽيڪنڪ تي لکيل ڪتاب ’عملي صحافت‘ آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو به پهريون صحافتي ٽيڪنڪ جو ڪتاب آهي، يونيورسٽين ۾ ڪورس جو حصو بڻيل آهي. هيءُ ڪتاب عالمي انداز ۾ ائين لکيل آهي جو صحافت جي وضاحت، تاريخ، ڄاڻ، طريقو ۽ صحافتي قانون قاعدا سادي انداز ۾ ڏنل

آهن. جرنلزم جي جنهن شاگرد ’عملي صحافت‘ ڪتاب نہ پڙهيو چڻ صحافت جي ٿيوريءَ کان رهجي ويو.

شيخ عزيز جا باقي ڪتاب پڻ سنڌي، انگريزي ۽ اردوءَ ۾ سياسي، تاريخي، ثقافتي ۽ ادبي موضوعن تي لکيل آهن، جيڪي پنهنجو مٽ پاڻ آهن. اسان شيخ عزيز جي ڪيل خدمتن کي ڪڏهن بہ نہ ٿا وساري سگهون. هن جي تحريرن ۾ سندس وجود محسوس ڪريون ٿا. انهيءَ حوالي سان هو هميشہ اسان سان گڏ رهندو. شيخ صاحب نظرياتي فڪر ۽ فهم رکندڙ شخص هو. سندس نظرئي موجب اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪنداسين. هن پنهنجي ڪردار ۽ عمل ۾ سنڌ کي ساڻ رکيو آهي ۽ سنڌ بہ پنهنجي سپوت کي ڪڏهن نہ وساريندي. شيخ صاحب جي وڇوڙي کان پوءِ سندس ياد ۾ سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ ڪيترا ئي مضمون لکيا ويا، جيڪي سندس فرزند طارق عزيز شيخ سهيڙيا آهن. شيخ عزيز جي يادن تي ٻڌل هيءُ مجموعو ساڻس محبت ۽ عقيدت جو ثبوت بہ آهي. اميد ٿي ڪجي تہ هن گل دستي جي مهڪ پڙهندڙن کي پسند ايندي.

سنڌ سلامت.



**مهيش ڪمار**

ايڊيٽر

روزاني سنڌ حيدرآباد



## شيخ عزيز جي زندگيءَ جو پروفائل

طارق عزيز شيخ

پورو نالو: عبدالعزيز شيخ

والد جو نالو: احمد شيخ

ادبي نالو: شيخ عزيز

گهر واريءَ جو نالو: حميده عزيز

اولاد: ٻه پٽ، ٻه ڌيئرون

ولادت جي تاريخ: ۹ ڊسمبر ۱۹۳۸ع، ڳاڏي کاتو، حيدرآباد

ابتدائي تعليم حيدرآباد جي سرڪاري اسڪولن مان پرائي، صحافتي ذميواري نڀائيندي لنڊن جي ناماياري صحافتي اداري ٿامس ڪاليج آف جرنلزم مان ۱۹٦۸ع ۾ صحافت ۾ گريجوئيشن ڪيائين.

صحافتي سفر جي شروعات ١٩٥٧ع کان روزانه ’ڪاروان‘ حيدرآباد مان سب ايڊيٽر طور ڪئي.
روزاني عبرت حيدرآباد، سب ايڊيٽر، ١٩٥٨ع کان ١٩٦١
روزانه عبرت حيدرآباد، سينيئر سب ايڊيٽر، ١٩٦١ع کان ١٩٦٥ع
روزانه عبرت حيدرآباد، اسسٽنٽ ايڊيٽر، ١٩٦٥ع کان ١٩٧٥ع
روزانه عبرت حيدرآباد، اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ ميگزين ايڊيٽر، ١٩٦٦ع کان ١٩٧٦ع
هفتي وار سنڌ آبزرور (انگريزي)، حيدرآباد، ايڊيٽر، ١٩٧٦ع کان ١٩٨٠ع
روزانه سنڌ نيوز، حيدرآباد، ايڊيٽر، ١٩٧٧ع کان ١٩٨٠ع
روزانه جنگ (اردو) ڪراچي، اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ ميگزين ايڊيٽر، ١٩٨٠ع کان ١٩٨٢ع
روزانه حريت (اردو) ڪراچي، ميگزين ايڊيٽر، ١٩٨٢ع کان ١٩٨٧ع
روزانه حريت (اردو) ڪراچي، نيوز ايڊيٽر، ١٩٨٧ع کان ١٩٨٩ع
روزانه ڊان (انگريزي) ڪراچي، سينيئرسب ايڊيٽر، ١٩٨٩ع کان ١٩٩٠ع
روزانه ڊان (انگريزي) ڪراچي، ايڊيشن انچارج ۽ نائيٽ ايڊيٽر، ١٩٨٩ع کان ٢٠٠٨ع
سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، وائس چيئرمين، ٢٠٠٨ع کان ٢٠١٠ع

سنڌي، انگريزي ۽ اردوءَ ۾ ٽن هزارن کان وڌيڪ آرٽيڪلز لکيائين، جيڪي سياسي، سماجي، ثقافتي، تاريخي، موسيقي، ادبي ۽ حالات حاضره جي موضوعن تي آهن. سندس هڪ مقالو ”عالمي غلاميءَ“ جي عنوان سان سال ٢٠٠٣ع ۾ جوهانسبرگ ۾ ٿيل عالمي ڪانفرنس جي موقعي تي شايع ٿيو جيڪو بعد ۾ اقوام متحده پنهنجي سرڪاري رڪارڊ جو حصو بنائي ڇڏيو. سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري ۾ جرنلزم ڊپارٽمينٽ ۾ ١٩٧٨ع کان ١٩٨٠ع تائين وزٽنگ پروفيسر رهيو. تحقيق جي حوالي سان شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي پاران ١٩٩٣ع ۾ ”تحقيق جو طريقه ڪار“ جي موضوع تي

ورڪشاپ ۾ ”تحقيق ڪيئن ڪجي“ جي عنوان تي ليڪچر ڏنائين جنهن کي بعد ۾ مقالي جي صورت ۾ شايع ڪيو ويو. ساڳئي اداري پاران ١٩٩٣ع ۾ ”شاهه لطيف تي تحقيق“ جي عنوان سان ٿيل ورڪشاپ ۾ پڻ اهم ليڪچر ڏنو هئائين جيڪو بعد ۾ مقالي طور شايع ٿيو.

وفاقي حڪومت جي ١٩٦٠ع ۾ تيار ٿيندڙ سنڌي اردو ۽ اردو سنڌي ڊڪشنرين ۾ ريسرچ اسسٽنٽ طور ڪم ڪيائين. آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس پاران ملينيم سال جي موقعي تي سندس پاڪستاني موسيقيءَ تي لکيل مقالو ”دي ٽريڊيشنز گوز آن“ اداري پنهنجي يادگار ڪتسب ۾ شايع ڪرايو جڏهن ته مختلف وقتن ۾ هلندڙ پروجيڪٽن ۾ ڪم ڪندو رهيو.

پاڪستان جو پهريون صحافي هو جنهن صحافتي دنيا ۾ ”اوبيچيوري“ (ڪنهن به ناميار شخصيت جي وفات تي بر وقت سوانحي خاڪو لکڻ) جو ڪلچر متعارف ڪرايو. اخباري ميگزين وارو اڄوڪو لاڙو شيخ عزيز سنڌي صحافت ۾ پهريون ڀيرو ١٩٧٢ع ۾ ”سنڌي عبرت“ جي نالي سان شروع ڪيو. هي سنڌ جو مقبول ترين هفتي وار ميگزين هو.

اردو اخبار جنگ ۾ ميگزين ايڊيٽر طور ”مهراڻ رنگ“ جي نالي سان صفحو شروع ڪيائين جنهن ۾ سنڌ جي حوالي سان تحريرون شايع ٿينديون هيون.

سندس لکيل ڪتاب هي آهن.

١ . سنڌ جون پراسرار ڪهاڻيون (سچيون ڪهاڻيون) ١٩٦٠ع

٢ . الحمرا جا داستان (ترجمو، واشنگٽن ارونگ) ١٩٦١ع

٣ . نقش لطيف، مضمون، مرتب ۽ ايڊيٽنگ ڪيل، ١٩٦٤ع

٤ . عملي صحافت، صحافتي ٽيڪنڪ تي سنڌيءَ ۾ پهريون ڪتاب، ١٩٧٥ع، ١٩٧٨ع ۽ ١٩٩٥ع ۾ واڌاري سان

٥ . مون لينن جو ڏيهه ڏٺو، روس جو سفرنامو، ١٩٧٦ع

٦ . ملھہ،  سنڌ جي قومي راند تي ڪتاب، ١٩٧٨ع
٧. دي ٽربيوٽ، (سنڌ جي ناميارين شخصيتن جا انگريزيءَ ۾ سوانحي خاڪا) ٢٠٠٧ع
٨. تقسيم ڪان تقسيم تائين، (سياسي تاريخ، پاڳو پھريون) ٢٠٠٨ع
٩. دي اوريجن اينڊ ايووليوشن آف سنڌي ميوزڪ، (انگريزيءَ ۾ سنڌي موسيقيءَ تي تحقيق) ٢٠٠٨ع
١٠. اي هسٽري آف سنڌي لٽريچر (انگريزي) سنڌ جي ادبي تاريخ ٢٠٠٨ع
١١.  سنڌ ڪي محلاتي داستانين، ( اردو) سنڌ جي تاريخ ٢٠٠٩ع
١٢. نوٽس آن سنڌ (انگريزي) سنڌ جي تاريخ ٢٠٠٩ع
١٣. ميوزيڪل نوٽس (انگريزي) موسيقيءَ تي مقالا، ٢٠٠٩ع
١٤. ڀُٽي ڪان ضياءَ تائين، (سياسي تاريخ، ٻيو حصو) ٢٠١٠ع
١٥. پيليشل ٽيلس فرام سنڌ (انگريزي )٢٠١٢ع
١٦. ڪيرٽر، انگريزي، ايڊيٽنگ، ٢٠٠٦ع
١٧. ائن السٽريٽڊ ائٽلس آف سومرا رولس ان سنڌ، (انگريزي) ايم ايڇ پنھور، ايڊيٽنگ،  ٢٠٠٤ع
١٨. نندي ڪنڊ ۾ ڊرامي جي تاريخ، (ايڊيٽنگ)٢٠٠٧ع
١٩. راڳ ساگر، مھاڳ، ٢٠٠٤ع
٢٠. پٽو، يادگيريون،  (ترجمو) ١٩٩٣ع

اينڊڙ ڪتابن ۾ ”دارون ۽ ڪارون (آتم ڪھاڻي)“ ۽ ”چنگ“ (انگريزيءَ ۾ سنڌ جي قديم ساز تي ڪتاب) شامل آهن.

وفات، ٧ آڪٽوبر ٢٠١٨ع،

آخري آرامگاھ، پھلوان ڳوٺ، ڪراچي.

(روزاني عبرت حيدرآباد، 27 نومبر 2018ع)

# شيخ عزيز انسائيڪلوپيڊيا جهڙو شخص

يوسف شاهين

شيخ عزيز ڏاڍو ڏکيو ماڻهو هو. هن زندگيءَ ۾ آرام گهٽ ۽ ڪم گهڻو ڪيو. شيخ صاحب زندگي گذارڻ ۾ به اصول رکيو. سنڌ جو پهريون ماڻهو هو جيڪو لنڊن مان صحافت ۾ ٽرينڊ ٿي آيو هو. هن مون کي برسات مئگزين ڊزائين ڪري ڏنو هو. سندس ٽائيم لائين پرفيڪٽ هوندي هئي. سٺ ستر جي ڏهاڪي ۾ هن ايتري محنت ڪئي جو ان وقت جي صحافين ۾ پاڻ مڃائي ويو.

مون جيڪو ڪُجهه لکيو آهي ان کان پهريان شيخ عزيز کان پڇيو آهي. هن صحافت ۾ به رهبري ڪئي آهي ۽ باقي ڪُجهه لکڻ ۾ به رهبري ڪئي آهي، ان جو ڪريڊٽ سڄو سارو شيخ صاحب کي ٿو وڃي. آئون اهو ڪريڊٽ ٻئي ڪنهن کي ڏيڻ لاءِ تيار ناهيان، نه شيخ اياز، پليجو ۽ ٻيا ڪيترا ئي دوست منهنجي ويجها رهيا آهن، توڙي جو ايم سيد به منهنجو دوست رهيو جيتوڻيڪ اهو ڄمار ۾ مون کان ڪافي وڏو هو پر تعلق هم عصرن جهڙو رهيو.

شيخ عزيز کي مون شروع کان آخر تائين هڪڙي طريقي ۾ ڏٺو، هن ماڻهو هميشه ڪم ڪرڻ تي زور پريو. چوندو رهندو هو زندگي ٿوري آهي ڪم وڏيڪ آهي. منهنجي شيخ صاحب سان ايتري نيازمندي هئي جو سندس اندر جون ڳالهيون پڇندو هومانس. هن پنجويهه ڇويهه ڪتاب لکيا پر ڪنهن ڪتاب کي به ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ ڊيڊيڪيٽ ڪيائين فقط هڪڙو ڪتاب تقسيم کان تقسيم وارو پنهنجي گهر واريءَ جي نالي ڪيائين. اهو انهيءَ ڪري جو چيائين مون جهڙي اڻ گهڙئي ڪاٺ کي سڄي عمر برداشت ڪيائين.

مون شيخ صاحب ۾ هڪڙي خوبي اها به ڏٺي ته هو لالچي ڪونه هو. ٻيا ڪيترا ئي ماڻهو زماني جا ڏناسين ۽ سڃاتاسين. زندگيءَ جا

لاها چاڙها سيني تي اچن ٿا پر شيخ عزيز صابرين انسان هو. تمام وڏو ماڻهو هو.

هن کي مون ڏٺو ته اردو ۽ انگريزي اخبارن ۾ جتي ڌارين جي اجاراداري هوندي هئي اتي هن پنهنجي ڄاڻ ۽ قابليت جي بنياد تي ڪمانڊ ڪئي. انهن ادارن ۾ ويهي قلم ذريعي اڪيلي سر سنڌ جو ڪيس وڙهيائين. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون شخص ڏٺو جنهن کي ڪير ٽوڙي نه سگهيو، نه ته ماڻهو وڪامجندي ويرم ڪونهي. زندگيءَ جي پريشانين ۾ به ڪيس پريشان نه ڏٺم.

مون جڏهن برسات اخبار پئي ڪڍي ان سڄي ڪي شيخ صاحب سيٽ ڪري ڏنو. ان جو ايڊيٽر شيخ اياز هو. هو سنڌ جا مسئلا سمجهندو هو، سنڌي ماڻهوءَ جي نفسيات کان واقف هو. مون ڪيس مڃيو ته هو ذهانت ۾ واقعي اڳتي هو. هو انسائيڪلوپيڊيا جهڙو شخص هو جنهن کان هر موضوع جو سوال ڪري معلومات وٺي سگهبي هئي. هو هر ڪنهن جي ڄاڻ رکندو هو ”دي ٽربيوٽ“ سندس ڪتاب ان جو وڏو ثبوت آهي. شيخ عزيز تي اسان کي تمام گهڻو لکڻ کپي. هن جي زندگيءَ جا ڪيئي رخ آهن مٿس ٿورو لکيو ويو آهي.

(روزاني عبرت حيدرآباد، 27 نومبر 2018ع)



شيخ عزيز جو پنهنجي ويجهي دوست يوسف شاهين سان يادگار فوٽو

# شيخ عزيز جي نانءِ

## مهتاب اڪبر راشدي

ڏاڍو ڏکيو آهي، ڪنهن پنهنجي ويجهي ترين وڇڙيل ويل لاءِ لکڻ. سچ ته هيءُ آهي ته ادا عزيز شيخ تي لکڻ لاءِ دل سان گڏ اکين کي به سمجهائڻو پئي پيو. جتي دل ڀرجي پئي آئي، اتي اکيون لڙڪ هارڻ لاءِ تيار پئي ٿيون. يادگيرين جو هڪ هجوم آهي، جنهن اندر ۾ هڪ آنڌ مانڌ مچائي ڇڏي آهي. حيدرآباد جو منڙو شهر ۽ شهر جو مشهور حيدر چوڪ گاڏي کاتي جي دل، ڪنڌ تي اسان جو گهر، جنهن جي ٻي ڪنڌ تي عبرت اخبار ڏانهن ويندڙ گهٽي جنهن جي ڪنڌ تي وري ڪلو پڪوڙائي ويهندو هو، ان جي پڪوڙن جو مٺ ته ڪٿي به ڪو نه ليپيو اٿم، شايد ننڍپڻ يا عمر جي اوائلي دور جا سڀ ذائقا ذهن ۾ دائمي رهجي ويندا آهن، بلڪ ايئن جيئن پراڻا تعلق، سڄاڻپون ۽ دوستيون به وقت گذرڻ سان گهريون ٿينديون وينديون آهن ۽ اهو تعلق اڳتي هلي ٻئي نسل تائين منتقل ٿي ويندو آهي.

ادا عزيز سان به اسان جو اهڙو ئي تعلق هو، اندازو ئي ڪو نه ٿيندو هو ته ادي زيب شيخ جو ڀاءُ ادا اسماعيل شيخ جهڙي ٻوليءَ جي ماهر ۽ محقق ۽ ابراهيم شيخ براڊ ڪاسٽر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي مشهور پروڊيوسر جو ننڍو ڀاءُ ۽ ڪڪي (زمرد) جو مامو عزيز شيخ پاڻ ڪان عمر ۾ گهڻو گهٽ، مهر، مهتاب ۽ آفتاب سان انهن جي ذهني سطح تائين لهي ڪين وڏيون وڏيون ڳالهيون سولائيءَ سان ڪيئن سمجهائي ويندو هو؟ صحافت ڇا ٿيندي آهي ۽ ان جا تقاضا ڇا ٿيندا آهن. ان جو پهريون سبق به شايد عزيز شيخ ئي اسان کي پڙهايو هو. سندن گهر جو ماحول محبت جي مٽيءَ سان ڳوهيل هو، ڀينرون ۽ ڀائر، ڏاڍي ۾ پوئيل مڻين وانگر هڪ ٻئي سان جڙهيل هوندا هئا. ماما پاڻيجا ۽ ڀاڻيجيون، ڀينرون ۽ ڀائر ۽ ڀاڄايون، هڪ ٻئي سان ڳنڍيا پيا

هوندا هئا. سندن سک بہ گڏ هئا، ڏک بہ، ڪنهن گهٽ وڌائي جي خبر تہ اوڙي پاڙي تائين بہ نہ پهچندي هئي. ها البتہ اوڙي پاڙي وارا ڪين پنهنجو سمجهي ٿوري ٽڪي تي مسئلن جي حل لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن پاءُ تائين پهچڻ ۾ دير ئي نہ ڪندا هئا ۽ اڳيان بہ شيخ خاندان انهن جي مسئلي کي پنهنجو سمجهي حل ڪرڻ ۾ جنبي ويندو هو.

ادا اسماعيل شيخ ۽ ممتاز مرزا، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سان گڏ تحقيقي ڪم، لغت ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ تي ڪم جي هر مرحلي ۾ هن جا ساٿي رهيا، سندن ساٿ نہ رڳو پيشي جي حد تائين هو بلڪ سندن تعلق ڪم ڪان وٺي خاندانن تائين پهتل هو، جيڪو اڄ بہ هڪ نسل کان ٻئي ۽ ٽئين تائين منتقل ٿي چڪو آهي.

اسان جي گهر ۾ ادي زيب شيخ، جيڪا ان خاندان جي وڏ-ور نياڻي هئي ۽ پنهنجن ڀائرن جي ساٿ سان علمي ۽ ادبي ذوق رکندي هئي، سا سٺ ۽ ستر جي ڏهاڪي ۾ اخبار ۾ عورتن جو صفحو سنڀاليندي هئي. اسان جي گهر ۾ سڀ کان وڌ اچڻ وڃڻ، ادي زيب، ڪڪي (زمرد) ۽ ادا عزيز شيخ جو ئي ٿيندو هيو.

منهنجو منڙو ڀاءُ آفتاب اسان جي تہ اکين جو تارو هوندو ئي هو پر ادا عزيز شيخ جو بہ دل گهريو هو، بلڪل پنهنجي اولاد وانگر، آفتاب جي بي وقت وڇوڙي تي هو ڪيترو دل گرفتار هو، تنهن جو احوال حميده (ادا عزيز جي گهر واري) اڄ بہ ٻڌائيندي روئي پوندي آهي.

مان ادا عزيز شيخ جون ڳالهيون ڪندي پنهنجي ذاتي تعلق ۾ هن جي پيشيوراڻي مهارت کي وسارڻ نہ چاهيندس. شيخ عزيز بلاشبہ سنڌي صحافت جو وڏو بلڪ صف اول ۾ رکڻ جهڙو نالو آهي. هن جي پنهنجي پيشي سان محبت ۽ ان ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جا پنهنجا پيمانا وضع ڪيل هئا، سهيل سانگيءَ جهڙو سينيئر صحافي بہ شيخ عزيز کي پنهنجو رول ماڊل تصور ڪري ٿو. هو ان کي چند آڱرين تي ڳڻڻ جهڙن اهڙن صحافين ۾ شمار ٿو ڪري، جيڪي پنهنجي دور ۾ دنيا ۾ رائج جديد صحافتي رجحانن کان مڪمل واقفيت رکندو هو. صحافت هن لاءِ

رڳو ڊيسڪ تي ويهي رپورٽون ۽ ايڊيٽوريل لکڻ جو نانءُ ڪو نہ هو، بلڪ هن جو چوڻ اهو هو تہ ”هڪ سٺي صحافيءَ لاءِ (ان وقت جي ضرورت مطابق) هٿ سان اکر جوڙڻ ”پليٽ ناهڻ“ ۽ فلم ناهڻ جي طريقي ڪار کان واقفيت تمام ضروري هئي، ڇو تہ ان زماني ۾ اڃا پري پري تائين ڪمپيوٽر جو نالو نشان ئي ڪو نہ هو ۽ اخبارون مٿي بڌايل طريقي ڪار جاڻڻ سان ئي ڇپائيءَ جي مرحلن مان گذرنديون هيون. هن وٽ صحافت جي ڊگري تہ ڪو نہ هئي پر سنڌ يونيورسٽي ۾ جڏهن ”ماس ڪميونيڪيشن“ جو شعبو کليو تہ اتي شيخ عزيز ”مهمان استاد“ طور ليڪچر ڏيندو رهيو.

اهو ١٩٧٠ع وارو ڏهاڪو هو ۽ ان ئي زماني ۾ هن صحافت تي هڪ ڪتاب لکيو جيڪو هنن جي نصاب ۾ اڄ بہ شامل آهي. شيخ عزيز وٽ رڳو اخبارن ۾ ڪم ڪرڻ جو ذاتي تجربو ئي نہ هو بلڪ هن ١٩٦٨ع ۾ لنڊن جي ٿامسن ڪاليج آف جرنلزم مان صحافت جي ڊپلوما بہ حاصل ڪئي هئي.

زندگيءَ جو هڪ وڏو عرصو هن حيدرآباد ۾ گذاريو، اٽڪل ٽيهہ سال هن سنڌي صحافت کي ڏنا، عبرت اخبار ۾ هن گهڻو عرصو صرف ڪيو، اتي هن جا نائب ۽ هن جي سرپرستي ۾ ڪم ڪرڻ وارا اڄ ”سينيئر صحافي“ بڻجي چڪا آهن. هن جو مزاج ارڏو ضرور هو پر اوترو ئي هو سيني جو مددگار بہ هو، ڪم سيکارڻ ۽ راهہ ڏيکارڻ ۾ دل جو ڪشادو ۽ هر وقت مدد ڪرڻ لاءِ تيار، عجيب ڳالهہ هئي تہ هن جو شوق رڳو صحافت تائين تہ محدود هيو ئي نہ. هو سنڌ جي انهن عاشقن مان هو جيڪي سنڌ، سنڌ جا نعرا هڻڻ بجاءِ عملي ڪم ڪرڻ ۾ يقين رکندو هو. هن جي جاڻ رڳو صحافت سان لاڳاپيل نہ هئي پر هن جي سوچ ۽ شوق جي اڏام سنڌ، پاڪستان ۽ بين الاقوامي معاملن تائين پهتل هئي. سنڌ ۾ ٿيندڙ هر ميلي ۾ وڃڻ ۽ ملاکڙي ڏسڻ جو شوق هو. ملهہ جا داءَ پيچ تہ ڪو شيخ عزيز کان پڇي. ملهہ وڙهندڙ ڪهڙو پهلوان مشهور آهي ۽ ڇو آهي ان جا سبب بہ ادا عزيز کي معلوم هئا، هن جا

انداز کي ورلي ئي صحيح نہ نکرندا هوندا، سنڌ جي پراڻن ۽ اصلوڪن سازن متعلق معلومات جو بہ هن وٽ وڏو ذخيرو هو. هن سال ئي جون، جولاءِ ڌاري مون کي فون تي ٻڌايائين تہ سنڌ جي سازن متعلق هڪ ڪتاب لکيو اٿم، ان جو ڇا ڪجي؟ مون ڪيس چيو تہ ڪنهن سان ڳالهايان ٿي.

ادا مدد علي سنڌيءَ ان سلسلي ۾ مدد ڪئي ۽ مهرباني ڪري ادا عزيز شيخ جي گهر وڃي ڪائنس مسودو وٺي آيو، ڇو تہ ان مهل حڪومت جو مدو پورو پئي ٿيو، ان ڪري ڪتاب تہ ڇپجي نہ سگهين. اميد اٿم تہ سنڌ حڪُومت جو ثقافت کاتو، شيخ عزيز کي مان ڏيندي اهو ڪتاب ضرور ڇپرائيندو.

شيخ عزيز جي دسترس رڳو سنڌ سان متعلق معاملن تي ئي نہ هئي پر پاڪستان جي تاريخ ۽ سياست ۽ بين الاقوامي معاملات ئي بہ هن جي گهري نظر هئي اسان وٽ اهڙي قابليت ۽ اهليت رکندڙ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ئي رهجي ويا آهن. سنڌي اخبارن ۽ صحافت سان سلهاڙيل صحافي تہ پنهنجي ئي برادريءَ کان بَہ مشڪل داد وصول ڪري سگهندا آهن، ڇو تہ اڄ ڪلهہ صحافي ٿيڻ بنهہ سولو آهي ۽ اهڙن صحافين لاءِ صحافتي آداب، قدر ۽ عام هئڻ ضروري نہ ٿو سمجهيو وڃي.شيخ عزيز جي سامهون پنهنجي اڳئين نسل جا باوقار صحافي بہ هئا تہ سندس هم عصر پڻ. هن سيني جي تجربن مان بہ سکيو ۽ پاڻ پورهيو ڪري پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ هڪ مثال بڻجي ويو.

سياسي معاملن تي هن جا متوازن تجزين ۽ اڻ ڏري صحافت جي پيڙهہ وڌي، پاڪستان جي سياسي تاريخ تي سندس ٻن جلدن تي مشتمل ڪتاب ”تقسيم کان تقسيم تائين“ کي اسان جي ملڪي تاريخ جو انتهائي مستند ڪتاب چئي سگهجي ٿو. ان ڪتاب جي پهرين جلد جي مهاڳ ۾ شيخ صاحب انهن ڳالهين کي بہ واضح ڪيو آهي. جيڪي پاڪستان جي تاريخ کي اڻ ڏريو، ايماندارانہ طريقي سان لکڻ ۾ رڪاوٽ بڻيا رهيا. هن جي خيال مطابق ”تاريخ نويسيءَ جي جديد نظريي

جهڙيءَ طرح قومن ۾ شعور پيدا ڪيو آهي، سو اسان ۾ ناپيد آهي، اسان اجا تائين بادشاهن جي فتوحات جي ڳالهين ڪي پڙهي پاڻ ڪي تاريخ جا شاگرد چورايون ٿا، يا وري چچ نامي جهڙي ڪتاب ڪي تاريخ جو هڪ وڏو ماخذ سمجهي ان ڪي ساراهڻ ۾ لڳا پيا آهيون. اسان جا ڏاها مورخ اجا تائين سنڌ جي ڪا مستند تاريخ مرتب ڪري نہ سگهيا آهيون. سنڌ جا پوري ملڪ جا تاريخي ماخذات اجا تائين مستشرقين جي حوالن تي رکيا وينا آهن. حد تہ اها آهي تہ سنڌيءَ جي صوتيات تي تحقيق ڪرڻ لاءِ اسان ڪي يورپي ۽ آمريڪي اسڪالرس جي رهنمائي وٺڻي ٿي پئي. شيخ عزيز صاحب جو هي ڪتاب پاڪستان جي وجود ڪان وٺي مشرقي پاڪستان جي بنگلا ديش ٿي وڃڻ تائين جو هڪ اهم دستاويز آهي، جنهن ۾ اهي سيئي محرڪات درج آهن، جن جي ڪري هي ملڪ نہ حقيقي جمهوريت ڪان آشنا ٿي سگهيو ۽ نہ ئي وري ملڪ سان محبت ڪرڻ وارا بي لوث عناصر ان جي سياست ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي سگهيا.

شيخ عزيز ڪي خون ۾ ذهانت سان گڏ محنت جي سُتي بہ پيل هئي، هن ڪي هو پنهنجي پيشي سان جنون جي حد تائين عشق هو، ان ۾ وري سندس مطالعي جي ذوق وڏيڪ گهرائي ۽ مستند معلومات قلم بند ڪرڻ جي سگهہ پيدا ڪئي. ان ڪان علاوه سنڌيءَ سان گڏوگڏ اردو ۽ انگريزي زبانن تي عبور مٿس سنڌي ڪان علاوه اردو ۽ انگريزي اخبارن جا دروازا بہ کولي ڇڏيا. پنهنجي صحافي زندگي جو سفر حيدرآباد ڪان شروع ڪرڻ واري شيخ عزيز ١٩٥٧ع ڪان وٺي ١٩٨٠ع تائين انهي ٿڌڙين هوائن واري شهر ڪي ارپيا ۽ پوءِ جڏهن سنڌ جي راڄ ڌاني ڪراچيءَ ۾ آيو تہ روزناما ”جنگ“ جي ميگزين ڪي بہ سنواريائين تہ ١٩٨٧ع ۾ ”حريت“ جي نيوز ايڊيٽر طور بہ ڪم ڪيائين. ١٩٩٠ع ڌاري انگريزي اخبار ”ڊان“ ۾ سب ايڊيٽر ٿيو ۽ ٢٠٠٨ع ۾ اتان ايڊيشن انچارج طور رٽائر ٿيو. ڊان اخبار ۾ هن جا سنڌ جي معتبر ماڻهن تي لکيل خاڪا، نهايت مستند ۽ ادبي تاريخي اهميت جا حامل آهن.

٢٠٠٨ع کان ٢٠١١ع تائين شيخ عزيز صاحب سنڌي ادبي بورڊ ۾ وائيس چيئرمين طور بہ ڪم ڪيو. اهو منصب شايد سندس پيشيوراڻي زندگيءَ جو آخري منصب هو. هن جي صحافتي خدمتن جي حوالي سان سندس خدمتن جي اعتراف طور ٢٠٠١ع ۾ هن کي ترقي پسند ادبي ايوارڊ سان نوازيو ويو. ٢٠٠٠ع ۾ صحافت ۾ ايڪسلنس ايوارڊ بہ کيس ڏنو ويو. هو حيدرآباد پريس ڪلب جو ١٩٦٣ع کان ١٩٦٦ع تائين صدر پڻ رهيو، ١٩٧٤ع ۾ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي صدارت بہ ماڻيائين.

هن جي قلم مان ڪيترا ئي ڪتاب تحرير ٿيا آهن، جن مان ڪجهہ هي آهن، پوليٽيڪل هسٽري آف پاڪستان، پٽو ميمورائيس ايںڊ ريميمبرينسز، سنڌي ادب جي تاريخ ۽ سنڌي موسيقيءَ جي ابتدا ۽ ارتقا. سندس لکيل ڪتابن جي عنوان مان ئي توهان کي اندازو ٿي ويو هوندو تہ هو متنوع موضوعات تي طبع آزمائي ڪندو رهيو آهي. اسان ان کي رڳو صحافت تائين محدود نہ ٿا رکي سگهون. تاريخ، ادب، موسيقي، ثقافت، سياست ۽ صحافت هن جا موضوع رهيا آهن. اسان هن کي سندس من گهرئي پيشي صحافت جو ناميارو ۽ صف اول جو صحافي تسليم ڪندي، کيس مورخ ۽ ناميارو اديب تسليم ڪرڻ کان بہ انڪار نہ ٿا ڪري سگهون.

پنهنجن ٻن لائق پٽن طارق ۽ خرم ۽ قابل نياڻين ڊاڪٽر شهلا ۽ منيزه جو ناميارو پيءُ ان لحاظ کان خوش قسمت هو تہ هن خود دار شخص ڏاڍي عزت ۽ مان سان پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم يافتا ٿيندي ۽ سٺا عهدا ماڻيندي ۽ خوشگوار ازدواجي زندگي گذاريندي اکين سان ڏٺو. سندس بيماريءَ ۾ سندس خاندان پاران سنڌ حڪُومت جي ثقافت کاتي کي ”سار نہ لهڻ“ جو ڏوراپو بہ نہ ڏنو ويو. هو جيتري وڏي انا وارو خوددار، باعزت ۽ معتبر ماڻهو هو ۽ اوترو ئي شان مان سان هيءَ دنيا بہ ڇڏيائين ۽ ساڳي طرح عزت ۽ شان سان پنهنجي سادي پر شاندار زندگي بہ گذاريائين.

سندس شادي به ياد اٿم، جڏهن هڪ پولي پالي گهٽ عمر واري متوسط گهراڻي جي ڇوڪري حميده سندس زندگيءَ ۾ آئي، جنهن کي هن اڳتي پڙهڻ لاءِ همٿايو ۽ هوءَ سنڌي ادب ۾ ايم اي ڪري ڪراچيءَ جي هڪ ڪاليج مان پروفيسر ٿي رٽائر ٿي. حميده جو شيخ عزيز جهڙي ارڏي شخص سان زندگي گذارڻ، سندس ٻارن کي سٺي تربيت ڏيڻ، سندس خاندان ۽ دوستن سان ناتا رکڻ ۽ نڀائڻ وري هڪ ٻي ڪهاڻي آهي. حميده ته ادا عزيز تي بس اکن ڇڪن ۽ گهور ويندي رهي آهي. عشق ڇا ٿيندو آهي ۽ ڏکين حالتن ۾ محبوب سان هم قدم ٿي زندگي ڪيئن گذاربي آهي، حميده عزيز شيخ ان جو جيئرو جاڳندو مثال آهي. اهو ئي سبب آهي جو ادا عزيز پنهنجي ڪتاب ”تقسيم کان تقسيم تائين“ جو انتساب سندس نالي ڪندي لکيو آهي ”حميده جي نالي جنهن مون جهڙي اڻ گهڙيي ڪاٺ مان مجسمو ناهڻ لاءِ سڄي ڄمار ڳاري ڇڏي.“ حميده لاءِ ته باقي زندگيءَ جو سفر اڻانگو ٿيندو پر منهنجو ارڏو، البيلو ۽ منڙو ادا عزيز شيخ پنهنجو وارو وڄائي ويو. منهنجي ياءُ آفتاب کي هنج ۾ ويهاري آگر پڪڙي هلائڻ ۽ عبرت اخبار جي دفتر ۾ ادا جاني (پير مظهر) سان ڪچهريون ڪندي ڪيس زندگيءَ جي لاهين چاڙهين کان واقف ڪندو رهيو. آفتاب جي دنيا مان اوچتي لڏي وڃڻ تي هو به اوترو ئي لڇيو هيو جيترو اسان پئي تڙپياسين. پر زندگي اها ئي آهي، آخر فنا! ۽ پوئتي رهجي وڃڻ وارن لاءِ بس... جدائي، امتحان ۽ آزمائش! ادا عزيز توهان وڇڙي ته ويا آهيو پر ياد ڏاڍا ايندئو.

(روزاني عوامي آواز ڪراچي، آچر 14 آڪٽوبر 2018 ع)



پي ٽي وي جي هڪ پروگرام ۾ مهتاب اڪبر راشدي شيخ عزيز، خان محمد پنهور ۽ نصرت ابڙي سان گفتگو ڪري رهي آهي.

# يادن جي نگار خاني مان

## نصير مرزا

آچر ستين آڪٽوبر 2018ع، صبح جا ست، هر دل عزيز استاد محترم شيخ عزيز سدائين لاءِ، اسان کان وڇڙي چڪا هئا. جيئن هر ڄاتل سڃاتل شخص جي پويان بطور رهبر رهنما ڪونہ ڪو استاد ضرور ۽ منهنجي لاءِ منزل جو نشان ۽ آئيڊيل شيخ عزيز صاحب، جنهن جي نقش قدمن ڪي اڪين ۾ رکي، مون ڪا نہ ڪا منزل ماڻي ضرور، سندن شخصيت ۾ اسان شاگردن جي لاءِ ڄا تہ عجيب طلسم هو، ڪلاس روم هجي يا آرٽس فيڪلٽيءَ جي ڪاريڊار ۾ ڪرسين تي ويهي هلندڙ ڪچهري، هر هنڌ شيخ عزيز صاحب سراپا ڄاڻ جي کاڻ ۽ اڄ مُڙي ٿو ڏسان تہ ساڻس گڏ گذاريل، هر هڪ گهڙي، جڻ ياد جي آسمان تي اندلٺ ريڪا، صحافت، ادب، آرٽ، موسيقي، ٿئيٽر، حسن سان موھ، عشق، جنون، رويي ۾ شفقت، لهجي ۾ نرمي ۽ اهڙا سارا گُڻ شيخ عزيز مان ئي اسان پرايا.

بيشڪ جديد سنڌي صحافت ۾ سراج الحق ميمڻ صاحب جو وڏو نالو هو پر خبر جي ڊسپلي، لي آئوٽ ۽ ان جي ادبي چاشني پري ڏيکارڻ ۾ شيخ عزيز صاحب جهڙي ايڊيٽر ۽ سڪيا ڪار ڪي ڪيئن آئون وساريان ! 1978ع کان 1980ع تائين پور ٽي ورهيہ ، سنڌ يونيورسٽي ۾ شعبہ صحافت کان ڪوھ نور چاڙهي لڳ، سنڌ نيوز اخبار جي دفتر تائين پاڻ مرڪندڙ گلاب جي گل مثل ۽ روشن شمع. هي آئون، آغا رفيق، آفتاب پناڻ، ظهير شيخ، نور احمد چنڙ، عبدالخالق جوٽيجو، جئہ رام ائين سندن ارد گرد جهڙا پتنگ ۽ پروانا.

پاڻ بابت ڇا لکان، منهنجي زندگيءَ جو ڪو بهترين دور تہ بس اهو ئي هو، جيڪو سندن قدمن ۾ مون گذاريو. سندن وصال جي دڪدائڪ خبر جيئن ادا مدد علي سنڌي ۽ نور چشم طارق عزيز شيخ

(جنهن کي شيخ صاحب پيار مان سدائين راڻو سڏيندا هئا) کان ٻڌم ته ساڻس گڏ گذاريل وقت جون سوين ساروڻيون، ڪُجھ ڏنڌليون، ته ڪُجھ چٽيون چوطرف کان ڦرڻ لڳيون. اجهو تصور ۾ پهرين تصوير اڀري آئي آهي. سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري جي اسٽيٽڪس ڊپارٽمينٽ جي فرسٽ فلور تي شيخ صاحب ڪلاس روم ۾ بليڪ بورڊ جي ڀر سان بيٺل آهي ۽ ان نئين شروع ٿيندڙ شعبي ۾ ٻڌايائون پئي خبر، اخبار، صحافت جي نفسيات......

"ماڻهو صبح جو اخبار ان لاءِ پڙهندو ۽ ريڊيو، ٽي وي ان لاءِ کوليندو آهي ته ڏسان آئون جي بچي ويو آهيان ته باقي دنيا ڇا پئي ڪري!" پوءِ انهيءَ شام سنڌ نيوز ۾ پريڪٽيڪل.... اتي به شيخ صاحب جا شاگرد پروانا موجود، سهيل سانگي، امداد چانڊيو، اسرار شام ۽ فور مئن استاد گل بابا.

زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو پتو پيو اتي، ڪو ڪابي ڏر، ته ڪو ساڄي ڏر جو. گڏو گڏ آئوٽ ڊور اسٽڊي ٽوئرز، جيڪي شاندار ايراني آرام ده بدڙس ۾.... ۽ انهن ۾ مهتاب آپا گڏ ۽ ان جي بي مثل مُرڪ....

شيخ صاحب جي ساري سنڌ ۾ ايڊيٽر طور پي آر شپ زبردست. هاڻي موهن جو دڙو وڃون، سکر بئراج، رني ڪوٽ، پي ٽي وي، ريڊيو ڪراچي، حيدرآباد، هر هنڌ ضيافتون، گڏو گڏ سيد صالح محمد شاهه، عابده پروين، زرينه بلوچ سان ملاقاتون، جنهن سبب ئي مون کي ريڊيو پروڊيوسر ٿيڻ جو شوق ٿيو، ايئن شيخ صاحب جي ايتري صحبت ملي جو آئون ريڊيو ۾ ريجنل ڊائريڪٽر تي ويس. پاڻ مون کي فيڪلٽي ٽاپ جو اعزاز ڏياريائون، فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن پڻ.

اجهو ياد جو هي منظر اوجهل ته، سنڌ نيوز ۾، يونيورسٽيءَ مان موٽڻ وقت شيخ صاحب جي ٽئبل تي لنچ وارا ٽفن باڪس، جيڪي کلندا هئا ته مڇي، پلي، سلاد ۽ اسٽائيل سان ڪپيل ليمن جي خوشبو ۽ شامي ڪباب، چاپون، جيڪي سڀ پاڃائي حميده شيخ عزيز جي هٿن جون ناهيل، پاڃائي حميده کي اسين سڀ شاگرد شيخ صاحب سان والهاڻي

پيار سبب، احترام ۾ امڙ حميده ڪري سڏيندا هئاسين. هوءَ شيخ صاحب کان ڄمار ۾ ڪافي ننڍي ۽ خوبصورت شخصيت واري شفيق خاتون آهي. اجهو لنچ وارين ڊشز، انهن جي خوشبو ۽ ذائقي واري ياد ۾ گم ۽ سامهون اُڀري آئي آهي هي تصوير: منهنجي ذاتي لائبريري جو شيلف، جنهن ۾ شيخ صاحب جا سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب، عملي صحافت، سنڌ جون پر اسرار ڪهاڻيون، الحمرا جا داستان، نقش لطيف، مون لينن جو ڏيهہ ڏنو، تقسيم کان تقسيم تائين، سنڌ ڪي محلاتي سازشين، ننڍي کنڊ ۾ ڊرامي جي تاريخ، راڳ ساگر، بر صغير ۾ موسيقي لکڻ جي روايت ۽ پٺو کان ضياءَ تائين وغيره گڏو گڏ ننڍي کنڊ جي ٽاپ موسٽ مرحوم راڳين، اداڪارن، اديبن، صداڪارن ۽ سازڪارن بابت لکيل تعزيت نامن جون ڪلپنگس....

اکين اڳيان اهي منظر بہ اوجهل ته، امڙ حميده سان شيخ صاحب جي گفتگوءِ جي تصوير سامهون..... سندس چوڻ ته شيخ صاحب، جنهن جو سمهڻ وارو ڪمرو اهڙو جو، ان جي چوءِ طرف آڊيو ويڊيو ڪئسٽس جا انبار، ڪلاسيڪل فلمون، سمفنيز جون سي ڊيز، پنهنجي پسنديده راڳي بڙي غلام علي خان، منور علي خان، رضا علي خان، زاهده سلطانہ، نورجهان، فريده خانم، اقبال بانو، مهدي حسن ۽ ڪنن ۾ باک ڦٽيءَ تائين اکين آڏو ڪمپيوٽر ۽ ڪي بورڊ تي آڱريون هلندڙ..... دوران مصروفيت چانهن ۽ ٿورا بسڪيٽ.

اجهو هي منظر بہ اوجهل تہ ان جي جاءِ تي نئين تصوير اُڀري آئي آهي: " تون وقت ڪڍ، مون وٽ نويد بنگلوز، گلستان جوهر اچ، مون وٽ جيڪو آڊيو ويڊيو مٽيريل آهي، ان جو ڪئٽلاگ ٺاهيون "پوءِ ٻڌائڻ لڳا تہ " پنهنجي آٽو بائيو گرافي مون لکي آهي، توکي ان ڪتاب جو بئڪ ٽائيٽل لکڻو آهي" سيل فون تي هي عظيم استاد پنهنجي ادنيٰ شاگرد کي ڇا اعزاز بخشي رهيا هئا ۽ هيڏانهن حالت منهنجي هيءَ جو خلا ۾ اڏامڻ ٿو لڳان. ياد جي نگار خاني مان سڪ ڇنڀ ۾ اها تصوير بہ گم- ۽ جيڪو منظر سامهون، اهو هي.... نيشنل

ميوزم ڪراچيءَ جو شمشيرالحيدري هال وارو آڊيٽوريم، جتي ڪجهه مهينا اڳ عبدالقادر منگي صاحب جي آتم ڪٿا "مان جوئي آهيان سوئي آهيان" جي مهورت شيخ عزيز صاحب ۽ امڙ حميده فرنٽ سيٽ تي موجود. شيخ صاحب شديد ڪمزور، سندن پيرن ۾ ويهي رهيس. "اڙي بابا، اڙي بابا" هميشه جيان اهو پنهنجو تڪيه ڪلام دهرائين ٿا. " نيڪ ته آهيو نه " ڳڻتيءَ مان پڇيو. " اڙي بابا ڇا ٿيو آهي مون کي نيڪ ته آهيان هلان ڦران پيو، موج به ڪريان پيو ۽ لکان به پيو "

اجهو اهو منظر به اکين کان الوپ...هاڻي امڙ حميده جو ڳڻتي واري آواز ۾ فون ٿو اچي : " نصير، پنهنجي استاد سان تڪڙا تڪڙا ملو، شيخ صاحب بابا نيڪ ناهن. توهان کي ياد ڪري روئيندا به آهن "

ياد آيم به ورهيه اڳ روزاني ڪاوش حيدرآباد جي صفحن ۾ سندن سالگره جي ڏينهن تي ڪالم لکيم، پسند ڪيائون ۽ داد طور چار لڙڪ به آڇيائون.

اوچتو اها تصوير به گم ۽ هي آچر ستين آڪٽوبر 2018ع . صبح سان لڙڪن ڀنل آواز ۾ ٻئي پار کان طارق عزيز شيخ ٻڌائڻ ٿو لڳي ته ڇنڇر تي دل جي تڪليف سبب لمس حيدرآباد پئي آياسين اتي ڊاڪٽر ڏنو ته مايوسي ڏيکاريائون، تڏهن موٽي ڪراچيءَ جي هڪ وڏي خانگي اسپتال پهتاسين. اُتي دل جو آپريشن ڪامياب ٿيو، دل جي شرياني ۾ اسٽنٽ رکيو ويو ۽ رت روان ٿي ويو، پر اوچتو ان کان اڳ طارق عزيز زار و قطار روئڻ لڳو ۽ اها تصوير به اوچتو ڏنڌلي.

۽ اکين سامهون جيڪا تصوير، اها گلستان جوهر بلاڪ سترنهن نويد بنگلوز جي مسجد جي جتي پاڻ ڏولي ۾ آرامي پيا آهن، جتان اسان جي شيخ صاحب جو آخري سفر شروع. تڏهن سندن صحافت واري ڪامياب سفر جون يادون به سامهون اينديون رهيون. روزانه ڪاروان، عبرت، سنڌ آبزرور، سنڌ نيوز، حريت، ڊان، ادبي بورڊ جي وائس چيئرمينن شپ، ڪيترن ئي ادارن جي مشاورت ۾ شراڪت. ٿامس ڪاليج آف جرنلزم، لنڊن ۾ صحافت جي تعليم ۽ ڪسنڌين جي انهيءَ

قافلي ۾ جيڪو پهلوان ڳوٺ واري قبرستان ڏانهن وني ويندڙ، ڪير ڪير نمايان، ڪلهي ڪانڌيء پروفيسر محمد سليم ميمڻ، مدد علي سنڌي، الهہ ڏتو وگهيو، ذوالفقار شيخ، آغا رفيق، ڪرم الاهي چنا، اختر مرزا، جاويد مرزا، ڊاڪٽر ايوب شيخ، ڪرم علي شاهہ، فقير محمد ڏاهري، حافظ احمد الدين انيڙ، سڪندر شاهہ ۽ تربت ۾ لاهڻ وقت طارق عزيز شخ ۽ خرم عزيز شيخ.

۽ هي انين آگسٽ 2018ع جي منجهند 9 ڊسمبر 1938ع تي امڙ بختاور شيخ ۽ والد احمد شيخ جي هيء امانت سدائين لاء مٽيء ماء جي هنج ۾ لهي وئي.

مٽي اول، مٽي آخر، مٽي زنده آباد.

(ڪاوش دنيا مئگزين، آچر 14 آڪٽوبر 2018ع)



ناميارو شاعر، اديب، براڊڪاسٽر ۽ شيخ عزيز جو نهايت عزيز شاگرد نصير مرزا پنهنجي شفيق استاد جي آخري آرام گاهہ تي دعا گهرندي.

# شيخ عزيز عالَمي سطح جو صحافي هو

## قاضي اسد عابد

شيخ عزيز جهڙا صحافي سنڌ ۾ صحافت جي روايتي جمود ٽوڙڻ ۾ شروعات ڪئي، پهريون پيرو سنڌي اخبارن ۾ هفتيوار ميگزين بہ شيخ عزيز عبرت جو جاري ڪيو جيڪو عوام جو پسنديده بنجي ويو ۽ ماڻهن ورهين جا ورهيہ ان جا پرچا سانديي رکي. انهي ڪان پوء ٻين اخبارن هفتيوار ميگزين شروع ڪيا. شيخ عزيز ڪيترا ئي مختلف دلچسپين وارا سلسلا پڻ جاري ڪيا جيڪي عوام ۾ مقبوليت ماڻي ويا. انهي ڪان اڳ ڪوبہ صحافي اهڙو ڪونہ هو جنهن سنڌي صحافت ۾ جدت آندي هجي ۽ اها ابتدا عبرت ڪان ٿي جيڪا سنڌي اخبارن ۾ هر نواڻ آڻيندڙ اخبار بڻجي ابري.

شيخ عزيز سنڌ جي علم، ادب، آرٽ ۽ ڪلچر جو اهم اڳواڻ هو. هن پنهنجي سڄي زندگي صحافت ۽ سنڌ جي عوام لاء جدوجهد ۾ گذاري. بلاشڪ شيخ صاحب جو شمار سنڌ جي انهن شخصيتن ۾ ڪري سگهجي ٿو جيڪي ملڪ ۽ عالمي سطح تي پيٽي سگهجن ٿيون. پاڻ هميشہ تحقيقي ۽ منفرد مضمون ۽ عنوان سامهون آندائون جنهن سان پڙهندڙ کي بهتر ڪان بهتر ڄاڻ ملي. هڪ جاکوڙي صحافي ڇا هوندو آهي انهي جو سنو مثال ڏيڻو هجي تہ انهي لاء شيخ عزيز جو نالو چوندي سگهجي ٿو. اخبار سان لاڳاپيل سمورن شعبن جي مڪمل ڄاڻ رکندڙ اهڙو صحافي هو جيڪو وقت تي اخبار ڪيڻ جو ماهر هوندو هو اهو بہ سمورين اسٽورين سان.

شيخ صاحب کي اهو اعزاز بہ حاصل هو تہ هن کي راڳ ۽ راڳ جي استعمال ٿيندڙ اوزارن بابت مڪمل دسترس حاصل هئي. پاڻ سنڌي موسيقيءَ تي تحقيق ڪيائين. ڪافي مضمون، مقالا ۽ ڪتاب لکيائين.

سنڌي صحافت هجي يا انگريزي ۽ اردو، هو هڪ ئي وقت انهيءَ کيتر ۾ نه فقط اهم مقام رکندڙ هو پر رهنما ڪردار ادا ڪيائين. سندن صحافتي ڪيريئر ۾ سڀ کان ڊگهو وقت عبرت اخبار ۾ ملي ٿو جيڪو عبرت لاءِ پڻ اعزاز آهي. هن جي پوري زندگي محنت ۾ گذري، پنهنجي ڪم سان مخلص رهندو آيو. شيخ صاحب جو وڇوڙو سنڌ جو وڏو نقصان آهي جنهن جو پورائو ڪيترن ئي سالن تائين به نه ٿي سگهندو. رب سائين شيخ عزيز کي جنت ۾ جاءِ ڏيندو ۽ سندس پونيرن ۽ سڄي سنڌ جي نوجوانن کي سندس نقش قدم تي هلڻ جي توفيق ڏيندو، آمين.

(روزاني عبرت حيدرآباد)



عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جو چيف ايگزيڪٽو قاضي اسد عابد، هلچل اخبار جو ايڊيٽر يونس مهر, دي ريجنل ٽائمز جو ايڊيٽر قاضي سجاد ۽ عوامي فورم اخبار جو چيف ايڊيٽر علي بخش مئو صاحب شيخ عزيز جي وفات تي تعزيت ڪندي.

# *Shaikh Aziz*

## By: Nasir Ali Panhwar

**EMINENT** journalist and writer Shaikh Aziz passed away last week. His demise has put an end to an era. He was an encyclopedic personality with in-depth knowledge of history, literature, music, politics and socio-economic conditions of the country.

Born in 1938 in Hyderabad, Aziz was an eyewitness to major political changes in the country. He played a pivotal role in promoting journalism and education.

In the late 70s, Shaikh Aziz joined hands with Dr Khan Mohammad Panhwar, the founder of the media and communication studies department at the University of Sindh, Jamshoro, and remained visiting faculty in the department along with Johar Hussain. He authored the first Sindhi book on journalism, which is a part of the syllabus of the mass communications department.

During his association with Dawn, he wrote Pakistan's history in a weekly column in Dawn magazine. It lasted nearly four years

One will be hard put to find a person of his calibre. May his soul rest in peace. (daily Dawn, October 12th, 2018)


جيجل

سومر، 27 محرم 1440هـ، 8 آڪٽوبر 2018ع

شيخ عزيز جو وڇوڙو

منفرد جنهن جو صحافت ۾ مقام
سو حوالو جڳ اڏورو ٿي ويو
"شيخ صاحب" جي وڇوڙي ساڻ جڳ
نظريي جو دور پورو ٿي ويو
(ياسر قاضي)

# Bilawal Bhutto Zardari expresses deep grief and sorrow over the sad demise of renowned journalist Shaikh Aziz

MediaCellPPP.

KARACHI, October 7: Chairman Pakistan Peoples Party Bilawal Bhutto Zardari has expressed deep grief and sorrow over the sad demise of renowned journalist Shaikh Aziz who passed away on Sunday.

In a condolence message to his son Tariq Aziz Shaikh, the PPP Chairman said that late Shaikh Aziz was a professional and outstanding personality whose dedicated services in the fields of journalism, literature and history will remain an asset for the future generations.

Bilawal Bhutto Zardari prayed to Almighty Allah to rest the departed soul in eternal peace and grant courage and fortitude to the members of bereaved family to bear this irreparable loss with equanimity.


شيخ عزيز سچو ۽ کرو انسان هو، مون کي صحافت سيکاري: پير مظهر

مان 16 سالن جو هئس ته هارين جي هاري جي صفحي جو انچارج بڻايو ويو

اڳوڻو وزير لنڊن کان واپس پهچندي شيخ عزيز جي گهر ۽ پونيئرن سان ڏک ونڊيو

ڪراچي: اڳوڻو سينيئر صوبائي وزير پير مظهر الحق صحافي شيخ عزيز جي وارثن سان تعزيت ڪندي

# شيخ عزيز سنڌ جو ڏاهو ۽ عظيم انسان

پير مظهرالحق

منهنجو شيخ عزيز سان واسطو تڏهن کان وڌي رهيو جڏهن مان اڃا مس سورهن ورهين جو هوندس. مان عبرت اخبار ۾ هن وٽ صحافت سکڻ آيو هئس. شيخ صاحب مون کي صحافت سيکارڻ سان گڏوگڏ منهنجين صلاحيتن کي سجاتو ۽ اهي اپارڻ ۾ به مدد ڪيائين. هن مون کي اهو احساس ڏياريو ته مون ۾ صحافت کان وڌيڪ معاشري جي ڀلائي وارن ڪمن ڪارين جو جذبو آهي، انهي ڪري مون سياسي ۽ سماجي طور ڪاميابيءَ سان اهو ثابت ڪري ڏيکاريو.

شيخ صاحب مون کي عبرت اخبار ۾ ٻارن جي هفتيوار صفحي ٻارن جي ٻاريءَ جو انچارج بڻايو ۽ ان کان پوءِ مان 'ماما موجي' جي نالي سان سڃاتو ويس. شيخ صاحب هن صفحي کي وڌيڪ دلچسپ بنائڻ لاءِ سهڻيون صلاحون ڏيندو هو. انهن ڏينهن ۾ هن مون کي ٻارن جو ميلو لڳائڻ جو به مشورو ڏنو هو ۽ مون ائين ئي ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ ميلو ڪامياب ٿيو ۽ پوءِ هر سال اهو سنڌ ٻالڪ ميلو لڳندو رهيو جيستائين مان عبرت ۾ هئس.

منهنجي نظر ۾ شيخ عزيز سنڌ جو ڏاهو، منفرد ليکڪ ۽ عظيم شخص هو. جڏهن مان سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين هئس ته مون هن کي وائس چيئرمين بنايو ۽ مٿس اعتماد ڪري پنهنجا سمورا اختيار هن کي ڏئي ڇڏيا هئا جيڪا ڳالهه بورڊ آف گورنرس جي منظوري سان ٿي هئي. مون کي يقين هو ته هو پنهنجون ذميواريون ڀرپور نموني نڀائيندو ۽ اهو هن ثابت ڪيو. شيخ عزيز وڏو ذهين انسان هو. هن کان سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي پريس کي بهتر ڪرڻ ۾ پڻ مدد ورتي هئي.

(روزاني عبرت حيدرآباد، 27 نومبر 2018ع)

# شيخ عزيز جي مرتئي تي لکيل تاريخ جو هڪ پنو

## نصير اعجاز

ستٽيهه سال اڳ ١٩٨١ع جي ابتدائي مهينن مان ڪو هڪ مهينو هو جڏهن ڪراچيءَ ۾ سنڌ اطلاعات کاتي جي آفيس ٻاهران مرحوم خان محمد پنهور ملي ويو ۽ ملندي ئي چيائين: ”ويهه ڪار ۾ ته خيرپور هلون، سچل جي ميلي ۾. هيءَ ڪار ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ موڪلي آهي ته جيئن ڪراچيءَ مان ڪجهه دوستن کي ادبي ڪانفرنس لاءِ وٺي اچان.“ مان تن ڏينهن ۾ هيس ته واندو جو هلالِ پاڪستان اخبار مان ٣٥ ملازمن کي برطرف ڪرڻ خلاف هلچل هلائڻ تي مان به نوڪري وڃائي ويٺو هئس، پر نه گهر وارن کي ڪو اطلاع، نه ڪو اضافي لٽو ڪپڙو، سو گهٽو ئي ٿتايم پر دوست جي زور آڏو هڪ نه هلي. ڪار ۾ چڙهي پهرين ته اورنگي ٽائون وڃي ڪجهه ڪپڙا کنيم جنهن ڪانپوءِ ڪار ناظم آباد واري پاسي هلڻ لڳي ته تڏهن خان محمد پنهور ٻڌايو ته شيخ عزيز به اسان جو هم سفر هوندو.

شيخ عزيز سان ڪجهه ورهين کان نيازمندي هئي، پر ساڻس سفر ۽ ڪچهريءَ جو اهو پهريون موقعو هو. سفر ڊگهو هو پر اسان ٿئي ڪچهريءَ جا ڪوڏيا، سو سفر جي ڊيگهه جي خبر ئي ڪا نه پئي، پر ان سفر جي خاص ڳالهه هئي سنگيت بابت شيخ عزيز جي ڄاڻ. سنڌس ئي پسند تي ڪار ۾ استاد منظور علي خان جا ڪلام هلڻ شروع ٿيا ته هن اسان کي هر راڳ ۽ سُر بابت به ٻڌائڻ شروع ڪيو. استاد منظور علي خان جو هڪ ڪلام ته اهڙو هو جنهن کي ٻُڌڻ سان اسان روحاني طور ڄڻ ته ڪنهن ريگستان ۾ اُنن جي قافلن سان گڏ سفر ڪري رهيا هئاسين جتي رات جي سانت ۾ رُڳو اُنن جي ڳچين ۾ ٻڌل ٽلين وڄڻ جا آواز گونجي رهيا هئا. شيخ عزيز جي فرمائش تي اهو ڪلام

ورجائي هلايو ويو ۽ پوءِ اسان اهو سمورو وقت ان راڳ جي سحر ۾ گُم رهياسين. انهيءَ ڏينهن خبر پئي ته شيخ عزيز رُڳو صحافي ڪونه هو پر ڪيس سنگيت جي علم تي به دسترس حاصل هئي. ان يادگار سفر کانپوءِ اسان جون ٻيون به گهڻيون ئي ڪچهريون ٿيون جيڪي رات جو دير تائين مڌ ماٽيون خالي ٿيڻ تائين جاري رهنديون هيون.

شيخ عزيز مون کان گهڻو سينيئر، بلڪ منهنجي سينيئرس جو به اُستاد هو، پر هو کِلڻو، نماڻو ۽ ميٺ محبت وارو انسان هو جنهن ۾ سينيئر هجڻ وارو هٺ ڪڏهن محسوس ڪو نه ٿيو. صحافت جي رڻ ۾ هن وڏو ڊگهو سفر ڪيو ۽ جيئن ته هن ١٩٣٨ ۾ جنم ورتو هو، تنهنڪري پاڪستان ٺهڻ کان وٺي هن ملڪ اندر جيڪا سياسي اُٿل پٿل ٿي، تنهن جو هُو جڻ ته اکين ڏٺو شاهد هو. سال ١٩٦٠ واري ڏهاڪي کان حيدرآباد جي اخبارن ۾ ڪم ڪرڻ دوران ڪيس ١٩٦٨ع ۾ لندن جي ٿامسن ڪاليج آف جرنلزم مان صحافت ۾ ڊپلوما ڪرڻ جو به موقعو مليو ۽ انهيءَ حساب سان شيخ عزيز سنڌ جو پهريون صحافي هو جنهن پرڏيهي يونيورسٽيءَ مان صحافت جي ڊگري حاصل ڪئي. حيدرآباد ۾ هن پنهنجي جوانيءَ جا ڀرپور ڏينهن گهاريا. جڏهن ١٩٦٣ ۽ ١٩٦٦ ۾ هُو حيدرآباد پريس ڪلب جو صدر به رهيو ته ١٩٧٤ع ۾ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي صدارت به ماڻيائين. صحافت ۾ لندن مان ڊپلوما ڪرڻ کان پوءِ شيخ عزيز صاحب صحافت بابت هڪ ڪتاب به لکيو، جيڪو سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري جي صحافت واري شعبي ۾ شاگردن کي به پڙهايو ويندو هو.

جڏهن ١٩٨١ ۾ اسان گڏ سچل واري ادبي ڪانفرنس لاءِ سفر ڪيو، تنهن کان ڪجهه ورهيه اڳ ئي شيخ عزيز حيدرآباد کي ڇڏي ڪراچيءَ منتقل ٿي چُڪو هو جتي هن اردو اخبارن حُريت ۽ جنگ ۾ ڪم ڪيو ۽ پوءِ ١٩٨٩ کان انگريزي اخبار ڊان ۾ صحافت شروع ڪيائين جتان ٢٠٠٨ م رٽائر ٿيو پر پوءِ به هن ڊان لاءِ لکڻ جاري رکيو

. وڏي ڄمار هوندي به هو ماٺ ڪري ڪونه ويٺو ۽ ايتري قدر جو گهر ۾ هوندي به هُو ڪم ڪندو رهيو.

شيخ عزيز جا ڪيترا ئي تحقيقي مقالا ۽ ڪتاب ڇپيل آهن جن ۾ پوليٽيڪل هسٽري آف پاڪستان Political History of Pakistan اِلسٽرٽيڊ هسٽاريڪل اٽلس آف سومرا ڪنگڊم آف سنڌ Illustrated Historical Atlas of Soomra Kingdom of Sindh ڀُٽو- ميمائرس اينڊ رميمبرنس Bhutto – Memoirs and Remembrance، هسٽري آف سنڌي لٽريچر History of Sindhi Literature ۽ دي اوريجن اينڊ اِوولوشن آف سنڌي ميوزڪ The Origin and Evolution of Sindhi Music شامل آهن.

صحافتي دنيا ۾ سندس قدآور شخصيت هجڻ ڪري کيس اهو اعزاز به حاصل رهيو ته ١٩٩٨ کان ٢٠٠۴ تائين کيس آل پاڪستان نيوزپيپرس سوسائٽي (اي پي اين ايس) جي جج طور طور به مقرر ڪيو ويو جڏهن ته حياتيءَ جي آخري ورهين ۾ هن سنڌي ادبي بورڊ جي وائيس چيئرمن جو عهدو به سنڀاليو.

شيخ عزيز پنهنجي سنگت ۾ اينسائڪلوپيڊيا طور مشهور هو. ڪهڙو به موضوع هجي، وٽس ڄاڻ جو خزانو هوندو هو. مٿي ذڪر ڪيل سندس ڪتاب ته آڱرين تي ڳڻڻ جيترا آهن، پر جيڪڏهن ڊان توڙي ٻين اخبارن ۾ ڇپيل مختلف شخصيتن تي لکيل خاڪن، ملڪي ۽ عالمي صورتحال توڙي ادب ۽ ثقافت تي مضمون گڏ ڪري ڇپرايا وڃن ته ڪيترائي ڪتاب تيار ٿي ويندا. شيخ عزيز پنهنجي حياتيءَ جي آخري ڪجهه ورهين ۾ نهايت ئي اهم ڪم شروع ڪيو هو ۽ اهو هو پاڪستان جي سياسي تاريخ تي ڊان ۾ سندس مضمون جيڪي هُو A leaf From History جي عنوان سان لکندو هو. انهن مضمونن ۾ صدر غلام اسحاق خان هٿان محترمه بينظير ڀٽو جي حڪومت جو خاتمو، پاڪستان ۽ دولتِ مشترڪه، بينظير ڀٽو حڪومت خلاف سازشون، وفاقي شريعت عدالت پاران زرعي سُڌارن کي غير اسلامي قرار ڏيڻ، سنڌ ۾ نسلي فساد، سياچن تڪرار، اڳوڻي آءِ ايس آءِ سربراهه حميد گل جون سياسي

سرگرميون، بينظير حڪومت ڪي ڊاهڻ ۾ حميد گل ۽ اسلامي جمهوري اتحاد جو ڪردار، پاڪستان جو ائٽمي پروگرام، سياست ۾ ڪوڙ، بينظير حڪومت دوران سينيٽ ۾ پ پ پ جي شڪست، جهاز جي حادثي ۾ آمر جنرل ضياءَ جي موت بعد ملڪ جي صورتحال ۾ آيل تبديليون، انهيءَ کان اڳ ١٩٨٥ ۾ جنرل ضياءَ جون ڪرايل غيرسياسي چونڊون، محمد خان جوڻيجي جو وزيراعظم ٿيڻ ۽ پوءِ ضياءَ هٿان ئي برطرف ٿيڻ، اوجهڙي ڪئمپ وارا ڌماڪا، ملڪ ۾ نهندڙ سياسي اتحادن پنيان لڪل ڪهاڻيون ۽ اهڙا ٻيا انيڪ موضوع شامل آهن جن کي پڙهڻ سان معلوم ٿيندو تہ ملڪ جي سياسي حالتن ۽ انهن پنيان لڪل عوامل تي شيخ عزيز جي ڪيتري ڳُوڙهي نظر هئي. منهنجي خيال ۾ پاڪستان جي سياسي تاريخ تي جيترو ڳُوڙهي نظر سان شيخ عزيز لکيو آهي، شايد ئي ٻئي ڪنهن لکيو هجي. جيڪڏهن سندس اهي تحريرون ڪتابي شڪل ۾ اچي وجن تہ هڪ وڏو اهم تاريخي دستاويز ثابت ٿيندو جيڪو موجوده توڙي ايندڙ وقت جي سياست جي شاگردن لاءِ مطالعي جوڳو هوندو.

شيخ عزيز سان منهنجي آخري ملاقات ڪجهہ مهينا اڳ اسان جي هڪ ٻئي دوست يوسف شاهين جي آفيس ۾ ٿي هئي جتي هو ڪڏهن ڪڏهن ساڻس ڪچهريءَ لاءِ ايندو هو. ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ تاريخ جا پنا لکندي شيخ عزيز پاڻ بہ تاريخ جو هڪ پنو ٿي ويندو ۽ پوئتي هڪ وڏو خال ڇڏي ويندو.

(روزاني سنڌ حيدرآباد، 9 آڪٽوبر، 2018ع)

# شيخ عزيز جا ڪجهه مشهور ڪتاب



# شيخ عزيز سنڌ جو اثاثو

## شوڪت حُسين شورو

شيخ عزيز سنڌ جي صحافين ۾ هڪ يگاني حيثيت رکندڙ هو. جيتوڻيڪ صحافت هن جو روزگار هو، پر هو فقط هڪ صحافي ڪونه هو بلڪه گهڻ رخي، غير معمولي شخصيت هو. هن کي ٻين علمن تي عبور حاصل هو، جن ۾ موسيقي، ادب، تحقيق، تاريخ، ثقافت، آثار قديمه شامل آهن. انهن علمن جي مختلف موضوعن تي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ لکيل سندس مضمون توڙي ڪتاب مستند ۽ معياري هجڻ سبب مڃتا ماڻي چڪا آهن. هن وٽ ڄاڻ جو هڪ وڏو خزانو هو جيڪو سنڌ جي لاءِ ڪنهن عالي شان اثاثي کان گهٽ نه هو. اهڙو ڄاڻو صحافي ورلي ڪو تاريخ ۾ ملندو جنهن کي هر موضوع تي معلومات هجي. ان ڪري ئي هن جي لاڏاڻي جو نقصان ڪنهن به ريت پُرجڻ جو ڪونهي. (روزاني عبرت حيدرآباد)



شوڪت حسين شورو، نصير مرزا، شيخ عزيز، سليم ميمڻ، مظهرالحق صديقي ۽ قاضي خادم يادون سانديندي

# شيخ عزيز صحافت، علم ۽ ادب جو پارکو

## امداد علي اوڍو

هيءَ ڳالهه جنوري 1974 جي آهي جڏهن مان هڪ رات حيدرآباد ۾ سليم قاضيءَ (علي قاضيءَ جي وڏي ڀاءُ) جو مهمان ٿي رهيس. پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت هئي. سنڌ ۾ ممتاز ڀٽو وڏو وزير هيو. حڪومت بنگلا ديش کان 2 لک بهارين کي پاڪستان آڻڻ جو فيصلو ڪيو . انهي فيصلي تي سنڌين کي خدشو هو ته اهي سڀ اچي سنڌ ۾ آباد ٿيندا. بهارين خلاف سنڌ يونيورسٽي ۾ سمورين شاگرد تنظيمن جي گڏيل اتحاد هيٺ زبردست تحريڪ هلي. تحريڪ دوران مون کي 21 سيپٽمبر 1973 تي وڏي وزير بهارين جي مسئلي تي ڳالهين لاءِ گهرائي سٽيي نوڪري جي آڇ ڪئي، جيڪا مون پاڻ کي وڪڻڻ جي برابر سمجهي نڪرائي ڇڏي (جيڪڏهن ان وقت نوڪري جي آفر قبول ڪيان ها ته 22 هين گريڊ تائين پهچي رٽايرڊ ٿيان ها) ان وقت ڪامريڊ جام ساقي ۽ ٻيا اڳواڻ جيلن ۾ هيا ۽ مان سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو قائم مقام مرڪزي صدر هيس، حڪومت مون کي خريد ڪري بهارين خلاف هلندڙ تحريڪ کي ڏڪ پهچائڻ چاهي پئي، انڪار ڪرڻ جي نتيجي ۾ ٻن هفتن کان پوءِ مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پنجن سالن لاءِ ريسٽيڪيٽ ڪيو ويو. (ان دور ۾ سيد غلام مصطفيٰ شاهه وائيس چانسلر هيو) ڊفينس پاڪستان رولز (ڊي پي آر) ۽ 13 ڊيءَ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا. (اسان جي بهارين خلاف هلايل تحريڪ جو نتيجو اهو نڪتو جو ٻن لکن جي بجاءِ 50 هزار بهاري اچي سگهيا. وڌيڪ بهارين کي ذوالفقارعلي ڀٽي سنڌ ۾ شاگردن جي سخت احتجاج سبب وٺڻ کان انڪار ڪيو. ڀٽي صاحب کي اهو يقين ڏياريو ويو ته بهارين کي قبولڻ جي صورت ۾ اهي ڦري گهري سنڌ جي شهري علائقن خصوصن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ اچي ديرو ڄمائيندا ۽ حڪومت جي اهڙي عمل

ڪري سنڌ ۾ پارٽي جي مخالفت وڏي ويندي) روپوشيءَ دوران منهنجي غير موجودگيءَ ۾ 20 آڪٽوبر 1973ع تي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو مرڪزي ڪنوينشن جيڪب آباد ۾ ٿيو جنهن ۾ مون کي صدر ۽ شهيد نذير عباسيءَ کي جنرل سيڪريٽري، نائب صدر خير محمد جوڻو ۽ آصف رضوي، جوائنٽ سيڪريٽري سهيل سانگيءَ کي يڪ راءِ چونڊيو ويو. حالانڪ مون دوستن کي چيو هو ته مان ورڪر ٿي ڪم ڪرڻ چاهيان ٿو. توهان پلي ڪنهن ٻئي دوست کي صدر جو عهدو ڏيو پر دوستن جي گڏيل صلاح ڪري مون فيصلو قبول ڪيو. انهيءَ فيصلي تي گهر وارا سخت ناراض هيا. انهن جو چوڻ هيو ته تو کي سرڪار سٺيي نوڪري ڏئي پئي سا قبول ڪري پاڻ عيش ڪرين ها ۽ خاندان کي ٻه فائدو ٿئي ها اهو ته تون نه ڪيو، وري شاگردن تو کي صدر چونڊي تنهنجي لاءِ ۽ خاندان لاءِ وڏا مسئلا پيدا ڪيا آهن. (ان وقت منهنجي گرفتاريءَ لاءِ اڪثر منهنجن ڀائرن کي پوليس تنگ ڪندي رهندي هئي ۽ گهرائي ٿاڻي تي ويهاريو ويندو هيو ۽ پوءِ اسان جو چاچو نبي بخش خان اوڍو ايس پي پوليس تائين پهچي ڀائرن کي انهيءَ آسري تي ڇڏائيندو هيو ته انهن کي ڇڏيو ته هو توهان کي امداد هٿ ڪري توهان تائين پهچائيندا) مرڪزي صدر جي حيثيت ۾ خدا بخش جماليءَ جي فرضي نالي ۽ ڏاڙهيءَ سان سموري سنڌ ۾ انڊر گرائونڊ سرگرميون جاري رکيون. انڊر گرائونڊ سرگرمين کي جاري رکڻ لاءِ پوسٽ ڪارڊ وسيلي ايس اين ايس ايف جي برانچن کي آگاهه ڪيو ويندو هيو. خط جي عبارت خفيه هوندي هئي جنهن ۾ لکيو ويندو هيو ته مولوي صاحب فلاڻي تاريخ تي تبليغ جي سلسلي ۾ توهان جي شهر جي فلاڻي علائقي جي مسجد پهچندو. ائين حيدرآباد جي دوستن کي به منهنجي دوري جي پروگرام کان پوسٽ ڪارڊ لکي آگاهه ڪيو ويو. جڏهن مان مقرر تاريخ تي ٻڌايل مسجد وٽ پهتس ته ونڊ وارو ڪير به نه هيو. مون ڪافي انتظار کان پوءِ سليم قاضيءَ کي فون ڪري آگاه ڪيو. هو اچي مون کي پنهنجي گهر وٺي ويو. (سليم قاضي ايس اين ايس ايف جي ٿنڪ

ٿينڪ جو ميمبر هيو) هن جي گهر تي ترسڻ دوران تقريبن سموري رات ڪچهري ٿي. ڪچهريءَ دوران هن ٻڌايو ته هو سنجيدگيءَ سان سنڌ دوست روزاني اخبار ڪڍڻ جي پلاننگ ڪري رهيو آهي. ان حوالي سان هو صحافت جي شروعات انگريزي ويڪلي ميگ ”سنڌ آبزرور“ سان ڪري رهيو آهي. ان جو ايڊيٽر شيخ عزيز کي مقرر ڪري چڪو آهي. جيڪو اڳتي هلي روزاني اخبار ”سنڌ نيوز“ جو به پهريون ايڊيٽر مقرر ٿيو. صبح جو ناشتي جي ميز تي قاضي سليم جي والد قاضي اڪبر سان به ڪچهري ٿي، جنهن سان منهنجو تعارف خدا بخش جمالي شاگرد ڪوئيٽا يونيورسٽيءَ جي حيثيت ۾ ڪرايو ويو.

14 مارچ 1976ع تي سليم قاضيءَ جو خط پهتو ته مئي مهيني جي پهرين هفتي کان روزاني سنڌ نيوز ڪڍي رهيا آهيون جنهن ۾ توهان کي هر اها شيءِ ملندي جنهن جي سنڌي اخبارن ۾ کوٽ محسوس ڪئي پئي وڃي. هن اخبار ۾ اسين سنڌ جي اپرنڌڙ مسئلن ۽ عام ماڻهن جي مسئلن کڻڻ سان گڏو گڏ سنڌ جي نئين نسل جي امنگن ۽ جذبن جي ترجماني ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. هن اخبار ۾ ممتاز سياسي اڳواڻن جا تبصرا، انٽرويو، ٻارڙن، عورتن، شاگردن جا صفحا، ادبي ايڊيشن، سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت تي خاص مضمون هوندا. ان سلسلي ۾ اسين سنڌ جي دوستن سان ملڻ جو پروگرام ٺاهي رهيا آهيون، جيڪب آباد به اچبو. وڌيڪ روبرو ڪچهري ڪبي. اوهان جي معلومات لاءِ ٻڌائيندو هلان ته ان وقت ڪراچيءَ مان سرڪار جي نگراني هيٺ روزاني هلال پاڪستان نڪرندي هئي ۽ ٻي حيدرآباد مان روزاني عبرت نڪرندي هئي. 30 مارچ 1976ع تي سليم قاضي، شيخ عزيز، اخبار جو سول ايجنٽ ۽ باقي سنگت جيڪب آباد پهتي ۽ اخبار متعلق تفصيلي ڪچهري ٿي. شيخ عزيز سان هيءَ پهرين ملاقات هئي. هو سنڌ نيوز بابت جيڪب آباد جي سنگت کي تفصيل ٻڌائي رهيو هو. مون کي ياد آهي ته شيخ صاحب سماج ۾ صحتمند تبديليءَ لاءِ سگهاري صحافت بابت دليلن سان دوستن سان ڪچهري ڪري رهيو هيو. انهن

ڏينهن ۾ مان تعليم مڪمل ڪري جيڪب آباد ۾ مهراڻ پرنٽنگ پريس قائم ڪري چڪو هيس ۽ هفتي وار سنڌ سجاڳ جي ڊڪلريشن حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هيس. اهو ٻڌائيندو هلان ته اُن وقت اخبار جو ڊڪلريشن وزيراعظم جي منظوريءَ سان ملندو هيو. اُن وقت مير هزار خان بجاراڻي اطلاعات کاتي جو صوبائي وزير هيو. اڳتي هلي سنڌ سجاڳ جو اجراءُ مون آگسٽ 1977ع ۾ ڪيو.

شيخ عزيز جي ڪچهريءَ کان سنگت ڏاڍو متاثر ٿي، شيخ عزيز جي اسرار تي مون سنڌ نيوز ضلعي جيڪب آباد جي نمائندي قبول ڪئي. اهڙي طرح سڄي سنڌ ۾ ايس اين ايس ايف جي اڳوڻن شاگرد اڳواڻن مان اڪثر نمائندا مقرر ڪيا ويا، جيئن نواب شاه لاءِ صالح بلو، خيرپور لاءِ غلام قادر ميراڻي (منصور ميراڻي) وغيره. سنڌ نيوز کي جاري ڪرڻ لاءِ وڏي جوش ۽ جذبي سان تياريون جاري هيون. جرمنيءَ مان جديد پرنٽنگ جون مشينون گهرايون ويون. جرمن انجنيئر مشينون فٽ ڪرڻ لاءِ حيدرآباد ۾ ترسيل هيو. مشينن جي فٽنگ کان پوءِ قاضي سليم جرمن انجنيئر کي جرمنيءَ روانو ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ پئي ويو ته سپر هاءِ وي تي حادثي دوران قاضي سليم اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو. هي نقصان قاضي فيمليءَ سان گڏ ڪابي ڏر جو به ٿيو ۽ سنڌ هڪ لائق ۽ صحافت وسيلي سنڌ جي تقدير بدلائڻ واري نوجوان کان محروم ٿي وئي. حقيقت اها آهي ته جيڪڏهن قاضي سليم ۽ شيخ عزيز جي رهنمائيءَ ۾ سنڌ نيوز نڪري ها ته اسان کي عوامي آواز ڪڍڻ جي ضرورت ڪونه ٿئي ها. هي سموري ڳالهه ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته جديد صحافت ۾ شيخ عزيز جي جيڪا اهميت ۽ حيثيت هئي اها سليم قاضي پرکي ورتي ۽ جديد صحافت وسيلي سنڌ ۾ جيڪا تبديلي آڻي سگهجي پئي ان لاءِ هن شيخ عزيز جو انتخاب ڪيو.

سليم قاضيءَ جي خواب جي پورائي ۽ سنڌ ۾ جديد صحافت جي حوالي سان اخبار جي ضرورت هئي. ان مقصد خاطر مون 1988ع جي آخر ۾ ڪراچيءَ مان روزاني عوامي آواز جو ڊڪلريشن حاصل

ڪيو ۽ جنوري 1989 کان تجرباتي بنيادن تي اخبار پنهنجي گهران ليارِيءَ مان شروع ڪئي. ڇهن مهينن جي لڳاتار ڪوشش کان پوءِ دوستن جي مدد سان مون جولاءِ 1989ع ۾ باقاعدگيءَ سان پهرين ڪمپيوٽرائيز اخبار ڪراچيءَ مان جاري ڪئي. اخبار جي شروعات ۾ مون شيخ عزيز سان ڪافي ملاقاتون ڪيون ۽ هن جي مفيد صلاحن سان اخبار جاري ڪئي. اهڙي طرح علم، ادب ، صحافت ۽ قومي جذبي سان سرشار ساٿين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏائي عوامي آواز جي شروعات ڪئي انهن ۾ انور پيرزادو، فقير محمد لاشاري، سهيل سانگي، عبدالرحمان نڪاش، محمد خان سولنگي، صالح بلو، منصور ميراڻي، فتح چند ڪارڙا سميت سموري سنڌ ۾ ايس اين ايف جي دوستن جي ٽيم جن اخبار کي پنهنجي ڪاوشن ۽ محنتن سان ڪاميابين جي بلندين تي پهچائي ڇڏيو. سنڌ جي هي واحد اخبار هئي جيڪا ڪنهن وڏي سرمائي کان سواءِ جاري ڪئي وئي. عوامي آواز سنڌ جي اصل ڏٽين جي قومي ۽ معاشي مسئلن جي حل بابت هڪ انقلابي تحريڪ هئي. عوامي آواز صحافت ۾ نوان گس ۽ ٽرينڊ متعارف ڪرايا ۽ عوام جي مسئلن جي حل لاءِ نئين انداز سان صحافت وسيلي جدوجهد ڪئي. انهيءَ مشن ۾ قومي جذبي سان سرشار نوجوان اسان جي سٿ ۾ شامل ٿيندا ويا. عوامي آواز ڄڻ ته صحافت جي سکيا جو وڏو مرڪز بنجي وئي. قومي اداري جي حيثيت ۾ وڏي پاېوهہ مان نوجوانن کي سکيا ڏني ويندي هئي. ائين نوجوان سکيا وٺي مختلف اردو، سنڌي ۽ انگريزي ميڊيا ۾ پنهنجي صلاحيتن سان ڪم ڪرڻ لڳا. ائين چئجي ته عوامي آواز جتي صحافت ۾ نوان ٽرينڊ ڏنا اتي نرسريءَ وارو ڪردار به ادا ڪيو. عوامي آواز جي شروعاتي دور ۾ ڪامريڊ منصور ميراڻيءَ جو پاڻيجو اچ جي صحافت جو وڏو نالو ظهير ميراڻي مامي جو خط کڻي مون وٽ آيو ۽ مون ڪامريڊ جو خط اکين تي رکي ظهير ميراڻيءَ کي عوامي آواز ۾ جاءِ ڏني. هن پنهنجي محنت ۽ لگن سان عوامي آواز ۾ نيوز ايڊيٽر واري جاءِ حاصل ڪئي ۽ اڳتي هلي جڏهن مون

روزاني سوڀ ڪراچي جاري ڪئي ته مون وري پنهنجي اعتماد واري نوجوان ظهير ميراڻيءَ کي ايڊيٽر مقرر ڪيو. انهيءَ کان سواءِ عبدالرزاق سروهي، عبدالله سروهي، همسفر گاڏهي، صادق ٻڙدي، خادم ملغاڻي ۽ ڪافي ٻيا نوجوان پنهنجين صلاحيتن ڪري ڪاميابين جي بلندين تي پهتا آهن ۽ اڄ مختلف پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ اهم ذميوارين سر انجام ڏئي رهيا آهن. ظهير ميراڻي ڌرتي ميڊيا گروپ قائم ڪري صحافت ۾ هڪ اهم مقام ماڻي چڪو آهي. عبدالرزاق سروهي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾، عبدالله سروهي اي پي پيءَ ۾ اهم حيثيت سان ۽ هم سفر گاڏهي ماهه وار سنڌ سجاڳ ۽ پوءِ افيئر جي ايڊيٽر طورڪم ڪري رهيا آهن. خادم ملغاڻي به مختلف اخبارن جي ايڊيٽر طور ڪم ڪري رهيو آهي. منهنجي دعا آهي ته جنهن جديد صحافت جو بنياد مون وڌو هيو هي نوجوان ان جي پوئواري ڪندي سنڌي خلق جن مسئلن ۽ پريشانين جو شڪار آهي انهن کي نجات ڏيارڻ ۾ پنهنجون صلاحيتون استعمال ڪندا.

اسان جنهن مقصد سان صحافت جا بنياد رکيا هيا انهن جي وضاحت مان مٿي ڪري چڪو آهيان پر اڄ صحافت کي اندسٽري، ڌنڌو ۽ دولت ڪمائڻ جو ذريعو بنايو ويو آهي. ان جا نتيجا به سڀ جي آڏو آهن. قوم مسئلن جي حوالي سان ڪٿي بيٺي آهي، هاڻي ميڊيا جو کهڙو ڪارج رهيو آهي، هر طرف مسئلن جا انبار آهن. ورڪر جيڪي ميڊيا جو اصل روح آهن انهن جي کهڙي حالت آهي اهي علاج، روزگار جي ضمانت ۽ ٻين سهولتن کان محروم آهن، شيخ عزيز وقت به وقت انهي جي نشاندهي ڪندو هيو ته جيستائين ميڊيا ۾ خصوصن سنڌي ميڊيا ۾ ورڪرن کي سکيو ستابو نه رکيو ويندو، انهن جي حقن جو تحفظ نه ڪيو ويندو اوستائين مالڪ ته سکيا ٿي ويندا، پر سنڌي صحافت سماج ۾ پنهنجو اصلي مقام حاصل نه ڪري سگهندي. اهو ئي سبب هيو ته شيخ صاحب سنڌ نيوز کان پوءِ اردو ۽ انگريزي ميڊيا ۾ پاڻ کي ذهني طرح مطمعن سمجهندو هيو، آخري وقت تائين انهن سان

ئي واڳيل رهيو. مون جڏهن عوامي آواز شروع پئي ڪئي ته شيخ عزيز کي ٻه اڳواٽيءَ لاءِ ست ۾ شامل ٿيڻ جي گذارش ڪئي هئي پر شيخ صاحب معذرت ڪئي، هن پنهنجي طرفان مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريو هيو، ڪجھ وقت تائين شيخ صاحب روزاني جي بنياد تي اخبار بابت سمري ناهي موڪليندو هيو ته اخبار کي اجان ڪيئن بهتر بنايو وڃي ۽ ان جي صلاحن تي ڪوشش ڪري عمل ڪيو ويندو هيو. شيخ صاحب عوامي آواز جي ڪاميابيءَ کي هڪ معجزي کان گهٽ نه سمجهندو هيو.

شيخ عزيز جديد صحافت ۾ گريجوئيشن ٿامس ڪاليج آف جرنلزم انگلينڊ مان ڪيائون. نئين نسل جي ڄاڻ ۽ تربيت لاءِ صحافت جي تعليم لاءِ ڪتاب ”عملي صحافت 1975ع ۽ ٻيو ڇاپو 1978ع ۾ لکيو. پاڻ صحافت سان گڏ ادب جي ڪيتر ۾ ٻه وڏو ڪم ڪيائون. هن ڪافي ڪتاب ۽ مختلف اخبارن ۾ ليک لکيا. ڪتابن ۾ مون لينن جو ڏيهه ڏٺو (سفر نامو 1975ع) سنڌ جا پر اسرار داستان، سنڌ جي تاريخ ۽ انگريزيءَ ۾ A History of Sindhi Literature شامل آهن.

شيخ عزيز عملي صحافت جي ابتدا 1957 ۾ روزاني اخبار ڪاروان سان ڪئي. روزاني عبرت ۾ سب ايڊيٽر، اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ ميگزين ايڊيٽر طور ڪم ڪيائون. روزاني سنڌ نيوز جو پايو وجهندڙ ايڊيٽر 1976 کان 1980. روزاني جنگ ۾ ميگزين ايڊيٽر 1980 کان 1982 ميگزين ايڊيٽر روزاني حريت 1982 کان 1987 ۽ نيوز ايڊيٽر حريت 1987 کان 1989. سب ايڊيٽر ڊان 1990 کان 1993. ڊان ميگزين انچارج 1993 کان آخر تائين. پاڻ صحافت جي شعبي ۾ عملي تعليم ڏيڻ لاءِ وزيٽنگ پروفيسر طور ڊپارٽمنٽ آف جنرلزم سنڌ يونيورسٽي ۾ 1978 کان 1980 تائين خدمتون سر انجام ڏنائون. شيخ عزيز ۾ اها صلاحيت هئي جو صحافت ۾ هن کي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين تي عبور حاصل هيو. هن جون اردو توڙي انگريزي ۾ لکيل مواد کي ڏسبو ته سندس صلاحيتن تي فخر ٿيندو. موقعي جو فائدو وٺندي اها گذارش ڪندس ته

شيخ عزيز جي اڻ ڇپيل سنڌي، اردو ۽ انگريزي اخبارن ۾ لکيل ايڊيٽوريل، آرٽيڪل ۽ ٻي مواد کي محفوظ ڪجي. ان سلسلي ۾ سنڌ حڪُومت جي ثقافت کاتي، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي ٻولي اختياري، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ سنڌيڪا کي اڳتي اچڻ گهرجي. شيخ عزيز پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪو سرمايو ناهيو، اهو ان جو علمي پورهيو ۽ ذخيرو آهي ان کي هر صورت ۾ محفوظ ڪرڻ گهرجي. هي هڪ تاريخ آهي ۽ هي سنڌ جو آئيندو آهي. انهيءَ مواد مان اسان جي نئين نسل کي رهنمائي حاصل ٿي سگهندي.

شيخ عزيز سان جڏهن به ڪچهري ٿيندي هئي ته هن علم جي پندار مان گهٽو ڪجهه حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هيس. مون کي چڱي طرح ياد آهي هڪ دفعو شيخ صاحب کان پڇيو هو ته سنڌي صحافت جديد دور ۾ داخل ٿي چڪي آهي توهان ان کي ڪيئن ٿا ڏسو، پاڻ وراڻيائون ته ظاهري طرح ته صحافت جديد دور ۾ داخل ٿي چڪي آهي ۽ هر شيءَ ۾ جديديت اچي وئي آهي پر فڪري طرح اجان گهڻي ڪم جي ضرورت آهي. صحافت جيئن ته انڊسٽري ٿي وئي آهي هڪڙن نظرياتي ۽ پنهنجن سياسي خيالن جي پکيڙ لاءِ اخبارون ڪڍيون آهن ٻيا اهي آهن جيڪي هن کي ڪاروباري مقصدن جي پورائي لاءِ هٿيار طور استعمال ڪن ٿا. ٿيون ۽ اصل حقيقي رخ اهو آهي ته صحافت کي ڪميونٽي ۾ بنا ڪنهن فرق جي عوام جي مسئلن جي حل، صاف سٿري سماج لاءِ انهن جي تربيت ڪجي. سرڪار تائين مسئلن کي اهڙي طرح پيش ڪجي جيئن انهن جي حل لاءِ ڪي رستا نڪري سگهن. پر ان مد ۾ وڏيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪميونٽي جو جيڪو توهان تي حق آهي اهو ضرور ادا ڪرڻ گهرجي. خاص ڪري جيڪي فيلڊ ۾ ڪم ڪن ٿا. ڪن جا پنهنجا مفاد آهن ۽ مالڪن کي مفت ۾ ماڻهو ملي وڃن ٿا. خلق جي مسئلن کي جنهن طريقي سان ڪڍڻ گهرجي ائين نه پيو ٿئي. اخبارون جيستائين ادارن جي شڪل اختيار نه ٿيون ڪن اوستائين اڏريو ڪم ممڪن ڪونه آهي. اخباري مالڪ اخبارن

کي صرف مال ميڙڻ ۽ سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪندا رهن ٿا. ان ڪري ميڊيا به ٻين ادارن وانگر عوام يا سماج کي اهو ڪجهه نه پيا ڏئي سگهن جنهن جي ڪميونٽي يا عوام کي ضرورت آهي. ان جو هڪڙو مثال اهو آهي ته ون يونٽ واري تحريڪ ايتري ته زوردار هئي جنهن اخباري مالڪن کي مجبور ڪيو ته هو عوام جي ڳالهه ڪن ۽ تحريڪ جون خبرون شايع ڪن. ان حوالي سان مان پاڻ شيخ صاحب جي ڳالهه سان سهمت آهيان ته قومي جدوجهد دوران اسان جي خبرن کي اهميت ڪونه ڏني ويندي هئي، اسان وٽ جيڪب آباد ۾ جڏهن به تحريڪن دوران وڏا وڏا جلسا ٿيندا هيا يا سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مختلف موضوعن تي پروگرام ٿيندا هيا اسان جون اخبارون انهن کي گهٽ اهميت ڏينديون هيون. جڏهن ته ايس ايچ او کي پٽ ڄمڻ تي مبارڪ باد جون خبرون فرنٽ پيج تي شايع ڪيون وينديون هيون.

انهيءَ کان سواءِ شيخ عزيز هميشه صحافتي تربيت ۽ ٻوليءَ جي درست استعمال تي زور ڏيندو هيو. جڏهن به ملاقات ٿيندي هئي ته سنڌي اخبارن جي ٻولي ۽ خبرن جي ڪنسٽرڪشن بابت تفصيلي ڳالهائيندو هيو. اها حقيقت به آهي سنڌي اخبارن ۾ جيڪا ٻولي استعمال ٿئي پئي ڇڻ ته ٻوليءَ جو بگاڙ آهي. عام ماڻهو جيڪو روز اخبار پڙهي ٿو اها ٻولي هن کي متاثر ڪري ٿي. جڏهن اسان عوامي آواز شروع ڪئي هئي ته ان وقت اخبار ڪڍڻ جيترا سکيا ورتل ورڪر ڪونه هيا. اسان وٽ ڪافي مسئلا هيا پر ٽرينڊ ورڪر سڀ کان وڏو مسئلو هيو. وقتي طرح ان کي منهن ڏيڻ لاءِ هلال پاڪستان مان چند ڪلاڪن لاءِ دوست ايندا هيا انهن ۾ هدايت منگي، بدر ابڙو ۽ ٻيا دوست شامل هيا. اسان کي سموري سنڌ ۾ ايس اين ايس ايف جا ساٿي وڏي ڪم جا ثابت ٿيا. جيئن ته هنن کي تحريڪن دوران باقاعدگيءَ سان پريس رليز لکڻ جو تجربو هيو ۽ نظرياتي ساٿي هيا، انهن مختلف وقتن تي تحريڪن دوران قربانيون ڏنيون ۽ جيل ڏٺا. مون کي ياد آهي ته اسان هڪ دفعو عبرت جي دفتر ۾ خبر ڏيڻ ويا هياسون ته اتي اسان کي چيو ويو

ته اسان توهان جون خبرون شايع به ڪونه ٿا ڪريون پوءِ به روزانو خبرون ڪٽي اچو ٿا. اسان انهن کي چوندا هياسون اسان پنهنجو فرض نڀايون ٿا شايد توهان کي به احساس ٿئي ته اسان ته پنهنجي قوم جي جياپي لاءِ جاڪوڙيون ٿا. هو اسان کي ٻڌائيندا هيا ته توهان جي خبرن لاءِ مٿان کان منع ٿيل آهي. عوامي آواز پنهنجي ابتدائي دور کان وٺي نوجوانن کي ٽريني سب ايڊيٽر ڪري رکيو ويندو هو. ڪم ۾ پڪا ٿيڻ کان پوءِ انهن کي مستقل ڪم سان لڳايو ويندو هيو يا هو سکيا کان پوءِ ٻين اخبارن ۾ ڪم ڪرڻ جي قابل ٿي ويندا هيا.

شيخ عزيز پنهنجي پر ۾ هڪ ادارو هيو. هن پنهنجي سموري ڄمار قلم وسيلي سماج ۾ صحتمند تبديليءَ لاءِ وقف ڪئي. اڄ جي دور ۾ سڀ کي خبر آهي ته پرنٽ توڙي الڪٽرانڪ ميڊيا ۾ ڪم ڪندڙ ڪيئن ڪروڙ پتي ٿي ويا آهن. شيخ عزيز ته ٽنهي زبانن جي اهم اخبارن ۾ اهم عهدن تي رهيو ۽ مال ناهڻ جي هر گر کان پليءَ پَت واقف هيو. هن وٽ جڏهن خبر ايندي هئي ته خبر پاڻ پنهنجي اصليت ٻڌائيندي هئي. ان جي باوجود هن ڪڏهن به زرد صحافت نه ڪئي ۽ نه وري مال ميڙڻ وارو ڪڌو ڪم ڪيو، هن قلم جو تقدس هر ڏکي دور ۾ برقرار رکيو. شيخ عزيز کي توهان ڪنهن به ٻولي يا طبقي جو صحافي نه ٿا چئي سگهو، هو پيڙهيل طبقي جو نمائندو هيو ۽ صحافت وسيلي هن جي خواهش هئي ته خوبصورت سماج جوڙي سگهجي، جنهن ۾ هر ڪنهن کي عزت ۽ مان سان رهڻ جو حق حاصل هجي. شيخ عزيز جون لکڻيون ۽ هن جا آدرش هن کي هميشه زنده رکندا ۽ اسان جو نئون نسل هن جي آدرشن مان لاڀ حاصل ڪندو رهندو. اسان قومي جدوجهد يا صحافت دوران جيڪو سکيو انهيءَ جو اصل مول مقصد اهو هو ته پنهنجي قوم جي خوشحاليءَ لاءِ پتوڙيون، انهي جي ڏکن سورن جو خاتمو آڻيون. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان ڏينهن رات جاکوڙ ڪئي، هي ڪم عشق واري جذبي سان ڪيو ۽ اڄ به اهو مشن جاري آهي. اڄ جڏهن ميڊيا جا عام رپورٽر به دبئي، مليشيا گهمڻ وڃن ٿا. مون

پنهنجي صحافتي سموري دور ۾ جيڪو 40 سالن تي ٻڌل آهي مون نه ڪا ملڪيت ٺاهي نه وري ڪنهن ملڪ جو سير ڪيو. 1997ع ۾ وزير اعظم نواز شريف سان سرڪاري وفد ۾ ترڪيءَ ۽ ايران ويس. انهيءَ دوري دوران نواز شريف جي ڪالا باغ ڊيم واري مهم جي حمايت نه ڪرڻ ڪري سموري ٽوئر ۾ هو مون کان لاتعلق رهيو.

منهنجو سمورو وقت اخباري معاملن ۾ گذري ويندو هيو. سنڌ سجاڳ، عوامي آواز ۽ سوڀ جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ سمورو وقت پنهنجي پروفيشنل ڪمن ۾ گذري ويندو هيو. منهنجي وقت ۾ عوام جي چٽي موقف ڪي ڇاپڻ ڪري حڪومتن پاران اسان جا اشتهار اڪثر بند ڪيا ويندا هيا. اسان مالي پريشانين جو شڪار رهندا هيا سون. انهن مسئلن ڪري اسان ورڪرن جون پگهارون وقت تي نه ڏئي سگهندا هياسون. هي سمورا مسئلا اسان جي عوام دوست موقف جي ڪري پيدا ٿيندا هيا جن جو ورڪرن کي به احساس ٿيندو هيو. اڄ ميڊيا هائوسز جا سرڪار دوست پاليسين ڪري اشتهار جام آهن. مالڪ سکيا ستابا ٿي ويا آهن پر ورڪر غير يقينيءَ واري صورتحال جو شڪار آهن. سنڌي ميڊيا هائوسز انتهائي خوشحال هجڻ جي باوجود ورڪرن کي اُردو ۽ انگريزي ميڊيا ۾ ڪم ڪندڙ ورڪرن جيترين سهولتون حاصل ڪونه آهن. سنڌ ۾ اڄ جيڪي مسئلا ڪر ڪنيون بيٺا آهن اُنهن جي حل لاءِ سنڌي ميڊيا ايتري سنجيده ڪونه آهي. ائين لڳي ٿو ته صحافت به مال ميڙڻ جو ذريعو بنجي وئي آهي جيئن سماج ۾ ٻيون ڌريون پنهنجي فرضن کان نابري واري مال ميڙڻ جي ڪِڍ آهن صحافت کي هيٺ کان مٿي تائين ڏسو ته ڇا ٿي رهيو آهي. مالڪ ته نهيو پر نَنڍڙن شهرن جي نمائندن جي مالي حالت ڪهڙي آهي؟ اهي سڀ ڳالهيون عوام جي آڏو آهن. جيڪڏهن سنڌ کي خوشحال بنائڻو آهي ته سيني کي پنهنجو قبلو درست ڪرڻو پوندو خصوصن صحافت کي درست ڪرڻو پوندو ڇو ته صحافت سماج جي اک هوندي آهي ۽ صحافت ئي سماج ۾ پيدا ٿيندڙ خرابين کي درست ڪرڻ لاءِ رهنمائي

وارو ڪردار نڀائڻو پوندو. مون 1976 کان وني 2008 تائين اخبارن جي مالڪ ۽ ايڊيٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو اهو توهان جي آڏو آهي ۽ مان اڄ بہ احتساب لاءِ تيار آهيان تہ صحافت کي صرف ۽ صرف پنهنجي عوام جي حالت بهتر بنائڻ لاءِ استعمال ڪيو. 2012ع کان هن وقت تائين پنهنجي هڙان لنڊن مان ريڊيو وائيس آف سنڌ لنڊن شروع ڪيو آهي جيڪو سنڌي ماڻهن جي مسئلن جي حل لاءِ اڄ ڏريو تي ڪم ڪري رهيو آهي. تازو ويب ٽي وي بہ شروع ڪئي وئي آهي. منهنجي ڪوشش آهي تہ سنڌ دوست ڌرين ۽ فردن جي سهڪار سان لنڊن مان سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ سيٽلائيٽ ٽي وي چينل شروع ڪريان جيڪو دنيا آڏو سنڌ جي اصل صورتحال کي پيش ڪري سگهي. اها منهنجي خواهش آهي ۽ سنڌي قوم جي ضرورت آهي. اڄ جي صورت حال ۾ ميڊيا جو مورچو مضبُوط هجڻ لازمي آهي جتان اسان دنيا آڏو سنڌ جي ماضي حال ۽ مستقبل بابت اصل صورت حال پيش ڪري سگهون. اها ئي شيخ عزيز ۽ سنڌ جي گهٽگهرن جي دلي خواهش هئي جيڪا اسان سيني کي گڏجي پوري ڪرڻي آهي. (هي ليک نالي واري صحافي، اديب ۽ موسيقيءَ جي پارکو شيخ عزيز جي چاليهي جي موقعي تي ڪيس پيٽنا پيش ڪرڻ لاءِ لکيو ويو.

(روزاني ڏرتي ڪراچي، 28 نومبر 2018ع)




امداد اوڍي صاحب وٽ جيڪب آباد جي ڊسٽرڪٽ بيورو واري زماني جو سانڍي رکيل يادگار ڪارڊ، جيڪو شيخ عزيز بطور ايڊيٽر روزاني ’سنڌ نيوز‘ حيدرآباد، پنهنجي هٿ اکر ناهي ڏنو هو.

# No alternate to Shaikh Aziz: A memoir

By Shahid Shah

Shaikh Aziz, an scholar and veteran journalist, passed away last Sunday, October 7, 2018 in Karachi due to heart attack. He was 79.

His son and my friend Tariq Aziz said Mr. Aziz had suffered a heart attack while travelling to Hyderabad but was taken back to Karachi after finding no proper treatment in Hyderabad. He was admitted in a Karachi hospital but could not recover.

I became familiar with Shaikh Aziz in 1997, soon after starting my career as a journalist, when I read his book on techniques of practical journalism in Sindhi; “Amali Sahafat” (Practical Journalism). Indeed, it was the only book on practical journalism I ever read by any journalist from Pakistan. Perhaps, one can find several books on journalists’ movements but not on journalism techniques.

He was born in Hyderabad on December 9, 1938 and started his journalism career as a sub-editor in Daily Karwan, Hyderabad. He remained associated with then leading Sindhi daily Ibrat for around seven years at various positions and moved to Karachi in 1980. He also worked for several other newspapers but his association with English daily DAWN and Sindhi daily Ibrat took benefit from his skills for many years.

Mr. Aziz authored around 22 books and research papers in English, Urdu and Sindhi languages. He also has several awards on his shoulders.

I met him for the first time at Karachi Press Club around two decades ago. I was associated with Sindhi daily Ibrat and used to write for DAWN as a freelancer when Shaikh Aziz remained associated with DAWN as its Edition In-charge. He always gave me positive feedback of my writings and encouraged, which led me towards switching to the English journalism.

Becoming Edition In-charge of DAWN, the leading credible newspaper of Pakistan, is one of the top job in print journalism career in Pakistan. It requires the highest level of skills and knowledge to edit at this position. I have closely been looking at

DAWN for around two decades. Of which, Shaikh Aziz remained its Edition In-charge for several years. I don't remember a single mistake on pages, he handled. Other newspapers committed several blunders during this time.

Whenever any prominent personality in Pakistan in general and Sindh in particular, passed away, he was the one and only person who wrote the obituary. He wrote on writers, poets, politicians, journalists, artists and what not. His knowledge and writing skills remain second to none.

I had been planning to interview Mr. Aziz on issues related to Sindhi media for quite some time. Few months back, I met him last time at KPC. Unfortunately, my laziness made me unable to record the precious information he possessed.

With the sad demise of Shaikh Aziz, I am deeply grieved, not because of my admiration for him or association with his son Tariq Aziz. I am worried that I don't see any other person, who will remember writers, poets, journalists and artists the way, Mr. Aziz did. There is no alternate to him. (The News, Oct. 14th 2018)



هاورڊ يونيورسٽيءَ مان شاهه لطيف جي راڳ تي پي ايچ ڊي ڪندڙ ڪوريا جي اسڪالر پي لنگ جڏهن سنڌ ۾ آئي ته شيخ عزيز جا ٻه ڊگها انٽرويو شاهه سائينءَ جي راڳ ۽ سنڌي موسيقيءَ تي ڪيائين.

# شيخ عزيز جديد سنڌي صحافت جو باني ڪار

همسفر گاڏهي

٨٠ع جي ڏهاڪي جا پڇاڙڪا سال جڏهن اجا مون کي مُڇن جي ساوَل بہ مَس هئي تڏهن حيدرآباد جي ٽنڊو آغا کان واقف ٿيس. ٿيو ايئن جو ٨٨ع - ٨٩ع ۾ پهريون ڀيرو وڏو ڀاءُ بشير احمد چيچ مان وٺي ڪراچي گهمائڻ آيو، پوءِ ڪراچيءَ ۾ رهڻ دوران منهنجي شناسائي شيخ عزيز جي موٽي پُٽ طارق عزيز سان ٿي، جيڪا اڳتي هلي اهڙي تہ گهاٽي سنگت ۾ تبديل ٿي وئي جو اسان هڪٻئي جا گهرياتي ٿي وياسين. طارق وارن جو ڪراچيءَ کان سواءِ حيدرآباد جي ٽنڊي آغا ۾ پڻ گهر آهي. حيدرآباد ايندي ويندي منهنجو ٺاڪ وجي طارق وارن جو گهر بڻيو. ٽنڊو آغا دراصل آغا اسماعيل شاهہ جي نالي پنيان سڏجي ٿو، جيڪو ايران جي شهر اصفهان ۾ لڏي اچي هتي آباد ٿيو هو، آغا اسماعيل شاهہ منهنجي نهايت دلبر دوست آغا ڪرم علي شاهہ جي وڏڙن مان هڪ هو. ٽنڊو آغا جيڪو پنهنجي دور جي قدآور، علم ۽ ادب دوست شخصيتن جو آستان رهيو آهي. خاص طور تي ممتاز مرزا، مراد علي مرزا، احسن ڪربلائي، ابن حيات پنهور، مشتاق مغل، منظور مراد، آغا عبدالعلي شاهہ، لسانيات، علم، ادب ۽ موسيقي جو ڄاڻو شيخ محمد اسماعيل ۽ شيخ عزيز صاحب جو بنيادي تعلق بہ ٽنڊي آغا سان ئي هو. سياسي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن سان ميل ملاقاتون تہ جام هيون پر پهريون ڀيرو علم، ادب، موسيقي ۽ صحافت سان واڳيل بزرگ مهربانن سان منهنجون ملاقاتون هتي ئي ٿيون. شيخ محمد اسماعيل، شيخ عزيز جو وڏو ڀاءُ هو. ساڻس ٽنڊي آغا ۾ ڪيئي ڪچهريون ٿينديون رهيون. چاچا شيخ عزيز سان حيدرآباد ۽ ڪراچي ٻنهي هنڌن تي وقفي وقفي سان

قرب ڪچهريون پيون ٿينديون هيون ۽ ڪائنس سکڻ جو موقعو پيو ملندو هو.

شيخ عزيز گاڏي ڪاتي حيدرآباد ۾ جنم ورتو، پوءِ ورهاڱي وقت سندس وڏڙا اچي ٽنڊي آغا ۾ آباد ٿيا. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته هن پنهنجي صحافتي ڪيريئر جي شروعات به اُتان ئي "عبرت" اخبار کان ڪئي جنهن جي آفيس تڏهن به گاڏي ڪاتي ۾ هئي ۽ هاڻي به اُتي ئي آهي. هن جوانيءَ ۾ ئي صحافت ۾ پير پاتو، پوءِ اسڪالر شپ تي انگلينڊ به ويو پر آخر تائين صحافت سان خوب نڀايائين. هو هڪ ڪميٽيڊ، ڪرو ۽ ترقي پسند صحافي هو. ان ڪري جتي به رهيو اوچي ڳاٽ سان رهيو. ترقي پسند خيال رکڻ سبب پورهيتن سان ڪيس خاص اُنسيت رهي، پوءِ اهي پورهيت اخبار جا هجن يا فيڪٽرين جا. هن اڳتي هلي ڪابي ڏر جي هڪ ٻئي ڪامريڊ سليم قاضي جي اخبار سنڌو ۾ پڻ ايڊيٽر طور ذميواريون نڀايون. ڪيترا ئي ترقي پسند فڪر سان واڳيل سياسي ڪارڪن سهيل سانگي، سيف ٻنوي، صالح بلو، منصور ميراڻي، جاويد مرزا ۽ ٻيا ساڻس ساٿ ۾ رهيا. ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي ته شيخ عزيز سندن فڪري ۽ صحافتي استاد هيو ته وڌاءُ نه ٿيندو.

اسان وٽ عام طور تي اهو سمجهيو ويندو آهي ته جديد سنڌي صحافت جا بانيڪار انور پيرزادو ۽ ف _ م لاشاري آهن، يقيني طور تي انهن ٻنهي سر موڙ صحافين جو جديد سنڌي صحافت ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. اهي ٻئي محترم صحافي منهنجا ته صحافتي استاد به رهيا، ف — م لاشاري بهترين ايڊيٽوريل لکڻ ۽ ڪري صحافي هجڻ جي حوالي سان شهرت رکندو هو ته انور پيرزادو هڪ ڪميٽيڊ ۽ پروفيشنل صحافي طور سڃاتو ويندو هو. حقيقت ۾ هر ماڻهوءَ جو پنهنجو قلمي ۽ علمي پورهيو هجي ٿو، ڪنهن جي ڪنهن سان پيٽ نه ٿي ڪري سگهجي. باقي ان لحاظ کان ڏٺو وڃي ته شيخ عزيز سنڌي صحافت جو بانيڪار هو. هن پراڻ پسند سنڌي صحافت ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرايا، نه رڳو اهو پر هن پروفيشنلزم ڪي پڻ هٿي وٺرائي. سندس اردو ۽

انگريزي صحافت ڏانهن منتقلي کان پوءِ جيڪي بہ صحافي آيا اُنهن اُن جدت ۽ پروفيشنلزم کي اڳتي وڌايو. شيخ عزيز جي صحافتي پورهئي کي مانُ ڏيندي ناميارو صحافي حسن مجتبيٰ لکي ٿو: ”اهو درست ناهي تہ جديد سنڌي صحافت جو دور سوويت يونين ٽٽڻ سان يا سنڌ ۾ ايم آر ڊي تحريڪ کان پوءِ شروع ٿيو جڏهن پڙهيل لکيل نوجوانن ۽ ڪاڙهي ڏر سان تعلق رکندڙ سياسي ڪارڪنن جي وڏي انگ شوق ۽ جنون ۾ سنڌي اخبارن جو رخ ڪيو. منهنجي خيال ۾ جديد سنڌي صحافت جو بانيڪار شيخ عزيز ئي سمجهيو ويندو، جنهن جي اصل شروعات سليم قاضيءَ جي خواب کان ٿئي ٿي، جڏهن سنڌ جي ڪجهہ باغين ۽ بي چين روحن کي سليم اڪبر قاضي پنهنجي اخبار جي آفيس جي هڪ ئي ڇت هيٺان شيخ عزيز جي ادارت ۾ گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ان جاءِ جي ويجهو جتي گاڏي کاتي وارو ٽانگا اسٽينڊ هو.“

شيخ عزيز جنگ اخبار جي ”مهراڻ رنگ“ ايڊيشن سنڀالڻ کان وٺي مختلف اردو اخبارن ۾ ڪم ڪرڻ کان ويندي انگريزي اخبار ’ڊان‘ تائين ڪميٽيڊ صحافت ڪئي، هميشہ سچ جي پاسي بيٺو رهيو. سنڌ ۾ ايم آر ڊي تحريڪ دوران هن سڄي سنڌ جهاڳي، ان تحريڪ دوران ماڻهن سان ٿيندڙ بيداد ۽ ظلم کي رپورٽ ڪيو، 83ع ۽ 86ع جي ”ڊان“ جا اهي پرچا يقيني طور تي يادگار آهن جن ۾ شيخ عزيز تاريخ وار واقعا رپورٽ ڪندو رهيو هو. هن اڳتي هلي ايم آر ڊي تحريڪ دوران سنڌ جي عوام سان ٿيل ظلم ۽ بيداد جي حوالي سان اکين ڏٺي احوال تي ٻڌل سنڌي ۾ هڪ ڪتاب پڻ لکيو، جيڪو نهايت اهم دستاويز آهي پر بنا نالي جي ڇپيل آهي. مون سندس حال حيات هوندي ڪانئس جڏهن ان جو سبب پڇيو تڏهن سندس جواب ڪجهہ هن ريت هو: ”در اصل ايم آر ڊيءَ کي رپورٽ ڪرڻ لاءِ مون کي ’ڊان‘ وارن موڪليو هو، ان لحاظ کان اهو مواد ان اداري جي ملڪيت آهي، ان ڪارڻ مون نالو ناهي ڏنو.“ شيخ عزيز صاحب جو اهو پروفيشنل عذر پنهنجي جاءِ تي ليڪن منهنجي خيال ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جي اها واقعاتي تاريخ ڏاڍي

اهم ۽ تاريخي دستاويز آهي جيڪو هڪ ٻيرو ٻيهر سندس ئي نالي سان ڇپجڻ گهرجي، جنهن لاءِ جيڪڏهن ڪو پبلشر همت ڪري ته مواد هٿ ڪري ڏيڻ ۾ مدد ڪري سگهجي ٿي.

شيخ عزيز جو سنڌي علم، ادب، موسيقي ۽ صحافت ۾ تمام وڏو ڪنٽريبيوشن رهيو. هن ”عملي صحافت“ نالي ڪتاب لکيو جيڪو سنڌ يونيورسٽي ماس اينڊ ڪميونيڪشن ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهايو پڻ وڃي ٿو، جنهن جا هينئر تائين ٽي ايڊيشن ڇپجي چڪا آهن، اهو ڪتاب ايندڙ ڪيترن ئي نسلن لاءِ سونهون رهندو. ان ڪانسواءِ ”تقسيم کان تقسيم تائين“ پاڪستان جي سياسي صورتحال جي پس منظر ۾ لکيائين. ان جو ٻيون ڀاڱو ”ڀٽي کان ضياءَ تائين“ جي عنوان هيٺ پڌرو ٿيو، جڏهن ته انهيءَ سيريز جو ٽيون ڪتاب 'آمريت کان آمريت تائين' اڻ ڇپيل آهي. ”ملهه سنڌ جي قومي راند“ ”مون لينن جو ڏيهه ڏٺو“ روس جو سفر نامو، ”نقش لطيف“The Tribute، موسيقيءَ تي ڪجهه انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيائين. هن سندس آٽو بايو گرافي به مڪمل ڪري ورتي هئي جيڪا اڻ ڇپيل آهي. سندس آخري علمي پورهيو ”چنگ“ ساز تي لکيل ڪتاب آهي، جيڪو پڻ ڇپجي نه سگهيو. نهايت ٻاجهاري ۽ نماڻي هن شخص منهنجي ڪتاب ”سنڌ جي ڏاهپ کان انٽرويوءَ“ جي ٻئي ايڊيشن جو مهاڳ پڻ لکيو جيڪو ڪتاب پيڪاڪ پبلشرز طرفان شايع ڪيو پيو وڃي ۽ ترت توهان جي هٿن ۾ هوندو.

شيخ عزيز ”ڊان“ اخبار ۾ ڊگهي عرصي تائين نوڪري ڪرڻ کان پوءِ هاڻي رٽائرمينٽ واري زندگي گذاري رهيو هو. اڪثر ماڻهو رٽائرمينٽ کان پوءِ غير سرگرم ٿي ڪا ڪُنڊ وٺي ويهي رهندا آهن پر شيخ عزيز صاحب مختلف ماڻهو هو. هو آخري لمحي تائين قلم ۽ ڪاغذ سان سلهاڙيل رهيو. سنڌ جي ڪنهن به فنڪار، ڪلاڪار، سياسي اڳواڻ يا علمي، شخص، لسانيات جي ماهر جي لاڏاڻي تي 'ڊان' ۾ ڪين ٽربيوٽ پيش ڪرڻ جو سلسلو هُن آخر تائين جاري رکيو. سنڌ جو واحد صحافي هو جنهن جو ڏاڙيلن تي به تمام گهڻو ڪم ٿيل هو، جيڪو اڄ به سندس

لائبريري ۾ محفوظ آهي. سندس لائبريري هڪ علمي خزانو آهي جنهن ۾ موسيقي، آرٽ، سياست، لسانيات، لطيفيات تي نہ رڳو علمي نسخا بلڪ آڊيو ۽ وڊيو جي صورت ۾ پڻ وڏو خزانو موجود آهي. ان ڪري علمي ۽ ادبي سرڪاري ادارن کي ڏنگرن تي اٿو هارڻ بدران هڪ اهڙي علمي، ادبي، ڏاهي صحافي جي علمي پورهئي کي يڪجا ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ گهرجن، جنهن مان ايندڙ ڪيئي نسل فيضياب ٿي سگهن ٿا. انهي سلسلي ۾ لاڳاپيل علمي، ادبي ۽ ثقافتي ادارن کي گهربل سهڪار پڻ مهيا ڪيو ويندو.

شيخ عزيز سنڌ جو جيڏو وڏو صحافي ۽ لکاري هو ان جي جيڪڏهن علاج ۾ ڪوتاهي نہ ٿئي ها تہ شايد هو اڄ بہ اسان جي ساٿ جي سرواٽي ڪندو هجي ها. ليڪن ٿيو ان جي ابتڙ، نوري آباد ۾ دل جو دورو پوڻ ڪان پوءِ جڏهن ڪيس NICVD حيدرآباد نيو ويو تہ اُتي بہ ڪاريءَ وارا ڪڪ هڻا، مجبور تي ڪيس NICVD جناح اسپتال ڪراچي آندو ويو، جتي ايمرجنسيءَ ۾ مريض داخل ڪرڻ جي گنجائش ئي نہ هئي. ايئن پوءِ ڪيس آغا خان نيو ويو، دل جي خطرناڪ دوري پوڻ ڪان پوءِ مريض جا ڇهہ ڪلاڪ ضايع ڪيا ويا، جيڪڏهن ايئن نہ ٿئي ها تہ شايد سندس حياتي بچي پوي ها. جيتوڻيڪ NICVDڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي جي اشتهارن جي حد تائين تہ واهہ واهہ لڳي پئي آهي پر عملي صورت حال اها آهي تہ جناح ۾ دل جا مريض فوٽ پاٿ تي پيا آهن، ڪين داخلا بہ نہ ٿي ملي. ان ڪري سنڌ حڪومت کي انهي پاسي ڌانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي، جيئن مستقبل ۾ ڪنهن بہ انسان جي زندگي لاپرواهي ۽ علاج جي سهولتن جي کوٽ جي ور چڙهڻ ڪان بچي سگهي.

بهر حال شيخ عزيز پنهنجي دور جو غير معمولي، ڪميٽيڊ صحافي ۽ ليکڪ هو، سندس علمي، صحافتي ۽ فڪري پورهيو ورهين تائين ياد رهندو ۽ نئين نسل لاءِ سونهون رهندو. (پندرهن وار افيئر نيوز مئگزين، ڪراچي، نومبر 2018ع)



**خرم عزيز شيخ، ڪرم علي شاھ، همسفر گاڏھي، شيخ عزيز، شاھ نواز راڄپر ۽ طارق عزيز شيخ جو گروپ فوٽو**



شيخ عزيز صاحب پريس ڪلب حيدرآباد جي صدر جي حيثيت ۾ گڏجاڻيءَ کي خطاب ڪندي.

# پلوڙ صحافي شيخ عزيز جي ياد ۾

محمد حيات بلوچ

شيخ عزيز جو نالو مون ستين درجي ۾ انگريزيءَ ۾ ٻُڌو هو، اسڪول مان واپسيءَ تي اڪثر هوٽل يا دڪان تي وينل ماڻهو سڏي چوندا هئا تہ بابا هي اخبار تہ پڙهي ٻڌاءِ، ان زماني ۾ معلومات جو ذريعو واحد اخبار هوندي هئي، ريڊيو عام نہ ٿيو هو، ٽي وي جو تہ نالو نشان ئي نہ هو، اخبار بہ گهڻو ڪري ”عبرت“ هوندي هئي ۽ ان ۾ اڪثر شيخ عزيز جي نالي سان مضمون شايع ٿيندا هئا، اتفاق سان اسان جي اسڪول ۾ هڪ نئون هيڊ ماستر بدلي ٿي آيو، نالو هئس شيخ عزيز، شاعر بہ هو، مشاعرن ۾ ترنم سان پنهنجا شعر ٻڌائيندو هو، سوچيم شاعر سان گڏ اديب بہ هوندو ۽ اهو ئي اخبار وارو شيخ عزيز ٿي سگهي ٿو، مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري روزگار جي تلاش شروع ڪئي، نصيب ۾ شايد روزگار بہ عبرت اخبار ۾ ئي لکيل هو، سو وڃي اتي پهتس، سو هاڻ عبرت ۾ حقيقي شيخ عزيز وٽ اچي پڳس، تعليم هن جي بہ مئٽرڪ منهنجي بہ مئٽرڪ پر انگريزيءَ جي حوالي سان اسان ٻنهي ۾ زمين آسمان جو فرق هو، هو انگريزي سنئي ڳالهائيندو هو. ڳالهائيندو آئون بہ هوس پر يس ۽ نو جي حد تائين، ڪيڏي مهل زبان مان جي بہ نڪري ويندو هو، شيخ عزيز انگريزي مان سنڌي ۾ رواني سان ترجمو ڪري ويندو هو، ترجمو آئون بہ ڪري ويندو هوس پر ڳيتون ڏئي، پوءِ بہ درستي عزيز صاحب کي ئي ڪرڻي پوندي هئي، حالانڪ مئٽرڪ ۾ انگريزي جيڪا مون پڙهي عزيز صاحب بہ اها پڙهي يعني انگريزي زبان جي ابي شيڪسپيئر جي فائيو ٽيلس آف شيڪسپيئر، دي ٽيمپيسٽ، مچ ادو ابائوٽ نٿنگ، ونٽرس ٽيل، ايز يو لائڪ اٽ وغيره، لڳي ٿو تہ عزيز صاحب اها انگريزي هيڊنئن سان هنداڻ تحت پڙهي ۽ مون امتحان پاس ڪرڻ لاءِ، جيئن تہ محسوس ٿيو تہ

اخباري نوڪري يا ڊيوٽيءَ ۾ انگريزي ضروري آهي، ڇا ڪاڻ ته گهڻيون خبرون انگريزي مان ترجمو ڪرڻيون پونديون هيون، ان ڪري مون وجي سچل ڪاليج ۾ داخلا ورتي ۽ شيخ عزيز کي به چيوسون تون به مٽي داخلا وٺ، چيائين تعليم کاتي ۾ جاهل وينا آهن، مون کي پنهنجو وقت برباد ناهي ڪرڻو، پوءِ خبر نه آهي ڇا ٿيس جو وجي داخلا ورتائين، ميڊيم انگريزي ڪنيائين. اسان کي پڪ هئي ته امتحان ۾ شروعاتي نمبرن ۾ نه به آيو ته به فرسٽ ڪلاس ۾ ضرور پاس ٿيندو، ڪيس به اها پڪ هئي، نتيجو آيو نمبر سيڪنڊ ڪلاس ۾ هو، اسان تي ڪاوڙجي پيو چيائين ته مون توهان کي چيو هو نه ته هتي جاهل وينا آهن، اهي منهنجي انگريزي سمجهي ئي ڪونه سگهيا، بس ائين ئي مارڪون ڏيندا ويا، اڳتي هو ڪونه پڙهيو پر سندس لکيل ڪتاب اڄ به ايم اي جرنلزم جي شاگردن لاءِ مشعل راهه بنيل آهي، خدا جي ڪرڻي جو برطانيا جي هڪ اخباري اداري سان تعلق رکندڙ فرم ڪيس ڊپلوما لاءِ اسڪالرشپ آڇي ۽ هو لنڊن روانو ٿي ويو، هوائي اڏي تي اسان ڪيس رخصت ڪيو، ڪورس ٽن مهينن جو هو يا ڇهن مهينن جو شيخ عزيز اتان پنهنجي انگريزي وڌيڪ سون بنائي واپس پهتو، اداري ۾ ڊيوٽي دوران سينيئر يا جونيئر جو تفاوت نه هوندو هو، هڪٻئي سان کِل مذاق هوندي هئي ۽ ڪم به پيو ڪبو هو، ائين هڪڙي ڏينهن ٽپال ۾ منهنجي لاءِ هڪ ايئر ميل لفافو آيو، ڪوليم جيڪو منهنجي ڪلاس فيلو الطاف شيخ موڪليو هو، الطاف شيخ انگريزي جا چار درجا مون سان گڏ پڙهيا، پوءِ وڌيڪ تعليم هن ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ حاصل ڪئي، اتان فارغ ٿي اهو مرچنٽ نيوي سان منسلڪ ٿي ويو، شايد ڪيس اطلاع ملي چڪو هو ته مون وارو جٽ ڪلاس ميٽ صحافي ٿي ويو آهي، تنهن ڪري خوش به ٿيو ۽ خط ۾ الائي ڇا ڇا تفصيل لکي موڪليائين، مون اهو خط پڙهي ڪيسي ۾ ٿي وڌو ته سامهون وينل شيخ عزيز چيو ڪهڙي ملڪ مان خط آيو اٿئي، چيومانس ته منهنجي ڪلاس ميٽ الطاف شيخ خط موڪليو آهي ۽ جيڪو لکيو اٿس اهو مون کي به سمجهه ۾ نه ٿو

اچي، عزيز مون کي چيو خط مون کي ڏي ڏسان، خط ڏنومانس. پڙهي چيائين تہ هي تہ زبردست سفر نامو آهي. اهو پاڻ اخبار ۾ شايع ڪنداسين، اهو ئي هو منهنجي ۽ هُن جي سوچ جو فرق! عبرت ۾ سنڌي ايڊيشن الڳ نڪرندو هو جنهن ۾ سچيون ڪهاڻيون شايع ڪبيون هيون، الطاف شيخ جو سفرنامو بہ ان ۾ شايع ڪيو ويو، الطاف کي بہ شايد اطلاع مليو تہ عبرت ۾ تنهنجو سفر نامو شروع ٿي ويو آهي پوءِ هو ائين سفر ناما موڪليندو رهيو، اسان شايع ڪندا رهياسين، سنڌس سفرنامن جو پهريون ڪتاب عبرت ۾ شايع ٿيل سفرنامن جو مجموعو هو، هاڻ تہ الطاف سفر نامن جي ذري گهٽ سينچري اچي مڪمل ڪئي آهي، اسڪول مان هڪ ٻئي کان جدا ٿيڻ کان پوءِ الطاف سان ڏهہ ٻارنهن سال پهرين فقط هڪ ڀيرو عبرت آفيس ۾ ئي ملاقات ٿي هئي، ڪئميرا هٿ ۾ هئس، همراهہ بہ گڏ هئس، ڏاڍا فوٽو گڏ ڪڍرايائين، چيائين حيات تنهنجا تہ وار اڃ بہ گهاٽا آهن، آئون تہ صفا گنجو ٿي ويو آهيان.

شيخ صاحب کي پهريون فرزند ٿيو، نالو رکيائينس طارق، اسان کي چيائين منهنجو پٽ طارق اڳتي هلي فوج جو سربراهہ ٿيندو، خدا جي ڪرڻي طارق فوجي تہ نہ بڻيو پر هوش سنڀالڻ سان قلم هٿ ۾ ڪنيائين، آرٽيڪل لکيائين، اخبارن ۾ شايع ٿيا تہ والد سندس همت افزائي ڪئي ۽ مضمون نويسيءَ ۾ پٽ جي تربيت ڪيائين، محنت ڪري ڪتاب لکيائين، پيءُ وٽ آيو، چيائين ڪتاب لکيو اٿم ڇپرائي ڏيو، شيخ عزيز نپ جواب ڏنائينس تہ تون ڄاڻ تنهنجو ڪتاب ڄاڻي، طارق همٿ نہ هاري ڪتاب ڇپرائي ورتائين، والد کي ڏيکاريائين تہ نهايت خوش ٿيو ۽ پٽ کي شاباس ڏنائين. هاڻ معاملو آيو رونمائي تقريب جو، دل ۾ سوچيائين بابا جا وڏا وڏا اديب دوست آهن، انهن کي فون ڪندو تہ هو خوشيءَ سان اچي شريڪ ٿيندا، نالن جي لسٽ ڪڻي پنهنجي والد وٽ آيو، چيائينس تہ انهن کي فون اوهان ڪريو ڪارڊ آئون ٿو موڪليان تہ جيئن تقريب شاندار ٿي وڃي، شيخ عزيز جو ساڳيو

جواب ته بابا آئون ڪنهن ڪي به فون ڪونه ڪندس تون ڇاڻ تنهنجو ڪم، باقي ٽائيم هوندو ته تقريب ۾ شرڪت ضرور ڪندس. پر پوءِ ساڻس مڪمل مدد ڪيائين ڪراچي پريس ڪلب ۾ شاندار نموني سان رونمائي تقريب ٿي ۽ وڏي پئماني تي، شيخ عزيز جو مقصد اهو ئي هو ته جيڪڏهن آئون ڪا مدد ڪندوسانس ته هن ۾ خود اعتمادي پيدا ٿي نه سگهندي ۽ هميشه ٻين جي مشورن تي ڀاڙيندو رهندو. ڪي سينيئر پوئتي ٿي جونيئر کي اڳتي وڌڻ لاءِ خود اعتمادي پيدا ڪندا آهن شيخ عزيز اهڙن ماڻهمن مان هو. اهڙو ئي سلسلو مون سان به ٿيو عبرت اخبار ۾ ڪجهه تبديليون آيون، ايڊيٽر شيخ علي محمد اداري کان الڳ ٿي ويو، سينيئر ٿي هئا، شيخ عزيز، خيرمحمد کوکر، مقبول صديقي، مالڪ فيصلو ڪري ڪونه سگهيا، تنهي جو نالو ايڊيٽوريل بورڊ ۾ هلندو هو، اهو سلسلو شايد سال به هليو نيٺ مالڪن کي ڪنهن کي نه ڪنهن کي ايڊيٽر مقرر ڪرڻو ئي پيو، مقابلي ۾ به ڄڻا هئا ٻنهي پنهنجو حق پئي سمجهيو اهي هئا شيخ عزيز ۽ خيرمحمد کوکر، قاضي سعيد اڪبر جو لاڙو شيخ عزيز ڏانهن هو جڏهن ته سندس والد قاضي محمد اڪبر جي چوائس خيرمحمد کوکر هئي، سو خيرمحمد کوکر نئون ايڊيٽر ٿي ويو، بهر حال ڪيس انهيءَ تي راضي ڪيو ويو ته جيسين ڪو نئون نيوز ايڊيٽر مقرر ٿئي تيسين ايڊيٽر واري ذميواري سان گڏ هو رات جو نيوز ايڊيٽر جا فرض به سر انجام ڏئي، ڪجهه وقت اهو سلسلو جاري رهيو، اڳتي هلي خيرمحمد کوکر رات واري ڊيوٽي کان جواب ڏئي ڇڏيو، مجبوري ۾ شيخ عزيز کي ڊبل ڊيوٽي ڪرڻي پئجي وئي، رات جي ڊيوٽي ۾ جيئن آئون خير محمد کوکر جو اسسٽنٽ هيس تيئن شيخ عزيز جو به اسسٽنٽ رهيس، شيخ عزيز مون کي هيڪانديون خبرون ترجمي ۽ ناهڻ لاءِ ڏيندو هو، ويهن پنجويهن ڏينهن کان پوءِ شيخ عزيز مون کي چيو ابا ڪرسي سنڀال مون نه ڪئي، چيائين پاڻ ۾ خوداعتمادي پيدا ڪر، ڪا مشڪل ڳالهه ڪانهي ۽ تون بلڪل ذميواري سنڀالي سگهين ٿو، مون به بسم الله ڪئي ۽ پوءِ وري

پوئتي مڙي نہ ڏنو، ايڊيٽر نہ ٿيڻ جي باوجود شيخ عزيز پنهنجي ڊيوٽي سان سچو رهيو، ايڊيشن بہ پاڻ ئي ڪڍندو هو، ان دوران قاضي خاندان جو هڪ نوجوان فرد قاضي سليم اڪبر اخباري دنيا ۾ آيو، انگريزي اخبار آبزرور شروع ڪيائين ۽ ڪو وقت شام جي اخبار طور نڪرندڙ سنڌ نيوز اخبار کي روزاني اخبار ڪري مارڪيٽ ۾ آڻڻ جو پروگرام جوڙيائين، شيخ عزيز کي پاڻ ڏانهن وٺي ويو، سڀ تياريون مڪمل ٿي چڪيون هيون، پريس لاءِ مشينري اچي وئي، آفيس قائم ٿي وئي قدرت خدا جي قاضي محمد اڪبر جو هي نوجوان فرزند قاضي سليم اڪبر سپر هاءِ وي تي ڪراچي ويندي روڊ حادثي ۾ گذاري ويو، بهرحال شيخ عزيز پنهنجو وچن نڀايو اخبار مارڪيٽ ۾ آندي، افتتاحي تقريب ۾ ان وقت جو وزيراعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئي شريڪ ٿيو، جيئن تہ اصل دلچسپي رکندڙ فرد هي جهان ڇڏي چڪو هو، ان ڪري باقي ٻين جي دلچسپي آهستي آهستي گهٽجندي وئي، اهڙي طرح شيخ عزيز بہ اداري کي خيرباد چئي ڪراچي منتقل ٿي ويو، هيري جي ڄاڻ جوهري کي هوندي آهي سو جيئن ئي شيخ عزيز ڪراچيءَ ۾ سيٽل ٿيو ماتري کيس پنهنجي اخبار حريت ۾ ڇڪي ويو ايڊيشن سندس حوالي ٿيا ان ۾ بہ هن سنڌ کي ئي اوليت ڏني، مير خليل الرحمان کنهن بہ اردو اخبار کي پاڻ کان وڌڻ ڪونہ ڏيندو هو، هي جو حريت سنڌ ۾ مقبوليت حاصل ڪرڻ لڳي تہ هڪ دم شيخ عزيز کي ڇڪي پاڻ ڏانهن جنگ گروپ ۾ ڪٺي آيو، اتي بہ هن پنهنجو فرض ايمانداري سان نڀايو، ڪجھ وقت کان پوءِ حميد هارون بہ ڪوشش ڪئي تہ کيس پنهنجي اخبار ڊان ۾ وٺي ويو، اها ان جي آخري اخبار هئي، وچ ۾ پير مظهرالحق وزير تعليم جي حيثيت ۾ شيخ عزيز کي سنڌي ادبي بورڊ ۾ سيڪريٽري ڪري رکيو ۽ پرواني پٽي کي بہ ان ئي اداري ۾ نوڪري ڏنائين.

شيخ عزيز صحافت جي ٽنهي شعبن سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ پاڻ مڃايو ۽ پنهنجو نالو ڪڍيو، سنڌي هو سنڌ سان محبت هيس، سنڌ جي ريتن رسمن کي مضمونن جي صورت ۾ اخبارن جي زينت بنايائين.

بهر حال شيخ عزيز پنهنجي ڊيوٽي ايمانداري سان ادا ڪندو هو، تصور اهو ئي هوندو هو ته جڻ هو ڪو پنهنجو فرض ادا ڪري رهيو آهي، بيماري ۾ به موڪل نه ڪندو هو، هي مثال هن ڪان وڏيڪ ڀيو ٿي نٿو سگهي ته شيخ عزيز جي امڙ گذاري وئي، قبرستان ۾ پنهنجي هٿن سان پنهنجي امڙ ڪي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪري قبرستان ڪان سڌو عبرت آفيس ۾ اچي پنهنجي ڊيوٽي تي وينو، اهو هو شيخ عزيز، جيڪو ورلي ملندو.

(روزاني عبرت حيدرآباد، 27 نومبر 2018ع)



The Gulf Today

Pakistan loses veteran journalist Shaikh Aziz

ISLAMABAD: A veteran journalist, writer and scholar Shaikh Aziz died in Karachi at the age of 79. He suffered a heart attack on the Super Highway near Nooriabad and was taken to Hyderabad where adequate facilities were unavailable. His family then transported him to Aga Khan University Hospital in Karachi, where an angioplasty was carried out.

Aziz met and spoke with his family but later in the day, his heart stopped beating and he passed away, his son Tariq Aziz told to the media.

Born in Hyderabad on Dec.9, 1938, Aziz received his early education in the city and went on to acquire a diploma in journalism from the Thomson College of Journalism in London in 1968.

دبئيءَ جي اخبار ’گلف ٽوڊي‘ ۾ ڇپيل خبر جو عڪس

# شيخ عزيز سنڌ جي گهڻ رخي شخصيت

## نور سنڌي

آئون اجان جڏهن ۹ درجي جو شاگرد هئس ته صحافت جو شوق ٿيو. صحافتي زندگي جو آغاز ته عاجز منگي جي معرفت ته روزه الفقراءُ سانگهڙ کان ڪيو ان بعد جڏهن روزنامه اخبار ۾ ڪم ڪرڻ جو. شوق ٿيو ته آئون عبرت پهتس ۽ اخبار جي مالڪ قاضي عبدالمجيد عابد سان ملاقات ڪئي پاڻ ڏاڍي شفقت سان مليو حال احوال ورتو ۽ پاڻ مونکي اهو مشورو ڏنو ته بابا هي عمر اوهان جي تعليم حاصل ڪرڻ جي آهي صحافت، تعليم مڪمل ڪرڻ بعد ڪجان ان بعد آئون ان دور ۾ حيدرآباد ۾ ريشم گلي وٽان روزنامه سنڌ نيوز پهتس ان وقت سنڌ نيوز جو ايڊيٽر مشهور صحافي شيخ عزيز هو. آئون جڏهن ان سان مليس ته ڏاڍي پاٻوهه سان مليو ۽ حال احوال ورتو ان بعد پاڻ به قاضي عبدالمجيد عابد صاحب واري ڳالهه ڪئي جڏهن دل جي خواهش پوري نه ٿي ته آئون روئاڙڪو ٿي ويس منهنجي اها حالت ڏسي اندر جو آواز محسوس ڪندي شيخ عزيز مونکي پنهنجي ڪنهن وڏي وانگر سمجهايو ليڪن مونکي ان وقت صحافت جو جنون ذهن تي سوار هو منهنجي اها حالت ڏسي مون کي چيو اوهان پنهنجي ڳوٺ ملدسي جون خبرون پلي موڪليو اوهان سمجهو سنڌ نيوز جا اعزازي نمائينده آهيو. اهو دور شايد ۷۸ع جو هو ان بعد ملدسي مان جيڪي خبرون موڪليندو هئس اهي شايع ٿينديون هيون جڏهن ته مون نه صرف ملدسي ۽ آسپاس پر تعلقي شهدادپور هالا جي ڳوٺن تي "سنڌڙي تنهنجا شهر وسن ڳوٺ وسن" جي سري هيٺ مختلف ڳوٺن جو تاريخي پس منظر، ماضي حال حل طلب مسئلن تي مضمون موڪلڻ شروع ڪيا جيڪي باقاعده شايع ٿيڻ لڳا.جنهن جي شيخ عزيز نه صرف ساراهه ڪندو هو پر اصلاح به ڪندو هو. هن پاڻ هڪ دفعي چيو نور هن عمر ۾ تنهنجا ليک پڙهي

اندازو ٿئي ٿو تہ اڳتي هلي تون سٺو صحافي سٺو ليکڪ ثابت ٿي سگھين ٿو آئون جڏهن ساڻس ملندو هئس تہ ادب وچان کين دعا لاءِ چوندو هئس پاڻ مرڪي چوندا هئا الله سائين توکي زندگي ۾ ڪاميابيون عطا ڪري. چند سالن بعد جڏهن پاڻ سنڌ نيوز مان ڇڏي جنگ ۾ ويو تہ آئون بہ سنڌ نيوز کي ڇڏي روزنامہ آفتاب حيدرآباد جو رپورٽر وڃي ٿئس.

شيخ عزيز ٩ ڊسمبر ١٩٣٨ع ۾ حيدرآباد جي مشهور علائقي ڳاڏي کاتي ۾ هڪ استاد هڪ علمي شخصيت احمد شيخ جي گهر ۾ جنم ورتو. احمد شيخ ملڪ جي آزاديءَ واري جدوجهد ۾ بہ حصو ورتو ۽ قائد اعظم جو مداح هو. شيخ عزيز، مشهور اديب، لطيف جي پارکو، آثار قديمہ جي ماهر ۽ پ ٽ الف جي باني اڳواڻ شيخ محمد اسماعيل ۽ ريڊيو پاڪستان جي ناماري پروڊيوسر شيخ محمد ابراهيم جو ڀاءُ هو. انهن جي تربيت ۾ رهڻ ڪري ننڍي هوندي کان علم ادب موسيقيءَ سان سندس چاهہ رهيو. پاڻ تعليم پرائمري تعليم ڳاڏي کاتي جي هڪ پرائمري اسڪول مان ۽ مئٽرڪ نورمحمد هاء اسڪول حيدرآباد مان ڪيائين. سڄي سنڌ ۾ ٽاپ پوزيشن اچڻ ڪري، اسڪالرشپ تي پڙهڻ لاءِ پرڏيهہ مان صحافت ۾ ڊپلوما جي ڊگري لنڊن جي ٿامس ڪاليج آف جرنلزم مان حاصل ڪئي. شاگردي دور کان صحافت ۾ اچي مثالي صحافي بنجڻ جو شوق رکندو هو. پاڻ صحافت جي شروعات روزاني ڪاروان حيدرآباد ۾ تقريبن ٥٧ع ۾ سب ايڊيٽر طور ڪئي، جڏهن تہ روزنامہ عبرت جي ايڊيٽر شيخ علي محمد هن کي عبرت ۾ بحيثيت سب ايڊيٽر آندو. بهترين ڪارڪردگي ڪري ايڊيشن انچارج ٿيو. ان بعد اسسٽنٽ ايڊيٽر رهيو تقريبن ٧٦ع ۾ عبرت کي خير باد ڪري انگريزي اخبار هفتي وار سنڌ آبزرور حيدآباد جو ايڊيٽر ٿيو. ٧٧ع ۾ روزنامہ سنڌ نيوز حيدرآباد جو پهريون ايڊيٽر ٿيو، ٨٠ع ۾ جنگ اخبار ۾ سب ايڊيٽر ٿي ويو جتي مختلف حيثيث ۾ ڪم ڪيو. بعد ۾ جنگ ميگزين جو اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿيو. ٨٢ع ۾ روزنامہ حريت

۾ ميگزين ايڊيٽر ٿيو. ٨٩ع ۾ ملڪ جي مشهور انگريزي اخبار روزنامه ڊان ۾ سب ايڊيٽر ٿيو. بعد ۾ ڊان ۾ ايڊيشن انچارج ٿيو ۽ ڊان مان ئي پنجٽيهه سال ڪم ڪرڻ بعد رٽائيرڊ ٿيو پر ان بعد به هڪ ڪالمسٽ ۽ فيچر رائيٽر طور ڊان لاءِ مستقل طور آرٽيڪل لکندو رهيو. شيخ عزيز بهترين صحافي ليڪڪ موسيقي جو ڄاڻو هو، سندس لکڻين ۾ وڏي ڄاڻ هوندي هئي. پاڻ هر موضوع تي سياست، شخصيات، سماجيات، لطيفيات، ادب، فن، ثقافت، تاريخ، ڪلاسيڪل، نيم ڪلاسيڪل موسيقي، سنڌ جا ساز، ماڳ مڪان، هنر ۽ هنر مندن، ملهه پهلوانن، ڏاڙيلن کان وٺي هر موضوع تي لکيو. جيئن لطيف سائين عام طبقي ۽ مثالي ڪردارن کي پنهنجي شاعري ۾ آڻي امر بنائي ڇڏيو اهڙي ريت شيخ عزيز به سنڌ جي عام ۽ منفرد ڪردارن تي لکي انهن کي امر بنائي ڇڏيو. هن اهڙن موضوعن کي وڌيڪ ترجيح ڏني جن تي تمام گهٽ يا بلڪل نه لکيو ويو آهي سندس فنڪارن سگهڙن سازيندن، هنر مندن سان محبت به هوندي هئي، هن جن موضوعن جن ڪردارن تي لکيو انهن تي لکڻ ايترو آسان نه هو اهي موضوع ٽيبل اسٽوري وانگر نه هئا، اهو تحقيقي ڪم هو ان لاءِ شيخ عزيز محنت ڪئي قلم ذريعي سندس پورهيو شاندار رهيو. هن مختلف اردو، سنڌي، انگريزي اخبارن ۾ هزارين ڪالم، فيچر، آرٽيڪل لکيا، سيمينارن ۾ مقالا پڙهيا، ريڊيو ٽي وي جا اسڪرپٽ لکيا، خاص طور ڊان ۾ ادب، فن، ثقافت، تاريخ منفرد پُراسرار ڪردارن تي لکي ان بابت دنيا کي ڄاڻ ڏني.

شيخ عزيز جو اهو ڪردار به سنڌ جي تاريخ ۾ ياد رکيو ويندو ته هن ملڪ جي جمهوري تحريڪن خاص طور ايم آر ڊي تحريڪ ۾ هڪ صحافي ليڪڪ طور قلم ذريعي شاندار ڪردار ادا ڪيو. پاڻ حيدرآباد پريس ڪلب، يونين آف جنرلسٽس جو صدر، آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽيءَ جو جج، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ قائم مرزا قليچ بيگ چيئر جو بورڊ آف گورنرس جو ميمبر به رهيو. پاڻ سنڌ يونيورسٽي جي صحافت واري شعبي ۾ ڪافي وقت وزٽنگ پروفيسر

بہ رهيو. شيخ عزيز جو اهو بہ ڪردار رهيو تہ هن سنڌ ۾ بهتر صحافي پئدا ڪيا. هن صحافين کي تربيت بہ ڏني. شيخ عزيز کي سنڌ جي تاريخ ڊراما ٿيٽر، موسيقي، ڪلاسيڪل ادب پراسرار ۽ منفرد ڪردارن، آرٽ سان شوق رهيو. پاڻ حساس طبيت جو هو، هر معاملي تي گهري نظر رکندو هو. جڏهن ڪراچي ۾ جنگ کان وٺي ڊان ۾ رهيو تہ گهڻو ڪري جڏهن بہ ڪراچي وڃڻ ٿيندو هو تہ ڪوشش رهندي هئي تہ وٽن حاضري ڀرجي، ڪجھ سکجي. سندس شهداد پور جي سياسي شخصيت فقير محمد بخش خاصخيليءَ سان دوستي هوندي هئي. ڪافي دفعا وٽس شهداد پور بہ آيا. ڪراچيءَ واري فليٽ تي بہ ايندا هئا. اتي بہ ساڻن ملاقاتون رهيون.

پاڻ هيڏي پائي جو صحافي ليکڪ هئڻ جي باوجود سادو انسان هو، سندس ڳالهائڻ جو انداز منفرد هوندو هو مختصر پر بهترين ڳالهائيندو هو، سندس ادب ۽ صحافت ۾ خدمتن عيوض ڪافي ايوارڊ مليا جن ۾ بين ايوارڊ کان سواءِ ايڪسيلنس ايوارڊ آف جرنلزم ٢٠٠٠ع، لٽريسي ايوارڊ ٢٠٠١ع بہ آهن.

پاڻ ٢٠١١ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو وائيس چئرمئن بہ رهيو. پاڻ صحافت، سياست، سماجيات، علم، ادب، تاريخ سميت منفرد ڪردارن ۽ ٻئن موضوعن تي تقريبن ٢٥ کان وڌيڪ انگريزي، اردو ۽ سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکيائين، جن ۾ ٻئن ڪتابن کان سواءِ سنڌ جون پر اسرار ڪهاڻيون، الحمرا جا داستان، عملي صحافت، مون لينن جو ڏيھ ڏٺو، تقسيم کان تقسيم تائين، ڪير ٿر، سنڌ جي تاريخ، سنڌي موسيقي، نندي ڪنڌ جي ڊرامن جي تاريخ، پٽو جون يادگيريون، پٽو کان ضياء تائين، پاڪستان جي سياسي تاريخ، سنڌي ادب جي تاريخ ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن جڏهن تہ اڻ ڇپيل ڪتابن جو وڏو تعداد ڇڏي ويا آهن.

سنڌ جي مشهور ساز چنگ تي لکيل ڪتاب پنهنجي زندگيءَ ۾ ڇپائڻ لاءِ ثقافت کاتي کي ڏنو. اميد تہ اهو ڪتاب ثقافت کاتو جلد ڇپائي پڌرو ڪندو.

شيخ عزيز نہ صرف موسيقيءَ مان وڏي چاھ رکندو هو، پر پاڻ کي ستار وڄائڻ جي مهارت پڻ هوندي هئس. جڏهن موڊ ۾ هوندو هو تہ خود بہ جهونگاريندو هو. سندس وڏيک پسند جي فنڪارن ۾ استاد منظور علي خان، روشن آرا بيگم، اقبال بانو، استاد امانت علي خان، فريده خانم، بسم الله خان شهنائي نواز، ذاڪر طبلي نواز هئا. استاد منظور علي خان سان سندس هجت پڻ هوندي هئي. پاڻ جڏهن سني موڊ ۾ هوندو هو تہ استاد منظور علي خان جو ڳايل ڪلام "ويندس يار مري او مري، تنهنجي درد فراق ۾" ڳائيندو هو.

شيخ عزيز ڪچهرين جو ڪوڏيو هوندو هو. جڏهن ڪنهن بہ موضوع تي ڳالهائيندو هو تہ ٻڌندڙن ۾ خاموشي ڇانئجي ويندي هئي. لطيف سائين سان وڏي عقيدت رکندو هو. لطيف سائين جي فڪر تي جڏهن فلسفانہ انداز بجاءِ سادن لفظن ۾ ڳالهائيندو هو تہ اديب، دانشور، مفڪر حيران ٿي ويندا هئا. هن پٽ ڏٽيءَ جي راڳ تي تحقيقي مقالا بہ لکيا. لطيف جي راڳ تي وڏي تحقيق ڪئي، ڪيترا ئي غير ملڪي اسڪالر، محقق جيڪي لطيف سائين جي تحقيق ڪندا هئا اهي شيخ عزيز سان ملي رهنمائي ۽ چاڻ وٺندا هئا. مشهور اسڪالر محقق خاتون پي لنگ جڏهن سنڌ اچي لطيف سائين جي فڪر، ڪلام تي ڪم ڪيو تہ هوءَ ڪيترا ئي ڀيرا شيخ عزيز سان ملي هئي. ان پنهنجي مقالي لطيف جي راڳ تي لکيل مقالي ۾ اهڙو ذڪر ڪيو آهي.

پاڻ ٦ آڪٽوبر تي ڪراچيءَ کان حيدرآباد گهر وارن سان گڏ شاديءَ جي هڪ تقريب ۾ وڃي رهيو هو رستي ۾ ڪيس دل ۾ سور ٿيو. فوري طبي امداد لاءِ حيدرآباد جي اين آئي سي وي ڊي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو جتان ڪيس فائدو نہ ٿيو تہ ڪراچي موڪليو ويو جتي آغا خان اسپتال ۾ سندس دل جو آپريشن ٿيو ۽ سندس صحت سڌري رهي هئي ليڪن وري سندس طبيت اچانڪ خراب ٿي وئي ۽ پاڻ ٧ آڪٽوبر تي دم ڏٽيءَ حوالي ڪيو. ڪيس پهلوان ڳوٺ واري قبرستان ۾ ڌرتي ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو. سندس فرزند طارق

عزيز شيخ صحافي ۽ ليکڪ آهي. والد جي تربيت ڪري بهترين لکي ٿو. شيخ عزيز سنڌ جي ادب، فن، ثقافت، تاريخ، صحافت، سماجيات جو هڪ اثاثو هو. سندس مختلف شعبن ۾ ڪيل خدمتون اڻ وسرندڙ ۽ قابل تعريف آهن.

(روزاني سوڀ حيدرآباد، ۱۵ آڪٽوبر ۲۰۱۸ع)



شاهه لطيف جي عرس جي موقعي تي پنهنجي پسنديده راند ملهه ڏسندي.

# شيخ عزيز ڪڏهن به نه وسرندو

حميده گهانگهرو

اهي ماڻهو جن جو حوصلو هماليا کان به اوچو، پهاڙ کان به مضبوط، ڪارونجهر جي قيمتي هيرن وانگر سندن سوچ فڪر ۾ ادبي سرمايو سانديل هو، انهيءَ اهم قطار مان هڪ هو شيخ عزيز. شيخ عزيز ڪير نه سڃاڻي ۽ جيڪڏهن ڪير اهو چوي ته شيخ صاحب کي نه سڃاڻيون ته سمجهو انهن صحافت، ادب، آرٽ جي سڃاڻپ کان انڪار ڪيو. شيخ عزيز صحافت جو سرمايو آهي، جنهن پنهنجي صحافتي زندگيءَ ۾ پنهنجي فرض ادا ڪرڻ کان سواءِ ڪيترن صحافين کي آگاهي ڏني ۽ لکڻ جي فن ۾ ماهر ڪيو.

شيخ عزيز بغير موڪلاڻيءَ جي وڇڙي ويو ڪن انسانن جي وڇوڙي جي اچانڪ خبر پوي ته موت کي به ميار ڏيڻ تي دل چوندي. اي موت تون ايڏو جلد ڇو آئين، ڪن ماڻهن جون زندگيون اهڙيون قيمتي هونديون آهن جن جي جيئڻ لاءِ هميشه دعائون گهربيون، شيخ عزيز به انهن مان هڪ هو. صحافت، علم، ادب، آرٽ سيني جو سنگم. شيخ عزيز پهريون دفعو ڏسو ته بلڪل نه محسوس ٿيندو ته هي ماڻهو ايڏو نرم نازڪ ۽ دل ۾ ڀين جي محبتن جذبن کي سانديڻ وارو سچو کرو بيباڪ صحافي اديب، دانشور ۽ سڀ کان وڏيڪ نظرياتي سوچ جو ارڏو انسان، ڪڏهن به آڻ نه مڃڻ بلڪل صاف گو مصلحت ۽ خود پسنديءَ کان هزارين ميل ڏور رهڻ وارو، محفل جي مجموعي ۾ خوش رهڻ پسند ڪندو هو. هي تمام حساس دل به هو.

مون کي ياد آهي نذير عباسيءَ سان شادي ٿئي پئي، نذير هول ٽائمر ڪامريڊ هئو، هن وٽ سامان وٺڻ لاءِ پئسا نه هئا ۽ سهيل سانگي، شيخ عزيز، قاضي سليم ريشم گلي وٺي وڃي ڪجهه پائڻ جا ڪپڙا سامان ۽ بيگ وٺي نذير کي ڏني ته ڪٽي وڃ، هو ڪامريڊ به هو ته

ڪامريڊن جو خيال بہ ڪندو هو. سندس صحافتي سفر تہ عبرت اخبار ڪان شروع ٿيو، پر جڏهن سنڌ نيوز شايع ٿيڻ لڳي تہ سندس صحافتي ڪردار ڪافي نکرجي سامهون آيو ۽ خاص طور سنڌي پڙهندڙ سندس لکڻين کي ساراهيندا هئا. ايڊيٽوريل پڙهڻ جهڙا هئا، سندس لکڻين جي ڏات دل کي ڇهي ڇڏي ماڻهوءَ جي حساس جذبن سان ڳالهائيندو هو، سنڌ نيوز اخبار شروع ٿيڻ کان اڳ سنڌ نيوز جي ٽيم قاضي سليم، شيخ عزيز، سهيل سانگي پوري سنڌ جو دورو ڪيو، ماڻهن کي آگاهي ڏيڻ لاءِ ڪچهريون ڪيون. اخبارن جو معيار تمام بلند ٿيڻ لڳو، قاضي سليم ۽ شيخ عزيز سهيل سانگيءَ کان دير سان واندا ٿي اسان جي گهر آيا، امان کي چيائون تہ ڪامريڊ جي گهر واري امڙ جي هٿ جي چانهن پيئنداسون. اُن وقت سيءُ بہ تمام گهڻو هو، پنهنجائپ وارو خلوص ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي.

سنڌ نيوز جي اعزازي ڪاپي اسان جي گهر ايندي هئي ۽ اسين سڀ پينر پائر ڏاڍي شوق سان پڙهندا هئاسين. سال ١٩٧٥ع ۾ ڪاليج جي مطالبي ۽ احتجاج دوران هاءِ اسڪول جا شاگرد گرفتار ڪيا ويا جن ۾ مان ادي زبيده ۽ منهنجو بابا بہ انهيءَ ڏوهہ ۾ گرفتار ڪيا وياسين تہ ڪاليج لاءِ احتجاج ڇو ڪيو. بابا کي نواب شاهہ جيل ۽ اسان ڀنهي ڀينرن کي نارا جيل ۾ رکيو ويو. بيگم نسيم ولي خان بيان ڏنو تہ ڇا پاڪستان ڪنهن ڇئن پلرن تي بيٺل آهي جنهن کي اسڪول جون ننڍيون شاگرديائيون ڪيرا ئي ڇڏين ها. مون کي ياد آهي تہ آزادي کان پوءِ جڏهن اسين حيدرآباد گاڏي کاتي ٽريڊ يونين آفيس آيوسين تہ شيخ عزيز صاحب ۽ قاضي سليم خاص طور همت حوصلي تي داد ڏيڻ آيا. قاضي سليم ۽ شيخ عزيز ۾ ڪا وڏائي نہ هئي يا وري اهو سوچڻ تہ مزدورن جي آفيس ۾ ماني ڪيئن کائون.

نذير عباسي، تاج مري مزدور اڳواڻ بشير پائي حيدر چوڪ تان پڪوڙا ماني ۽ نهاري گهرائي جيڪا اسان سڀني گڏجي کاڌي ۽ پوءِ قاضي سليم کي سنڌ آبزرور لاءِ ڪجهہ تاثرات ونٺا هئا، ان کان پوءِ

جيل جون ڳالهيون ڪندي مون شيخ عزيز صاحب کي ٻڌايو تہ ڪنديارو شنوائي ڪان پوءِ ٻيهر نارا جيل وٺي پيا وڃن تہ جيل جي ماڙي تي تلاشي ورتي ويندي آهي، مون وٽ شيخ صاحب جو ڪتاب هو، جيل سپرينٽنڊنٽ کي اعتراض ٿيو تہ توهان جيل اندر هي ڪتاب نٿا ڪڻي وڃي سگهو. جيلر حئي قريشي هيو، تنهن چيو هي ڳاڙها ڪتاب آهن جيل ۾ اجازت ناهي.مون هڪدم ڪتاب جو ٽائٽل پنو ڦاڙيو جنهن تي ڳاڙهن اکرن ۾ لکيل هو ”مون لينن جو ڏيهہ ڏٺو“ ۽ چيو تہ هاڻي تہ ڳاڙهو ڪتاب ناهي. حئي قريشيءَ کي منهنجي ان سياڻپ ۽ جرئت تي حيراني ٿي ۽ هلڪي مسڪراهٽ ۾ چيائين خير آ هاڻي ڦاٽل پراڻو ڪتاب تي ويو. دراصل آزاد ٿيڻ ڪان پوءِ خبر پئي تہ حيي قريشي ڪنهن زماني ۾ شاگرد يونين ۾ بہ رهيو هو.

بهر حال هنن جي نظر ۾ هي ڦاٽل ڪتاب جيل ۾ اسان جي ٽٽندڙ اعتماد ۽ مايوسي ڪان بچائڻ لاءِ ڏاڍو قيمتي ۽ ڪارگر ثابت ٿيو، چاڪاڻ جو هن ۾ ١٩١٧ع بالشويڪ انقلاب ڪان پوءِ جون سچون حقيقي حالتون ۽ منظر هئو.

شيخ عزيز صاحب هڪ جاءِ تي لکي ٿو تہ مون ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي هارين جي حالتن کي ڏسڻ چاهيو تہ ڏاڍي خوشي ٿي اتان جو هاري بہ بلڪل خوشحال آهي ۽ هر هلائڻ، لاباري جي تڪليف واري صورتحال ناهي بلڪ ٽريڪٽر ۽ ٿريشر استعمال ڪري هاري محنت کي سولو ڪري ڇڏيو آهي. شايد اهو ئي سبب هئو جو اسان وٽ سستي قيمت ۾ روسي ٽريڪٽر ۽ ٿريشر عام وڪامڻ لڳو پر هتان جي آب هوا جي ڪري شايد هي مشينري ايترو ڪامياب نہ وئي.

ان ڪان پوءِ هڪ جاءِ تي لکيو اٿائين تہ ”آئون تاشقند گهمڻ ويس ۽ سوچيم تہ پلا هتي ڪميونسٽ انقلاب آيل آهي، مسلمانن جا ڪهڙا حال هوندا، مون کي مسجدون بلڪل صاف سٿريون خوبصورت نظر آيون، ڪنهن بہ مذهب جي ڪا توهين ناهي، هر ماڻهو پنهنجي آزاديءَ سان رهي ٿو. ڪامريڊ لينن جو نظريو ڪنهن مذهب جي خلاف ناهي پر

طبقاتي فرسوده نظام جي خلاف ۽ انساني بنيادن تي هر ڪنهن کي حق ڏيڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. مان ڏاڏو خوش ٿي مسجد ۾ اندر داخل ٿيس وضو ڪرڻ وينس ته نلڪي جي ٿوٽي غائب هئي، خير وري ٻاهر آيس ته دروازي تي ماڻهو شور پيا ڪن. ڪو ماڻهومنهنجي نئين جتي ڪٽي پراڻي جتي رکي ويو هو. مون سوچيو ته واهه، مسلمان جتي به هوندو حسب عادت نلڪي جي ٿوٽي ۽ جتي چورائڻ واري رسم ڪان ڪڏهن به نه ڪيٻائيندو“. شيخ صاحب بلڪل سچ ۽ کرو سچ لکيو آهي جنهن جاءِ تي تنقيد هئي تنقيد به ڪئي آهي جنهن جاءِ تي بالشويڪ انقلاب جا سنا اثر هئا اهي به بيان ڪيا آهن.

مون کي حيرت ان ڳالهه تي آهي ته آخر هن ۾ ڳاڙهي ڪتاب واري کهڙي نشاني هئي؟ ها جيڪڏهن ڳاڙهي ڪتاب جي نشاندهي هئي ته اهو هڪ انقلابي ڏيهه جي اکين ڏٺل احوال هو، جيڪو اسان جي ملڪ ۾ اڄ ڏينهن تائين هضم نه ٿو ٿي سگهي. شيخ اياز چيو آهي ”سچ وڏو ڏوهاري آهي“ سو شيخ عزيز جهڙا بي باڪ ڪردار سچ لکڻ کان ڪڏهن به نه ڪيٻائيندا هئا. ٽوٽي جو ڪٽي انهيءَ ادب تي به ١۴۴ جو قلم لاڳو ڪري اديب گرفتار ۽ ادب اسٽورن حوالي ڪيو ويندو هو پر اها خبر نه هين ته قلم ۽ سچو اديب ڪڏهن به قيد ناهي ٿيندو.

شيخ عزيز به ڪڏهن قلم ۽ سوچ کي قيد ڪرڻ نه ڏنو بلڪ ساهه جي آخري گهڙيءَ تائين سچائي ايمانداري ۽ بيباڪيءَ جي سوچ کي پاڻ وٽ قيد ڪيو، اڄ هو اسان کان وڇڙي ويو آهي پر سندس علمي ڪتابن جو ذخيرو يادن جو در کولي هڪ هڪ کي سڏ ڏينديون ان وقت سيني کي شيخ عزيز وڇڙيل نه پر محفل جو مور ٿي اڳيان ايندو. اهڙا ماڻهو ڪڏهن به ناهن وڇڙندا جن جي تاريخ قلم سان لکيل هجي. هي ڪنهن هڪ ڏينهن تي ديڳ جو پت ڪارائي ڪنو ڪري ياد نه ڪيو ويندو پر جڏهن به صحافت، علم، ادب آرٽ، فن جو ذڪر ٿيندو ته شيخ عزيز زنده نظر ايندو. (عوامي آواز سنڌي مئگزين، 14آڪٽبر 2018ع)




**سنڌي ميگزين سر ورق تي تصوير ڇاپي ۽ مضمون شايع ڪيائين**

# شيخ عزيز سيني جو عزيز

## مير اعظم علي ٽالپُر

هن جو پورو نالو شيخ عبدالعزيز هو، پر هو اخباري دنيا ۾ شيخ عزيز جي نالي سان مشهور هو. هن جو جنم حيدرآباد ۾ ١٩٣٨ع دوران ٿيو پر سندس جوانيءَ کان هر ڳالهه ۾ سجاڳپ اخبارون ۽ صحافت جو ميدان آهي. منهنجي سجاڳپ ۽ واقفيت سائين شيخ عزيز سان (تاريخ ياد نه آهي) غالبن ١٩٦٩ع کان ان وقت ٿي هئي، جڏهن کان عبرت ۾ اچڻ وڃڻ ۽ لکڻ جو سلسلو ٻارن جي صفحي ٻارڙن جي ٻاريءَ کان شروع کيو هو. ان بعد عبرت جي فلمي صفحي ۽ ان بعد فلم ايڊيشن ۾ لکندي ملاقاتون ٿينديون هيون. سائين شيخ عزيز سنڌي ايڊيشن لاءِ ٻه مضمون لکيا، جنهن ۾ خاص ڪري آچر ٢ ڊسمبر ١٩٧٣ع وارو آرٽيڪل ”ڊبلن جو اغوا“ بهتر هو، شيخ عزيز تي عبرت اخبار لاءِ فلمي صفحو ڪڍڻ لاءِ سائين شهزادي گلفام کي آماده ڪيو هو ۽ ان کان پوءِ شهزادي گلفام جو عبرت جو فلمي صفحو فلم ايڊيشن بڻجي ويو ۽ عبرت جي واڪاڻ لاهور ۽ ڪراچي فلم انڊسٽري تائين ٿيڻ لڳي هئي. شيخ عزيز کي مَلهه راند سان ڏاڍي دلچسپي هئي، ان لاءِ هو اڪثر محرم سان ملي ملهه ڪرائڻ ۽ ان تي لکڻ پسند ڪندو هو، ان ڪري شير سنڌ مير بحر ۽ ملهه تي عبرت ۾ گهڻو ڪجهه وقت به وقت شايع ٿيندو رهندو هو. ان سلسلي ۾ پروانو پٽي به ملهه راند سان شوق رکندو هو.

شيخ عزيز عبرت اخبار ۾ ان وقت ڪم ڪيو، جڏهن ڪنهن اخبار کي مواد پهچائڻ لاءِ اڄ جهڙي آسان ٽيڪنالاجيءَ واري سهولت ميسر نه هئي، مواد لاءِ ٽپال يا هٿ سان پهچائڻ جو رستو هو. ان جي باوجود شيخ عزيز عبرت اخبار ۾ ٧٠ع جي ڏهاڪي ۾ شاندار صحافت ڪندي اخبار کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. جو نه هي هڪ طرف ايماندار

صحافت ڪندڙ هو ته ٻئي طرف نواڻ پسند هو، ان زماني ۾ اخبار کي خبرون ا پ پ (سرڪاري ايجنسي) ڏينديون هيون، پر شيخ عزيز ٿامس ڪاليج لنڊن مان ڊپلوما واري تجربي ۽ علم کي سنڌي صحافت ۾ ڪم آندو. حالانڪه شيخ صاحب پنهنجي سڄي ڄمار ۾ سرڪاري نوڪريءَ کي اوليت نه ڏني ۽ مختلف اخبارن ۾ ڪم ڪيو، جيئن ڪاروان ۾ ١٩٥٨ع ان بعد عبرت ۾ سب ايڊيٽر ۽ انچارج ايڊيٽر به ڪم ڪيو ۽ ايڊيشن جو انچارج هو. ان کان سواءِ اسسٽنٽ پرنٽر طور به ڪم ڪيو.

شيخ عزيز ١٩٧٦ع کان سنڌ نيوز جو ايڊيٽر ٿيو، جتي راقم کي به گڏ وٺي ويو ۽ فلم ايڊيشن شروع ڪيو، هن سنڌي اردو ڊڪشنري لاءِ حڪومت پاران هلندڙ اسڪيم ۾ لغت لاءِ ڪم ڪيو. ان کانسواءِ سنڌي ادبي بورڊ فوڪ لور ڪليڪشن پروجيڪٽ ۾ ١٩٥٧ع کان ١٩٦٠ع تائين مشغول رهيو. هن بطور اعزازي استاد سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪلاس ورتا.

ڪي ٿورا ماڻهو قدرتي ڏات جو ڀرپور اظهار ڪندا آهن، اهڙن ماڻهن ۾ شيخ صاحب جو نالو نمايان آهي. هُن نه فقط افسانا لکيا، پر صحافت بابت به خوب لکيو. اُن کان علاوه سفرنامو پڻ لکيو. شيخ عزيز جي مختلف ڪتابن ۾ بهترين ڪتاب پراسرار ڪهاڻيون آهي، جيتوڻيڪ سندس ٻين ڪتابن ۾ مختصر ڪهاڻيون، عمل صحافت، مون لينن جو ڏيهه ڏٺو، تقسيم کان تقسيم تائين.

شيخ عزيز کي موسيقيءَ جي فن سان به شوق هو ۽ هن هڪ ڪتاب سنڌ جي ساز ”چنگ“ تي تحرير ڪيو آهي، جيڪو سنڌ ثقافت کاتي وٽ انن مهينن کان امانت پيل آهي، خبر نه آهي اهو ڪتاب ڪڏهن ڇپبو؟ ان لاءِ سائين سردار شاهه وزير ثقافت کي جلدي ”چارڻ چوريو چنگ“ چورڻ ۽ شيخ عزيز جو اهو چنگ تي ڪتاب شايع ڪرڻ لاءِ تحرڪ وٺڻ گهرجي.

بهر حال اڳ عبرت ۾ سيني جو عزيز هوندو هو شيخ عزيز، جيڪو آخر ۾ جنگ اردو، ان بعد حريت ۽ آخر ۾ ڊان ۾ ڪم ڪندو

رهيو ۽ خوب نالو ڪمايو. ”جهان ڀي گئي داستان ڇوڙ آئي“ ۽ سدائين صحافت جي ميدان ۾ بطور استاد سنڌس نالو زنده رهندو. ڇو ته هو سيني جو عزيز هو ۽ عبرت اخبار ۾ ڪم ڪندي به بيمار هو ڪيس روزانا انجيڪشن لڳندي هئي ۽ سنڌس ياءُ شيخ ابراهيم ڪراچي ريڊيو تان رٽائرڊ ٿيڻ بعد جلدي گذاري ويو هو.

(روزاني عبرت حيدرآباد، 10 آڪٽوبر 2018ع)



ستر جي ڏهاڪي ۾ عبرت اخبار جي ساٿين سان يادگار فوٽو.

شيخ عزيز کي ڀيٽا ڏيندي زرار پيرزادي عوامي آواز ٽي ويءَ




تي ’تخليق‘ جو خصوصي پروگرام 12 آڪٽوبر 2018ع تي ڪيو، جنهن ۾ طارق عزيز شيخ، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو ۽ يوسف سيف شريڪ ٿيا.

# صحافت جو هڪ اصُولي باب پُورو ٿيو

## زرار پيرزادو

سال ٢٠١٨ع ۾ جيڪي تمام وڏيون شخصيتون لاڏاڻو ڪري ويون آهن تن مان شيخ عزيز صاحب به هڪ آهي. جام ساقي، منو پائي، رسول بخش پليجو، عاصم جهانگير، عبدالحڪيم ارشد ۽ هاڻي شيخ عزيز پنهنجن پنهنجن شعبن جا ليجنڊ هيا. ليجنڊ اسان انهن کي چوندا آهيون جن پنهنجي شعبي کي نئون لاڙو، نئون دور ڏنو هجي.

شيخ عزيز صاحب هونئن ته گهڻ رخي شخصيت هيا، ادب، سياست، تاريخ ۽ موسيقي سندن لکڻين جا وڏا حوالا هيا پر "صحافت" ۾ سندن قد ڪاٺ "استاد" ۽ رول ماڊل وارو هو. هو انهن صحافين مان هڪ هو جن جي صحافت کي ڏسي ڪيترن ماڻهن "صحافت" کي پيشي ۽ ڪيريئر طور استعمال ڪيو. هو پنهنجي جوهر ۾ "صحافتي ادارو" هجي ۽ ان سنڌي صحافت تي هڪ ڪتاب به لکيو جنهن کي نصابي حيثيت مليل آهي.

هو رڳو سنڌي صحافين جو ئي رول ماڊل نه هو پر انگريزي ۽ اردو ميڊيا جي صحافين جو پڻ استاد هو. شيخ عزيز صاحب کان متاثر ٿي سندس گهر مان به هڪ صحافي ۽ محقق پيدا ٿيو، جنهن جو نالو آهي "طارق عزيز شيخ".

طارق جنهن جي سڃاڻپ جو پهريون ۽ وڏو حوالو سندس والد "شيخ عزيز" هو، سو هاڻي شيخ عزيز جي ورثي جو وارث بڻجي آڏو آيو آهي ۽ شيخ عزيز ڪيس پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي اهو ورثو سنڀالڻ جو ڏانءُ اڻ سڌي طرح يعني روڊل ماڊل بڻجي سيکاري ويو ۽ شيخ عزيز صاحب ڪيس پنهنجي ان علمي، ادبي، صحافتي ۽ تحقيق واري دڳ تي هلندي به ڏٺو.

”صحافت“ جي جيڪڏهن ڪا اخلاقيات آهي ڪو اصول ۽ نظريو آهي ته اها شيخ عزيز جي صحافت هئي. خبر ڪيئن لکجي، فيچر ڪيئن لکجي، ايڊيٽوريل، ڪالم ڪيئن لکجي، شيخ عزيز صاحب وٽ سڀ ڏانءَ ۽ ”قالب“ موجود هيا.

شيخ عزيز صاحب جو انگريزي اخبار ”ڊان“ ۾ يادگار ڪم سندن لکيل پروفائيل هيا، جيڪي هو لاڏاڻو ڪري ويل شخصيتن تي فوري طور اخباري ضرورت موجب لکندو هو.

شيخ عزيز صاحب ٢٠٠٨ع ۾ اهو ڪم جتي ڇڏيو سو وري ڪير به اونئن نه ڪري سگهيو. شيخ عزيز صاحب جي انهن لکيل پروفائيلن تي ٻڌل ڪتاب ڇپجي سگهجي ٿو.

جيئن انور پيرزادو صاحب جو ڊان اخبار ۾ هليل سلسلو ”سنڌي پريس ڊائجسٽ“ جنهن جو هو بانيڪار هو سو وري ان معيار جو ڪير نه لکي سگهيو ۽ هاڻي اهو بند ٿي چڪو آهي.

ڪالهه ڊان اخبار ۾ اسان جي سنڌي صحافي امتياز عليءَ جو شيخ عزيز صاحب جي لاڏاڻي تي لکيل پروفائيل ڏسي شيخ عزيز صاحب ياد اچي ويو، جنهن جي زمين ۾ ئي امتياز اهو پروفائيل لکيو.

شيخ عزيز صاحب جو جنم ويهين صديءَ ۾ ٿيو هو ۽ ان ايڪويهين صديءَ جي ١٨هين سال ۾ لاڏاڻو ڪيو آهي. ايئن هن ٢٠هين صديءَ جي صحافتي قدرن ۽ اخلاقيات کي ٢١هين صديءَ ۾ منتقل ڪيو آهي.

صحافي ٿيڻ ته سولو آهي پر صحافتي اصولن، نظرين ۽ ان جي اخلاقيات تي هلڻ ڏکيو آهي. سو نوٽ ڪرڻ جي ڳالهه اها آهي ته شيخ عزيز صاحب جي شڪل ۾ اصولي، نظرياتي ۽ اخلاقي صحافت جو هڪ باب پورو ٿي تاريخ ۾ درج ٿي ويو آهي.

(روزاني عوامي آواز, ڪراچي, 9 آڪٽوبر 2018ع)

# ويا سي وينجهار: شيخ عزيز

## ميرزا ڪاظم رضا بيگ

انتهائي الميي، ڏک ۽ صدمي سان چوڻو ٿو پوي ته سنڌ جي مربي، محسن، پر جهلي ۽ ساٺ ڏٺي سرواڻ شيخ عزيز اسان کان 7 آڪٽوبر 2018ع تي موڪلائي راهه رباني ورتي, جنهن ڏانهن اسان سيني کي هلڻو آهي.

شيخ عزيز جي علمي مقام، مرتبي ۽ عظمت جي باري ۾ ڇا لکي لکجي؟ شيخ عزيز جهڙا نادر گوهر, املهه ماڻڪ, ڏاها ۽ بينا هن ڌرتيءَ تي اڳ به پيدا ڪيا آهن ۽ انشاءَ الله تعاليٰ اڳتي به پيدا ڪندي رهندي ۽ انهن ئي مان هڪ سندس فرزند طارق عزيز شيخ به آهي جيڪو پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلي تاريخ ۽ ادب ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو پيو اچي. پر شيخ عزيز جهڙي منفرد ۽ يڪتا هستي پنهنجو مٽ پاڻ هئي. هي مرد دانا، صحافي ۽ محقق پنهنجي دور جي انهن ڳاڻ ڳڻين شخصيتن مان هڪ هو، جن سنڌي ٻوليءَ جي چمن جي آبياري پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، محمد ابراهيم جوئي وغيره کان پوءِ اهڙي طرح ڪئي جو علم، ادب، تاريخ، لوڪ ادب، لغت نويسي، لطيف شناسي، سنڌ شناسي ۽ صحافت جي ميدان ۾ اهڙا ته معرڪا سر ڪيا آهن جو پاڪستان ۽ پرڏيهي ملڪن ۾ سنڌ سنڌي تهذيب و ثقافت ۽ سنڌي ٻولي بين الاقوامي سطح تي باقاعدي مڃتا حاصل ڪري پاڪستان ۾ هڪ شانائتو درجو حاصل ڪري پاڻ ملهايو آهي.

شيخ عزيز پنهنجن مضمونن، مقالن ۽ ڪتابن ۾ سنڌ جي قديم تاريخ ۽ سڀيتا جي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي جيڪي پنهنجي وقت ۾ ملڪ ۽ غير ملڪي مايه ناز اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا ته ان وقت جي عالم، صحافين، اديبن ۽ ڏاهن ان ۾ پيش ڪيل تحقيق کي

تمام گهڻي پذيرائي ۽ سرهائي جو اظهار ڪندا هئا. اهي مضمون، مقالا، ڪالم يا ڪتاب شيخ صاحب مرحوم (جنهن کي مرحوم لکندي دل کي صدمو رسي ٿو) جي علمي پورهئي جي معراج آهن.

شيخ صاحب جي علمي ڪاوشن ۽ تحقيقي ثمرات جي اصلي خزاني مان انيڪ اعلي و ارفع خوبين سان نوازيو، جن جو شمار ڪرڻ لاءِ به تمام گهڻو وقت درڪار آهي. خاص طور تي پاڻ حلم و مرنجان مرنجي , نهنائي ۽ نوڙت, خلوص و صداقت جو پيڪر هو. ڪڏهن به پنهنجو پاڻ کي پڌائڻ پسند ڪونه ڪندو هو ۽ پنهنجي عميق علمي مطالعي ۽ دقيق فلسفياڻن نڪتن کي علم قاري تي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش اجائي غير ضروري ۽ دانشورانه موشگافين کان پاڪ ۽ صاف هوندي هئي. سندس نثر نيٺ، ٺُڙ ۽ عوامي لهجي ۾ هوندو هو ۽ سندس گفتار به روزمره جي عام فهم سنڌي ٻولي ۾ هوندي هئي. مون کي يقين آهي ته شيخ صاحب جي ڪتابن , مقالن ۽ ڪالمن کي پڙهڻ کان پوءِ اسان جا نوجوان محقق، وڏيڪ انهن علمي ادبي ڪيتر ۾ داخل ٿي اچا به وڌيڪ ريسرچ ڪري اهڙن سوالن جا جواب ڳوليندا , جيڪي شايد لائق مصنف پنهنجين لکڻين ۾ اڻاريا آهن. ثقافت کاتي کي گهرجي ته هو بعد از مرگ شيخ صاحب جا اڻ ڇپيل ڪتاب ۽ مقالا شايع ڪن ۽ اهڙي پيٽا خراج عقيدت طور پيش ڪن، جنهن سان سندس خاندان وارن، گهڻگهرن، صحافين، ادبي هم عصرن ۽ شاگردن کي قبول پوي. ڇو ته شيخ صاحب ۽ سندس وڏي ياء لوڪ ادب ماهر ۽ لطيف شناس شيخ محمد اسماعيل جا سنڌ واسين تي ايترا ته احسان آهن جو اهي اسين ڪڏهن به لاهي ڪونه سگهنداسين پر جيئن ته سنڌ جي پراڻي روايت آهي هميشه ڳائيندا رهنداسين. الله سائين شيخ صاحب کي جنت ۾ جڳهه عطا ڪري. آمين

# شيخ عزيز هڪ بي باڪ قلم ڪار

## دُرِ شهوار مرزا

ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌي صحافت جيڪي ذهين شخصيتون پيدا ڪيون، ناميارو صحافي، قلمڪار ۽ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ، شيخ عزيز انهن ۾ نمايان حيثيت رکي ٿو. پاڻ ٽنڊو آغا علي آباد حيدرآباد ۾ ماني مڃيءَ واري تعليم يافته خاندان ۾ جنم ورتو. هڪ اهڙي گهر ۾ جتي وڏي ڀاءُ جي صورت ۾ هڪ پاسي ادب ۽ سنڌي آثار قديمه جي ماهر شيخ محمد اسماعيل جي تربيت ته ٻي پاسي، سندن ٻيو ڀاءُ شيخ محمد ابراهيم ريڊيو پاڪستان تي پروڊيوسر هئا. اهڙي ئي تربيت سبب شيخ عزيز ادب ۽ صحافت ۾ به نالو ڪڍيو.

ننڍي ڄمار ۾ ئي نه فقط شيخ عزيز صاحب جو لاڙو صحافت ڏانهن هئو پر گڏو گڏ سنڌ جي تاريخ، ننڍي کنڊ جي موسيقي، ڊرامن، ٿيٽر ۽ شاهڪار ڪلاسيڪل ادب سان والهاڻو لڳاءُ پيدا ٿي ويو. شيخ عزيز صاحب اڃان نو عمر ئي هئا، ته لکڻ پڙهڻ جي شوق سبب کين ان وقت جي سڀ کان وڏي اخبار روزاني"عبرت" ۾ شموليت جو موقعو ملي ويو. هي اهو دور هو جڏهن سنڌ جي صحافت ۾ هن اخبار جي ڀل ڀلان هئي ۽ ان جا مالڪ قاضي محمد اڪبر ۽ قاضي عبدالمجيد عابد جهڙا ناميار انسان هئا، اخبار جو ايڊيٽر شيخ علي محمد صاحب هئا، شيخ عزيز صاحب ان اخبار ۾ سب ايڊيٽر ۽ پوءِ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور خدمتون سر انجام ڏنيون.

پاڻ جيئن ته نوجوان، نئين ذهن جا مالڪ ۽ دنيا جي جديد اخبار نويسي جو گهرو مطالعو ڪندڙ هئا ان ڪري نهايت جلد سنڌ ۾ جديد طرز جي صحافت متعارف ڪرائڻ ۾ پاڻ ملهائيندا رهيا. ان دوران ستر واري ڏهاڪي ۾ قاضي محمد اڪبر ۽ قاضي سليم اڪبر، گاڏي کاتي حيدرآباد مان "سنڌ نيوز" اخبار جاري ڪئي ته شيخ عزيز کي ان جو

ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. شيخ عزيز صاحب نهايت ٿوري وقت اندر پنهنجن جونيئر ساٿين سهيل سانگيءَ ۽ امداد چانڊيي جي محنتن سان هن اخبار کي سڄي سنڌ ۾ مقبول اخبار بنايو. پاڻ ان اخبار ۾ لاءِ فقط وقتائتا اداريا لکيا، پر سنڌ جي ادبي ۽ ثقافتي ادارن ۽ تاريخي ماڳن جي بچاءَ لاءِ به زبردست آواز اٿاريندا رهيا. هيءُ دور دنيا ۾ جديد صحافت جو دور ٿي اڀري رهيو هئو ۽ صحافت جي فروغ لاءِ پنجاب ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ صحافت جي سلسلي جا شعبا قائم ٿي چڪا هئا. هن جو مقصد هئو ته نوجوانن کي عملي صحافت سان گڏ جديد صحافت جا آداب به پڙهايا وڃن. ان ڏس ۾ شيخ عزيز سنڌ جو اهو پهريون سڄاڻ صحافي ثابت ٿيو جنهن سنڌ ۽ صحافت سان دلچسپي رکندڙ يونيورسٽيءَ جي شاگردن لاءِ ڪتاب تحرير ڪيو.

جڏهن ١٩٧٨ع ڌاري سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ صحافت جو شعبو قائم ڪيو ويو ته ان جي لاءِ خان محمد پنهور کي شعبي جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو ۽ شيخ عزيز صاحب سنڌ يونيورسٽي اخبار لاءِ خدمتون سر انجام ڏيڻ سان گڏو گڏ هن شعبي لاءِ وزيٽنگ پروفيسر جون خدمتون سر انجام ڏيندا رهيا. ١٩٧٨ع ڌاري شروع ٿيندڙ ان شعبي ۾ هي به سنڌن ئي تربيت جو اثر هئو جو سنڌ کي جيڪي تربيت يافته صحافي ۽ براڊڪاسٽر ۽ انفرميشن آفيسر ميسر ٿيا انهن ۾ ڪجهه نمايان نالا آهن: آغا رفيق، سريش ماڪيجاڻي، آفتاب پناڻ، محترما رعنا ٽالپر ۽ نصير مرزا شيخ عزيز صاحب جي تربيت هيٺ رهي چڱو نالو ڪڍيو. سنڌ نيوز اخبار جي بند ٿيڻ بعد شيخ عزيز صاحب ڪراچي شفٽ ٿيا ۽ روزاني جنگ اخبار جي ثقافت صفحي ۽ پوءِ مڊويڪ جنگ ميگزين جا انچارج ٿيا. اتي سنڌن وڏي ۾ وڏو ڪارنامو اهو ظاهر ٿيو ته پاڻ پهريون ڀيرو اُردوءَ ۾ سنڌ جي ثقافت، لوڪ ڪهاڻين، سنڌ جي موسيقيءَ ۽ فنڪارن جي باري ۾ زبردست مضمون ۽ فيچر لکيا. سنڌن اهي سڀ تحريرون ڪنهن ڪتاب ۾ مرتب ٿيڻ لاءِ اڃا منتظر آهي.

جنگ اخبار کان پوءِ شيخ صاحب روزاني ڊان اخبار سان وابسته ٿيا ۽ سنڌي، اردوءَ کان پوءِ انگريزي صحافت ۾ به پنهنجو پاڻ مڃرايائون. ان اخبار لاءِ سندن وڏو ڪم هو به هئو ته پاڻ سنڌ جي تاريخ بابت شاندار مضمون لکيا، گڏو گڏ سنڌ جي نامور علمي ادبي ۽ فني شخصيتن جا خاڪا انگريزيءَ ۾ لکيا. ان کان پهرين ڪنهن به سنڌي صحافي اهڙي خدمت نه ڪئي هئي. شيخ صاحب جي بي بها علمي ادبي ۽ صحافت لاءِ ڪيل خدمتن آڌار، ڪين ڪجھ وقت لاءِ سنڌي ادبي بورڊ اداري ۾ وائيس چيئرمين مقرر ڪيو ويو. پاڻ ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌي ادب جي تاريخ انگريزي لکي چڪا آهن. زندگيءَ ۾ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جو سير ڪري چڪا آهن، سڀ کان اول ته پاڻ لنڊن ويا جتان ١٩٦٥ ڌاري پاڻ جرنلزم جي سند حاصل ڪيائون.

پاڻ ڀارت، سعودي عرب، آمريڪا، جاپان، ٿائيليند، سنگاپور، سريلنڪا، ڪوريا، جرمني، فرانس، ايران، عراق ملڪ گهمي چڪا آهن. روس جي سياحت بعد شان دار سفر نامو لکيائون. ”مون لينن جو ڏيهه ڏٺو“ شيخ عزيز صاحب بلاشبہ سنڌ جي اهڙي معتبر ۽ نامور هستي آهن؛ جن جي ذڪر کان سنڌي صحافت جي تاريخ اڌوري هوندي.



شيخ عزيز جو سنڌي ادبي بورڊ جام شوري ۾ بطور وائس چيئرمين پرچاري اداري سان تخاطب

# شيخ عزيز صحافت جو روشن ستارو

جاويد مرزا

منجهند جا تقريبن ١٢ ٿيا هئا ته طارق عزيز جو فون آيو ته بابا گذاري ويو آهي. ڇا ٿيو چاچا کي مون پريشاني مان پڇيو. حيدرآباد ۾ ڪٿي شادي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ويو هو رستي ۾ طبيعت خراب ٿي پئي پوءِ حيدرآباد سول اسپتال ۾ خرم وٺي ويو پر اُتي طبيعت بهتر نه ٿي، اُن ڪانپوءِ آغا خان اسپتال ڪراچي وٺي آياسين ۽ اُتي پاڻ دم ڏٽي حوالي ڪيو. طارق ٻڌايو ته آئون فورن پنهنجي گهرواري گُلبدن سان گاڏي ۾ ڪراچي روانو ٿيس، رستي ۾ مون طارق سان رابطو ڪيو ته هن ٻڌايو ته شهلا (چاچا جي وڏي نياڻي) لندن ۾ آهي، هو ٻئي ڏينهن ڪراچي پهچندي، اُن ڪري تدفين ٻئي ڏينهن ٿيندي. گاڏي هلندي رهي ۽ آئون سوچيندو رهيس اها شخصيت اسان کان اڄ جدا ٿي وئي آهي، جيڪو سنڌي انگريزي توڙي اردو صحافت ۾ وڏو نالو هو، جنهن جا ڪيترائي شاگرد مختلف شعبن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن ۽ نمايان ڪاميابيون ماڻي چڪا آهن، چاچا عزيز جي وڏي ڀاءُ چاچا شيخ محمد اسماعيل سان منهنجي والد ممتاز مرزا سان دوستي نه پر برادري وارو رشتو هو، مطلب ته اسان جو هڪڙو ئي ڪٽنب هو، جڏهن چاچا عزيز جي فيملي گاڏي کاتي کان اسان جي پاڙي ٽنڊو آغا ۾ لڏي آئي ته منهنجو سندس گهر ۾ ڪم ڪار جي سلسلي ۾ گهڻو اچڻ وڃڻ رهندو هو، چاچا عزيز اُن وقت عبرت اخبار ۾ ڪم ڪندو هو، ٻڌائيندو هو ته آفيس ۾ گهڻو ڪم هوندو آهي، چاچا عزيز پنهنجي ڪم ۾ مهارت رکندو هو، ڪمپوزنگ جي ڪم کان وٺي ڇپائيءَ تائين هر ڪم جو ڄاڻو هو، هو پنهنجو ڪم ايمانداري ۽ ذميواريءَ سان ڪندو هو، جيستائين ڪم مڪمل نه ٿيندو هو تيستائين وينو رهندو هو، پوءِ ڀلي هن کي رات ڇو نه ٿي ويندي هئي پر هو پنهنجو ڪم مڪمل ڪري

پوءِ ايندو هو، ڪنهن جي پرواهه نه ڪندو هو، صرف پنهنجي ڪم سان سچو هوندو هو، جيڪا ڳالهه دل ۾ هوندي هئس اها چئي ڏيندو هو، چاهي ڪنهن کي وڻي يا نه وڻي، هو اُن جي پرواهه نه ڪندو هو، هن جو رويو ساڻس ڪم ڪندڙن سان تمام سٺو هوندو هو پر جيڪڏهن ڪنهن غلطي ڪئي ته سختيءَ سان سمجهائيندو هو، جيئن اهو اڳتي اهڙي ڪا به غلطي نه ڪري. چاچا عزيز يارن جو يار هو، سندس آفيس ۾ ڪيترا ئي دوست ايندا رهندا هئا ۽ ڪڏهن به اُنهن کي ماني کارائڻ کان سواءِ نه ڇڏيندو هو ۽ جيڪو به ڪم هوندو اهو ڪرائي ڏيندو هو، چاچا عزيز راڳ جو چاڻو هو، هو بانسري وڄائيندو هو ته دل چاهيندي هئي ته وينو ٻڌجي، هو ٻيا ساز به وڄائي ڄاڻندو هو. ملهه جو شوقين هوندو هو، مشهور پهلوان سندس آفيس ۾ ايندا رهندا هئا، پاڻ ملاکڙا ڏسڻ لاءِ به ويندو هو ۽ ملهه پهلوانن جي هر ممڪن مدد ڪندو رهندو هو. اوچتو چاچا عزيز سخت بيمار ٿي پيو، ڪيس قلعي تي آپا امينا اشرف (قاضي محمد اڪبر صاحب جي صاحبزادي) جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو، جتي سندس اهليه چاچي حميده ۽ آئون ساڻس گڏ هئاسين، چاچا جي طبيعت ڏاڍي خراب هئي ۽ پاڻ تمام ڪمزور ٿي ويا هئا پر پاڻ همت نه هاري ۽ بهادري سان ان بيماري جو مقابلو ڪيو ۽ صحتياب ٿي گهر آيو. چاچا عزيز ڪافي وقت اسپتال ۾ رهيو، قاضي محمد اڪبر سندس عيادت ڪرڻ لاءِ آيو هو ۽ ٻيا ڪيترائي دوست عيادت ڪرڻ لاءِ اسپتال ۾ ايندا رهندا هئا. چاچي حميده چاچا عزيز جي هر ڏکي ۽ سکي مرحلي ۾ گڏ هوندي هئي، خاص طور تي چاچا کي وقت تي دوا ڏيڻ، سندن ڪپڙن، کاڌي پيتي جو خيال رکڻ ۽ لکڻ دوران چاچا کي پرسڪون ماحول مهيا ڪرڻ، مطلب ته سندس هر قسم جو خيال رکندي هئي. ايتري قدر جو تقريبن ۾ به چاچا سان گڏ گڏ هوندي هئي، چاچا آفيس ۾ هوندو ته چاچي وقت تي پاڻ دوائون ڪٽي ويندي هئي ۽ کيس کارائيندي هئي. چاچي جي عظمت کي سلام هجي جو هن پاڻ کي پوئتي رکي چاچا جي وڏي خدمت ڪئي، چاچا کي ڪامياب شخصيت بڻائڻ ۾ به

چاچي جو وڏو ڪردار هو، ڏٽي تعاليٰ ڪيس پنهنجي ٻارن طارق، خرم، شهلا ۽ مونا سان هميشہ خوش ۽ آباد رکي. جڏهن چاچا جي طبيعت ڪجھ نيڪ ٿي تہ روزانہ سنڌ نيوز جو افتتاح ٿيو، قاضي محمد اڪبر ان وقت جي وڏي وزير رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي کان افتتاح ڪرايو، چاچا عزيز اُن جو ايڊيٽر مقرر ٿيو، آئون ساٿس گڏ ايندو هئس ۽ سندس ڪاڏي پيتي ۽ دوائن جو خيال رکڻ منهنجي ذميواري هوندي هئي، جو چاچي مون کي سمجهائيندي هئي تہ ڪهڙي دوا ڪهڙي وقت ڏيڻي آهي، چاچا عزيز جي نگراني ۾ مون صحافت جي تربيت ورتي، پاڻ منهنجو رهنما ۽ اُستاد هو، ڪجھ وقت ڪانپوءِ اخبار جون حالتون صحيح نہ رهيون ۽ پوءِ چاچا حيدرآباد کي ڇڏي ڪراچي هليو ويو ۽ آخري عمر تائين اُتي ئي رهيو، پاڻ روزانہ جنگ ۾ آخر ۾ روزانہ ڏان سان وابستہ رهيو، جتي هن بهترين ڪارڪردگي ڏيکاري سندس ڪتاب ۽ لکڻيون اڄ بہ نمايان حيثيت رکن ٿيون، جيڪي هميشہ ڪيس زندھ رکنديون، پاڻ اسان کان جسماني طور تي جدا ٿي ويو آهي پر پنهنجي لکڻين ۾ اسان وٽ هميشہ زندھ رهندو.

(روزاني عبرت حيدرآباد، 27 آڪٽوبر 2018ع)



شيخ عزيز سنڌي ادبي بورڊ جام شوري ۾ بحيثيت وائس چيئرمين 2010ع ۾ ٻالڪ ميلي جي موقعي تي پنهنجي جيون جي ڏکن سُکن ۾ هر گهڙي ساٿ ڏيندڙ حميده عزيز شيخ سان گڏ.

# صحافت، ادب ۽ موسيقيءَ جو پارکو: شيخ عزيز

رمضان نومڙيو

2018ع جو سال ان حوالي سان انتهائي ڳرو آهي جو هن سال سنڌ ۽ ملڪ جون اهم شخصيتون اسان کان وڇڙي ويون، سال جي شروع ٿيندي ئي انساني حقن جي علمبردار ۽ مسڪينن ۽ غريبن جو آواز عاصمه جهانگير اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري وئي، جنهن خبر پڻ هن ملڪ جي پوئتي پيل غريب عوام کي وڏو ڌڪو پهچايو، سنڌ جي حوالي سان سينيئر سياستدان ۽ سنڌ جي حقن لاءِ پاڻ ملهائيندڙ رسول بخش پليجي جو وڇوڙو به سنڌ جي لاءِ وڏو الميو آهي، جنهن جي وڇوڙي سنڌ جي حقن جي سياست ۽ ڏيمن خلاف اٿندڙ آواز کي ڪاپاري ڌڪ هنيو، اڄ جيڪڏهن پليجو صاحب زنده هجي ها ته اڄ گهٽ ۾ گهٽ چيف جسٽس جي ڏيمن خلاف هلندڙ مهم کي چڱي ريت جواب ڏي ها، ڇا ڪاڻ ته هو هڪ ناميارو ۽ سينيئر وڪيل به هو، جيڪو وڏيڪ قانون کي ڄاڻندڙ هو ۽ سنڌوءَ درياهه جو جهڙي نموني هو ڪيس وڙهيو، اهو اڄ ٻيو ڪو نه وڙهي سگهي ها، ساڳي طرح سنڌ جي هڪ ٻئي به قوم پرست شخصيت ۽ سنڌ جي سياست ۽ جمهوريت جو موڙ ڄام ساقي به هن سال لاڏاڻو ڪري سنڌ کي ننڌڻڪو ڪري ويو.

07 آڪٽوبر 2018ع تي به سنڌ لاءِ ڄڻ ته هڪ خبر آسماني بجلي ٿي ڪري، جڏهن سنڌ جو سينيئر ترين صحافي، دانشور ۽ اديب سائين شيخ عزيز لاڏاڻو ڪري ويو، شيخ صاحب جديد صحافت جو ته ابو سڏجي ٿو پر سندس قلم جهڙيءَ طرح جمهوريت، استعماري قوتن ۽ آمرن خلاف جنگ جوٽي ان جو مثال ملڻ ڏاڍو مشڪل آهي، ڪجهه سال اڳ منهنجو انگريزي اخبار ”ڊان“ ۾ ڪنهن ڪم سانگي وڃڻ ٿيو، اتي منهنجي دوست زوار مرزا مون کي چيو ته مون سان گڏ هل ته توکي شيخ صاحب سان ملائي اچان، جيئن ته آئون نئين ٿهي جو صحافي هئس ۽ مون کي شيخ صاحب کي ”ڊان“ اخبار ۾ لکيل مضمونن ۽ خبرن تمام

گهڻو متاثر ڪيو هو ۽ ساڻس ملاقات لاءِ تڪڙا تڪڙا پير پري سندس ڪمري ۾ پهتاسين، شيخ صاحب ڪمپيوٽر تي پنهنجي ڪنهن خبر يا مضمون جي ڪمپوزنگ ۾ مصروف هو ۽ مون کي ڏسي ڪمپيوٽر تي سندس هٿ بيهي رهيا، پاڻ اٿي تمام پاٻوهه سان مون سان مليو ۽ مون کيس چيو ته آئون حيدرآباد مان آيو آهيان ۽ توهان جي فرزند طارق عزيز شيخ جو ڪلاس فيلو به رهيو آهيان ۽ صحافت سان به واڳيل آهيان، شيخ صاحب مون کي نهايت ئي کل جهڙي انداز ۾ پليڪار چئي ۽ ڪجهه گهڙيون ساڻس ڪچهري به ڪئي، مون سندس ڳالهين مان ائين محسوس ڪيو ته هي پنهنجي ڪم سان ڪميٽيڊ ماڻهو آهي ۽ سندس ڳالهين ۽ سندس سوچ مان اندازو لڳايم ته هي انتهائي وڏو ماڻهو آهي، بعد ۾ ڪراچيءَ ۾ وري به منهنجي دوست طارق عزيز سان ملڻ دوران گهر ۾ ساڻس هڪ به دفعا ملاقات به ٿي، ان ۾ به شيخ صاحب مون سان ملي ڏاڍو خوش ٿيندو هو، پر هڪ خاص ڳالهه جيڪا مون شيخ صاحب ۾ نوٽ ڪئي سا اها ته هو پنهنجي ڪم ۾ ايترو ته مشغول ۽ مصروف هوندو هو جو هڪ ته گهٽ ڳالهائيندو هو ۽ گهڻو وقت پنهنجي ڪم طرف ڌيان ڏيندو هو.

تازو شيخ صاحب جون ڪيتريون ئي قسطون مون ”ڊان“ جي سنڌي پيج ۾ لڳاتار پڙهي وڏي معلومات حاصل ڪئي، جنهن ۾ هن شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي عروج ۽ زوال کي نهايت ئي ناول واري طريقي سان لکيو ۽ سمجهايو، سندس ان ڪالم ۾ جنرل ضياءَ الحق جون ارهه زورايون، مارشل لا جون ڪاريون راتيون ۽ ظلم نهايت ئي تسلسل سان پڙهڻ لاءِ مليا، شيخ صاحب ان سڄي ڪهاڻيءَ کي (الف) کان (ي) تائين اهڙي ته نموني قسط وار سمجهايو جو نه رڳو هن ملڪ جو سياسي شعور رکندڙ ماڻهو ملڪ جي ماضي جي سياسي صورتحال کان واقف ٿيو پر اڄ جي شاگرد طبقي کي به ان جي ڪالم وڏي معلومات حاصل ٿي. ان ڪانسواءِ شيخ صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ سياست، سماجيات، علم، ادب ۽ موسيقيءَ جي سوين موضوعن تي به

هزارين مضمون پڻ لکيا ۽ ان سان گڏ هن ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيا، جن ۾ پوليٽيڪل هسٽري آف پاڪستان، هسٽاريڪلر ايٽلس آف سومرا ڪنگڊم آف سنڌ، ڀُٽو- ميموريز ۽ ريمبرنس، اي هسٽري آف سنڌي لٽريچر، اوريجن اينڊ ايووليوشن آف سنڌي ميوزڪ سميت عملي صحافي نالي ڪتاب شامل آهن، شيخ عزيز صاحب هڪ گهري نظر رکندڙ صحافي سان گڏ موسيقي جو وسيع ڄاڻ پڻ رکندو هو، شيخ صاحب سنڌي ادبي بورڊ جو وائيس چيئرمين پڻ مقرر ٿيو، مرحوم حيدرآباد پريس ڪلب جو صدر، حيدرآباد يونين آف جرنلس جو صدر ۽ آل پاڪستان نيوز پيپر سوسائيٽيءَ جو جج پڻ رهيو، 09 ڊسمبر 1938ع ۾ حيدرآباد جي علائقي ٽنڊو آغا علي آباد ۾ جنم وٺندڙ شيخ عزيز صاحب 07 آڪٽوبر 2018ع تي 79 سالن جي ڄمار ۾ اسان کان وسري ويو، شيخ صاحب نہ رڳو اخبار ڊان پر روزاني حريت، روزاني جنگ ۽ هفتي وار آبزرور ۾ پڻ ڪم ڪيو، هن پنهنجي صحافتي زندگيءَ جو ڳچ عرصو روزاني جنگ ڪراچيءَ ۾ بہ پنهنجيون صحافي ذميواريون سر انجام ڏيندي گذاريون، بعد ۾ 1989ع کان 2008ع تائين هو ڊان سان منسلڪ رهيو ۽ رٽائرڊ ٿيو، ان کانپوءِ بہ شيخ صاحب آخري گهڙيءَ تائين ڊان ۾ ڪنهن نہ ڪنهن موضوع تي ڪم ڪندو رهيو ۽ آخري دم تائين ڊان سان ئي سندس قلم بند ٿيو، اسان لاءِ شيخ صاحب مشعلِ راهہ آهي، جنهن سنڌي صحافت ۽ هڪ سنڌي صحافي هجڻ جي ناتي جيڪي صحافت جا وڏا پنڌ ڪيا، اهي شايد شيخ صاحب جي ئي ورثي ۾ آيا، سندس صحافتي، ادبي ۽ موسيقي لاءِ ڪيل خدمتون ڪڏهن بہ وساري نہ ٿيون سگهجن.

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي

( روزاني سوڀ حيدرآباد، 15 آڪٽوبر 2018ع )



عبرت

TRIBUTE TO THE LEGEND

سامي سفر ڪليا، آسان اُجهائين:

چنڇر 24 نومبر 2018

ترتيب: ضياء قريشي

"مان جوئي آهيان سوئي آهيان"

شيخ عزيز جو پروفائيل

صحافت جو روشن ستارو

روزاني عبرت حيدرآباد جي ڪراچيءَ جي بيورو چيف ۽ سينيئر صحافي ضياءَ قريشيءَ طرفان شيخ عزيز جي چاليهي جي موقعي تي سهيڙيل خاص ايڊيشن.

# مان جو ئي آهيان سو ئي آهيان

## طارق عزيز شيخ

ٻالڪپڻي واري ڄمار ۾ ياد اٿم ته اسان جي گهر جو هڪڙو ڪمرو اهم هوندو هو جنهن ۾ عام جام طريقي سان نه وڃي سگهندا هئاسين ۽ اهو ڪمرو منهنجي والد جو هو. هن جو لائيف اسٽائيل پنهنجو هو. پڙهڻ لکڻ کان سواءِ هر ڪم جو ٽائيم ٽيبل مقرر هو. نيرن صبح سادي ستين وڳي، ڏينهن جي ماني منجهند هڪ وڳي ۽ رات جي ماني عام طور تي دير سان. ماني تمام ٿوري کائيندو هو پر مخصوص کاڌو هوندو هو جنهن ۾ سلاد ۽ آچار لازمي هوندو هو. موسيقيءَ جو تمام وڏو ڄاڻو هو. پنهنجي ميوزڪ لائبريري ناهيل هئس جنهن ۾ سڄي دنيا جي ميوزڪ جي ڪليڪشن موجود هئي، خاص طور تي پڪي راڳ جي اهڙي چونڊ گڏ ڪيل هئس جو شايد ئي ڪنهن وٽ هجي.

گهر ۾ شروع کان وٺي اخبارن جا ڍڳ ڏسندا هئاسين. عام طور تي گهرن ۾ اخبار پڙهڻ کان پوءِ رديءَ جي ڍير تي اڇلائي ڇڏبي آهي پر اسان وٽ اخبار تاريخ گذري وڃڻ بعد به پيل رهندي هئي جيستائين بابا ان جي خبرن ۽ آرٽيڪلز کي ڪٽي ڇانٽي فائيل ۾ نه لڳائيندو هو. اهي فائيل سبجيڪٽ وائيز سنڌ، ملھ، ملڪي سياست، عالمي سياست، شخصيتون، ثقافت، موسيقي، زراعت، ڪرائيم، تاريخ، ادب، ماڳ مڪان ۽ ڪيترا ئي الڳ الڳ موضوع جا ٺاهيندو هو.

هن جي زندگي صحافت سان عشق ۾ گذري آهي، هو سنڌي اخبارن جو حليو درست ڪرڻ لاءِ ڪن اخبارن جي مالڪن کي پڻ صلاحون ڏيندو هوءِ فڪرمند رهندو هو. سنڌي اخبارن جي سٺين خبرن، مضمونن ۽ اشوز کي ساراهيندو به تمام گهڻو هو پر ساڳئي وقت انهن جي لي آئوٽ کان وٺي ايڊيٽوريل پيج تي روز تنقيد به

ڪندو هو. سندس چوڻ هو ته اجا به هڪ اهڙي سٺي اخبار جي ڪوٺ محسوس ٿئي ٿي جيڪا مڪمل هجي.

دنيا جي سمورن ملڪن جي سياست ۽ ملڪي حالتن کان مڪمل باخبر رهندڙ بابا جو مزاج اڄ اسان جي گهر جي روايت بڻيل آهي، سمورا گهر ڀاتي هر ڪلاڪ وارين خبرن کان آگاهه رهن ٿا. منهنجي والد صاحب جا هزارن جي انگ ۾ لکيل مضمون جيڪي مختلف موضوعن تي سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ آهن، انهن کي وقت سر گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جو ارادو آهي.

۷ آڪٽوبر ۲۰۱۸ع تي سندس لاڏاڻو ٿيو. ان کان پوءِ سندس شيلف مان مڪمل ڪتاب مليو جيڪا هن جي آتم ڪهاڻي هئي. هي ڪتاب "دارون ۽ ڪارون" جي نالي سان لکيل آتم ڪهاڻي آهي جيڪا هن ۲۰۱۱ع ۾ لکي پوري ڪئي. هيءَ آتم ڪهاڻي عام ليکڪن جي آتم ڪهاڻيءَ کان قطعي تبديل آهي جيئن ڪو ليکڪ پنهنجي ٻالڪپڻي کان زندگيءَ جي شام ٿيڻ تائين فقط پنهنجي ذات تائين محدود هوندو آهي. هيءَ آتم ڪهاڻي انهن عام رواجي انداز کان بنهه تبديل آهي. ڪجهه عرصي ۾ هي ڪتاب منظر عام تي اچي ويندو.

بابا جي هر تحرير جو انداز هوندئن به منفرد رهيو آهي. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ زماني کي ڪيئن ڏٺو سو بيان ٿيل آهي. بابا ملڪ جي نمبر ون رهندڙ سنڌي، اردو ۽ انگريزي اخبارن عبرت، سنڌ نيوز، جنگ، حريت ۽ ڊان ۾ هميشه ڪي پوسٽن تي رهيو پر ڪڏهن به ڪنهن جو ٿورو نه ڪنيائين نه وري ڪو فائدو ورتائين. اهو اسان کي فخر آهي. هو نه ڪڏهن بليڪ ميل ٿيو ۽ نه وري ڪڏهن ڪنهن کي بليڪ ميل ڪيائين. هو بي باڪ ليکڪ هو، سچ لکڻ ۾ دير نه ڪندو هو ڀلي اهڙي سچ چوڻ سان ڪو ڪاوڙجي وڃي يا پاڻ ڪنيجي وڃي. هن آخر تائين قلم ۾ ڪوڙ جي مس ڪونه پيري. مون کي سچل سرمست جي هوبهو

**هن سٽ مثل لڳو ’ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي، مان جو ئي آهيان سو ئي آهيان.‘** (**روزاني عبرت حيدرآباد،** 27 **نومبر** 2018ع)



روزنامہ حريت اخبار ڪراچيءَ ۾ ميگزين ايڊيٽر طور فرض نڀائيندي.



روزاني
Daily AWAMI AWAZ
عوامي آواز

سومر، 27 محرم 1440هه ـ 8 آڪٽوبر 2018ع

**شيخ عزيز**

ياسر قاضي

باب پُورو ٿيو سچو جاڪوڙ جو
هڪ عملَ جي لاٽ جِهيڻِي ٿِي وِئي
جنهن کي اربيئين روشنيُون. تنهن دؤر جي
سُرت ۽ ساڃاهَ پِيڙِي ٿي وِئي

# شيخ عزيز جي گهڻ پاسائين شخصيت

سرويچ حيدر اوڍو

صحافي دوست گروپ پاران پريس ڪلب حيدرآباد ۾ جديد صحافت جي بانيڪار ۽ موسقيءَ جي ڄاڻو شيخ عزيز جي ياد ۾ تعزيتي ريفرنس ٿي گذريو. انهيءَ موقعي تي شيخ عزيز جي گهڻگهرن، دوستن ۽ ان شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. آيل مهمانن جي آجيان ڪندي سنڌ ايڪسپريس جي ايڊيٽر فاروق سومري چيو ته اڄوڪي ميڙاڪي ۾ صحافتي ڏاهي، هڪ وڏي اسڪالر شيخ عزيز کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ اسان گڏ ٿيا آهيون. شيخ عزيز صحافت کي ترقي پسند رخ ڏنو. شيخ صاحب ١٩٦٣ ۽ ١٩٦٦ ۾ پريس ڪلب حيدرآباد جو صدر رهيو ۽ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جو به صدر رهيو. صحافي سنگت فيصلو ڪيو آهي ته هن سال وانگر هر سال شيخ عزيز ايوارڊ ڏنا ويندا جيئن ان جي يادگيري به رهي ۽ ايوارڊ ماڻيندڙ شيخ صاحب جي ڏسيل واٽ تي هلڻ جي به ڪوشش ڪن. هن سال لائيف اچيومنٽ ايوارڊ سينيئر صحافي جي اين مغل کي ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ جن ٻين کي اڄوڪي پروگرام ۾ ايوارڊ ڏنا ويندا اُنهن ۾ سنڌ ايڪسپريس جو سينيئر رپورٽر اسحاق مگريو، ڊان گروپ سان واڳيل صحافي محمد حسين خان، جنگ جو رپورٽر محمد قاسم هالي پوٽو، ڪاوش جي رپورٽر عظمت ڪنير، ابتڪ ٽي ويءَ جو رپورٽر حفيظ مگسي ۽ ايڪسپريس جو رپورٽر دانش نفيس شامل آهن. ان موقعي تي شيخ عزيز جي فرزند طارق شيخ عزيز چيو ته شيخ عزيز نه صرف اسان جو پر سڄي سنڌي صحافت جو اثاثو هيو. هو پنهنجي شخصيت ۾ ادارو هيو، صبح کان رات تائين جستجوءَ ۾ هوندو هيو ته نيوز جي دنيا ۾ ڇا پيو هلي. هن کان توهان ڪنهن به وقت ڪهڙي به موضوع تي ڳالهرائي يا لکرائي سگهو ٿا. هن

ڪي موسقيءَ سان وڏو لڳاءُ هيو. هن ١٩٦٢ ۾ عبرت ميگزين جو بنياد رکيو. هن صحافت جي ابتدا ١٩٥٦ ۾ ڪئي ۽ ١٩٥٨ ۾ عبرت جوائن ڪيائين ۽ ١٩٧٦ تائين عبرت سان واڳيل رهيو. عبرت ۾ نيوز، ميگزين ۽ ايڊيٽوريل پيج سميت هر شعبي ۾ جديديت روشناس ڪرايائون. هن جي شاگردن صحافت ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو. پاڻ جڏهن روزاني جنگ جوائن ڪيائون تہ مهراڻ رنگ جي نالي سان صفحو شروع ڪيائون جنهن ۾ سنڌ جا سمورا رنگ شامل هوندا هيا. اهڙي طرح جنگ جي معرفت سنڌ جي هر پهلوءَ کي اجاگر ڪيائون. اڳتي هلي روزاني ڊان جوائين ڪيائون. اتي سنڌ بابت ڪالم لکندا هيا. اهڙي طرح جنگ ۽ ڊان معرفت سموري دنيا ۾ سنڌي ڪلچر، ٻولي ۽ تاريخ بابت ڄاڻ ڏنائون بقول يوسف شاهين جي تہ شيخ عزيز علم جو انسائيڪلوپيڊيا هيا. هن جو سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ لکيل جهجهي انگ ۾ يادگار ۽ تاريخي مواد اسان وٽ پيل آهي. روزاني مهراڻ جي ايڊيٽر فقير منظار مگريو چيو تہ شيخ عزيز سنڌي ٻولي ۽ صحافت جي جيڪا خدمت ڪئي آهي مان ان تي ڪيس خراج تحسين پيش ڪريان ٿو. روزاني ڌرتيءَ جي ايڊيٽر ظهير ميراڻيءَ چيو تہ شيخ عزيز جهڙا ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن. منهنجي صحافت جي ابتدائي ڏينهن ۾ جڏهن شيخ صاحب سان ملاقات ٿي تہ مان ان ڪان ڏاڍو متاثر ٿيس. عوامي آواز ۽ سنڌ سجاڳ ميگزين لاءِ شيخ صاحب ڪان انٽرويو وٺڻ واري ٽيم ۾ مان بہ شامل هيس. شيخ صاحب سنڌي صحافت سان گڏ اردو ۽ انگريزيءَ ۾ بہ وڏو نالو ڪمايو. پاڻ سنڌي قوم جو اثاثو آهن. اڳوڻي شاگرد اڳواڻ، هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان سنڌ جي انچارج امداد چانڊيئي تقرير ڪندي چيو تہ منهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو سياست ۾ گذريو ۽ ايترو ئي وري استاد جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون مان خوشنصيب آهيان تہ مون صحافت جي ابتدا شيخ عزيز جي ادارت ۾ نڪرندڙ اخبار سان ڪئي.

ان زماني ۾ مون شيخ صاحب جي پائي جو يا ان جو مٽ کو صحافي ڪونہ ڏٺو. هو وڏو پڙهيل لکيل ماڻهو هيو. هن اسان کي سيکاريو تہ عملن صحافت ڪيئن ڪبي آهي هن صحافت کي ڊرائينگ روم مان ڪڍي عوام تائين پهچايو.

اڄ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ با صلاحيت صحافي پيدا ڪريون جيڪي شيخ عزيز جي نقش قدم تي هلن. روزاني سنڌ جي ايڊيٽر ڪامريڊ مهيش ڪمار چيو تہ مان جڏهن ساٿي ٻارڙا سنگت جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري هيس تہ ان وقت شيخ عزيز مون سان ملڻ ڳوٺ آيو هيو. ٢٠١٠ ۾ جڏهن مان حيدرآباد پريس ڪلب جو صدر ٿيس تہ شيخ صاحب اڪثر ڪلب ايندو هيو. ان جي صلاحن سان اسان پريس ڪلب ۾ هڪ فارمولي تحت پائيچاري وارو ماحول پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿياسون. شيخ صاحب اڪثر چوندو هيو تہ صحافي کي پروفيشنل هجڻ گهرجي تڏهن ئي ايمانداريءَ سان اٽڏري صحافت ڪري سگهجي ٿي. هن چيو تہ مان پنهنجي طرفان منهنجي نياڻي برڪا جي نالي تي قائم پبليڪيشن پاران شيخ صاحب جو هڪ ڪتاب شايع ڪرڻ جو اعلان ڪريان ٿو ۽ ڪلچر کاتي سميت ٻين اشاعتي ادارن کي اپيل ڪندس تہ شيخ صاحب جو سنڌي، اردو ۽ انگريزي وارو اهم ۽ ساندڻ جهڙو مواد پيل آهي ان کي محفوظ ڪرڻ ۽ ان کي نئين نسل تائين پهچائڻ لاءِ ڪتاب شايع ڪيا وڃن. شيخ عزيز جي شاگرد آغا رفيق چيو تہ شيخ صاحب اسان کي ٻہ شيون سيکاريون تہ هڪڙا اهي هوندا آهن جيڪي پئسي جي ڪڍ مرندا آهن. ٻيا اهي هوندا آهن جيڪي مقصد لاءِ مرندا آهن. هن صحافت جو بنيادي اصول سيکاريو تہ صحافت هڪ مشن آهي صحافت ڌنڌو ناهي هوندو. اسان جڏهن اخبار جي آفيس ۾ ڪم ڪندا هياسون تہ اسان کي خبرون ناهڻ لاءِ ملنديون هيون تہ هن جي نصيحت هوندي هئي تہ پنهنجي ضمير موجب ڪم ڪيو، جيڪا شي سمجهو تہ جائز ۽ حق تي آهي پوءِ ان تي بيهجي وڃو، ان تي

ڪمپرومائيز نہ ڪريو، ڪنهن جو بہ خيال نہ ڪيو، اها ئي اصولن واري صحافت آهي ۽ توهان تاريخ دان آهيو ان ڪري اهو ڪجهہ لکو جيڪو توهان جو ضمير چوي ٿو ڇو تہ جڏهن تحقيق ٿيندي تہ توهان جون لکيل شيون رفرنس طور ڪم اينديون ان ڪري سچ لکو ۽ ان تي بيهي رهو. پروفيسر ذوالفقار قريشي چيو تہ منهنجو خاندان ستن پيڙهين کان گائڪيءَ سان واڳيل رهيو آهي. مون شيخ عزيز جي صحبت کان گهڻو ڪجهہ سکيو. هن مون کي وائي ۽ ڪافيءَ ۾ فرق سمجهايو ۽ ڏنون ڪيئن خوبصورت بنائي سگهجن ٿيون. اهو بہ مون شيخ صاحب کان سکيو. سماج سڌارڪ اگواڻ سليمان جي ابڙي چيو تہ شيخ عزيز صحافت ۾ نوان گس ۽ موڙ ڏنا. هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ اسان اسلام آباد ۾ ڪچهري ۾ وينل هياسون. اتي آغا رفيق ٻڌايو تہ شيخ عزيز جا سنڌي موسقي ۽ ڪلچر بابت ڊان اخبار ۾ اهڙا تہ تحقيقي ۽ معلوماتي ليک اچن ٿا اسان ان مان ڪافي پرايون ٿا ۽ اهي اسان جي وڏي ڪم جا ثابت ٿين ٿا. ان ان وقت شيخ عزيز جي شخصيت بابت معلوم ٿيو تہ هو ڪيڏو نہ وڏو ماڻهو هيو. هن جو اهو ڪارائتو مواد شايع ٿي مارڪيٽ ۾ اچڻ گهرجي جيئن ان مان اسان جو نئون نسل مستفيض ٿي سگهي. رفيق شيخ چيو تہ ٣٨ سالن جون يادون تازيون ٿي ويون آهن شيخ صاحب جيترو وڏو صحافي هيو اوترو ئي سنو دوست هوندو هيو. هو پنهنجي آمدنيءَ جو وڏو حصو دوستن تي ۽ ڪچهرين ۾ خرچ ڪندو هيو. جڏهن پاڻ سنڌ يونيورسٽي ۾ هوندو هيو تہ سجو ڏينهن چانهہ پيٽيس جو سلسلو پيو هلندو هيو. سينيئر صحافي جي اين مغل چيو تہ شيخ عزيز صحافت جو وڏو اثاثو هيو. هن چيو تہ جيڪا صحافت اخلاقيات تي مبني ناهي ان کي صحافت نہ ٿو سمجهان. شيخ عزيز صحافتي اصولن جي سهڻي نموني پاسداري ڪئي. قاضي خادم چيو تہ شيخ عزيز جي پائي جا ماڻهو مون گهٽ ڏٺا آهن. بيباڪ صحافي، دوستن جو دوست، پڙهڻ ۽ موسقي جو شوقين. هن ڪلچر، تاريخ ۽ ميوزڪ تي سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ گهڻو لکيو. هن جي

اها خوبي هئي تہ هو سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين تي هڪ جهڙو عبور رکندو هيو. هن ٽنهي ٻولين جي وڏين اخبارن ۾ ڪم ڪيو. هن پريس ڪلب انتظاميا کان مطالبو ڪيو تہ هن هال جو نالو شيخ عزيز هال رکيو وڃي. اڳوڻي صوبائي وزير پير مظهرالحق چيو تہ شيخ عزيز اصولن واري صحافت ڪئي. پاڻ خوددار شخصيت جو مالڪ هيو. هن زندگيءَ ۾ مسلسل نواڻ ۽ تحقيق تي ڪم ڪيو. هن صحافي دوست گروپ جي دوستن کي ساراهيو جو انهن شيخ صاحب کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ هي پروگرام رکيو آهي. هن چيو تہ اسان مرده قوم آهيون. جيئري شيخ صاحب کي خراج پيش ڪيو وڃي ها تہ ڪيڏو نہ سنو ٿئي ها. هن چيو تہ شيخ صاحب ۾ جيترين خوبيون ۽ صلاحيتون هيون هو اوترو ئي نوڙت ۽ سادگيءَ سان زندگي گذاريندو هيو. انهيءَ موقعي تي عبدالحفيظ عابد، ظهير احمد جن تقريرون ڪيون. پروگرام جي آخر ۾ تقريب ۾ آيل مهمانن شيخ صاحب جي تصوير آڏو گلن جي ورڪا ڪري ميڻ بتيون ٻاري ڪيس ڀيٽا ڏني. اهڙي طرح سنڌ جي هن انمول هيري کي ڀيٽا ڏيڻ وارو پروگرام پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو. مان هڪ دفعو وري صحافي دوست گروپ جي دوستن کي واڌايون ڏيندس جو انهن شيخ عزيز کي ياد ڪيو ۽ ان کي ڀيٽا پيش ڪئي. اهڙي طرح اها ڪوشش جاري رهڻ گهرجي. صحافت جي ميدان ۾ ڪوڙ سارا ڪردار موجود آهن جن اصولن جي صحافت ڪئي. اهو ضروري بہ آهي تہ اسان جي نئين نسل کي صحافت جي ڪيتر ۾ ڪم ڪندڙن جي زندگين بابت ڄاڻ حاصل ٿي سگهي. (روزاني سنڌ حيدرآباد، 28 جنوري 2019ع)



# آهہ! شيخ عزيز جو لاڏاڻو!

سنڌ جو ناميارو صحافي شيخ عزيز لاڏاڻو ڪري ويو. ڪيس ڪالهہ سپر هاءِ وي تي نوري آباد وٽ دل جو دورو پيو. فوري علاج لاءِ حيدرآباد نيو ويو پر اُتي علاج جون مناسب سهولتون نہ هجڻ ڪري ڪيس فوري طور آغا خان اسپتال ڪراچيءَ آندو ويو جتي سندس دل جي اينجيوپلاسي ٿي. اينجيوپلاسيءَ بعد سندس طبعيت ۾ سڌارو اچڻ لڳو پر ڏينهن گذرڻ دوران اوچتو ئي اوچتو سندس دل هلڻ بند ڪري ڇڏيو جنهن سبب هو هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. رب الڪريم ڪيس پنهنجي ٻاجهہ ۾ رکي. شيخ عزيز ٧٩ سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي، سندس جنم ٩ ڊسمبر ١٩٣٨ع تي حيدرآباد ٽنڊو آغا علي آباد حيدرآباد جي هڪ خوش پوش ۽ تعليم يافتہ خاندان ۾ ٿيو هو.

ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌي صحافت جي شعبي ۾ جيڪي نامياريون شخصيتون پيدا ٿيون آهن اُنهن ۾ ناميارو صحافي، قلمڪار ۽ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ شيخ عزيز نمايان حيثيت رکي ٿو. سندس وڏو ڀاءُ شيخ محمد اسماعيل ادب ۽ سنڌ جي قديم آثارن جو ماهر هيو ۽ ٻيو ڀاءُ شيخ محمد ابراهيم ريڊيو پاڪستان جو پروڊيوسر هيو. ٻنهي ڀائرن جي تربيت جو مٿس انتهائي گهرو اثر هو پر شيخ صاحب پاڻ بہ ذهني طور تي سجاڻ ۽ سجاڳ انسان هيو. سندن طبعيت ۾ ننڍي هوندي کان ئي علم، ادب ۽ آرٽ طرف لاڙو نمايان هوندو هو جڏهن تہ ان سان گڏو گڏ سنڌ جي تاريخ، ننڍي کنڊ جي موسيقي، ڊراما، ٿيٽر ۽ شاهڪار ڪلاسيڪل ادب طرف بہ سندس لڳاءُ والهانا هيو.

شيخ عزيز پنهنجي شروعاتي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪئي. هُن عملي صحافت لاءِ پنهنجي تعليم ٿامس ڪاليج آف جرنلزم لنڊن مان صحافت ۾ ڊپلوما حاصل ڪري مڪمل ڪئي، ان بعد پنهنجي عملي صحافتي زندگيءَ جو آغاز ڪيائين: ننڍي هوندي کان ئي لکڻ

پڙهڻ جي شوق ڪري ڪيس ان وقت سنڌ جي سڀ کان وڏي اخبار روزاني ”عبرت“ ۾ شموليت جو موقعو مليو. اُن وقت اخبار جو ايڊيٽر شيخ علي محمد صاحب هيو، شيخ عزيز صاحب پهريان سب ايڊيٽر ۽ پوءِ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور خدمتون سر انجام ڏنيون پر عملي صحافت جي شروعات هُن پنهنجي تعليم حاصل ڪرڻ بعد ئي حيدرآباد مان روزاني عبرت، روزاني سنڌ نيوز ۽ روزاني ڪاروان ۾ ڪم ڪري ڪيو، بعد ۾ هُن روزاني حُريت، روزاني جنگ ۽ هفتي وار آبزرور ۾ پڻ ڪم ڪيو. هُن پنهنجي صحافتي زندگيءَ جو ڪجھ عرصو روزاني جنگ ڪراچيءَ ۾ پنهنجيون صحافتي ذميواريون سر انجام ڏيندي گذاريو. ان بعد هُن انگريزي اخبار روزاني ڊان ۾ نوڪريءَ جو آغاز ڪيو، روزاني ڊان ۾ هُن پنهنجي زندگيءَ جو تمام وڏو عرصو ڪم ڪيو تان جو ٢٠٠٨ع ۾ رٽائر ڪيائين. هُو روزاني ڊان سان ١٩٨٩ع کان منسلڪ ٿيو هو ۽ زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين ڪم ڪندو رهيو، رٽائر ٿيڻ بعد به هو روزاني ڊان ۾ لکندو رهيو.

مرحوم ۽ مغفور شيخ عزيز پنهنجي زندگيءَ ۾ عملي صحافت سان گڏ حيدرآباد پريس ڪلب جو صدر، حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جو صدر ۽ آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽيءَ جو جج پڻ رهيو. هُن پنهنجي زندگيءَ ۾ سياست، سماجيات، علم، ادب ۽ موسيقيءَ جي سوين موضوعن تي هزارين مضمون پڻ لکيا ۽ ان سان گڏ هُن ڪيئي ڪتاب پڻ لکيا جن ۾ پوليٽيڪل هسٽري آف پاڪستان، هسٽاريڪل اٽلس آف سومرا ڪنگ ڊم آف سنڌ، پٽو- ميموريز ۽ ريمبرينس، اي هسٽري آف سنڌي لٽريچر، اوريجن اينڊ اوليوشن آف سنڌي ميوزڪ سميت عملي صحافت نالي ڪتاب شامل آهن. شيخ عزيز صاحب هڪ عميق ۽ گهري نظر رکندڙ صحافيءَ سان گڏ موسيقيءَ جي وسيع ڄاڻ پڻ رکندو هو. شيخ عزيز سنڌي ادبي بورڊ جو وائس چيئرمين پڻ مقرر ٿيو. سنڌ جي صحافتي تاريخ ۾ جيڪي به شخصيتون پيدا ٿيون آهن انهن مان شيخ عزيز جو نالو سيني کان مٿانهون آهي جو هو هڪ

صحافي هوندي چڻ تہ پنهنجي وجود ۾ هڪ جامع ادارو هو، جنهن سنڌي صحافت جي شروعاتي ايام ڪاريءَ ۾ ڪيئي سنڌي اخبارن جا نہ صرف بنياد رکيا پر انهن کي ڏينهن رات جاکوڙ ڪري ادارن جي صورت ڏني، ڪيئي اخباري ادارن جي قيام ۾ نہ فقط بنيادي ڪردار ادا ڪيائين پر ان سان گڏ ڪيئي صحافين جي تربيت پڻ ڪيائين جيڪي اڳتي هلي صحافتي ۽ قومي زندگيءَ جي اعلىٰ معيار کي رسيا.

شيخ عزيز صاحب جو لاڏاڻو اسين سمجهو ٿا تہ نہ صرف سندس ڪٽنب لاءِ هڪ وڏي ڏک جو سبب بڻيو آهي پر ان سان گڏو گڏ سندس لاڏاڻو پوري سنڌي سماج لاءِ انتهائي ڏک ۽ افسوس جو سبب پڻ بنيو آهي، سماج ۾ هر انسان جو پنهنجو پنهنجو ڪردار، اهميت ۽ اثر هوندو آهي، سماج ۾ هر انسان جي پنهنجي سوچ ۽ فڪر هوندو آهي جنهن تحت ئي ان جي زندگي گذرندي آهي، پر اهي انسان جيڪي پنهنجي عملي زندگيءَ جي عرصي ۾ جيڪڏهن ڪنهن سماج تي پنهنجو اثر ڇڏي وڃن ٿا، سماج جي ڪنهن نہ ڪنهن شعبي کي ڪو نئون موڙ، ڪا نيئن زندگي، ڪو نئن فڪر يا عمل ڏئي وڃن ٿا ۽ سندن اهڙين ئي ڪوشش ڪري سماج ترقيءَ جي هڪ وک اڳتي وڌائي ٿو تہ سمجهبو تہ ان ماڻهوءَ جو هن دنيا ۾ اچڻ سڪارتو ٿيو، نہ تہ هر روز لکين انسان جنم وٺن ٿا ۽ لکين مرن ٿا، سيني کي نہ ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ نہ ئي انهن جي لاڏاڻي تي ڪو سمورو سماج ڏکوئيتو ٿئي ٿو، سماج فقط انهن ماڻهن کي ياد ڪري ٿو ۽ انهن جي وڇڙي وڃڻ تي ڏک ۽ الم ڪري ٿو جيڪي سماج جا اڏيندڙ ٿين ٿا.

شيخ عزيز صاحب سنڌي سماج جي انهن اڻ ڳڻين شخصيتن ۾ شامل آهي جن جي ڪوشش سان سنڌي سماج، سماجن جي تاريخ ۾ پنهنجو ڪو مان ۽ مرتبو ڳڻائي سگهي ٿو، اهو درست آهي تہ سماجن کي ادارا جوڙيندا آهن، پر اهو بہ غلط ناهي تہ ادارن کي وري شخصيتون جوڙينديون آهن، جيڪي قومن کي جوڙيندا ۽ جياريندا آهن. شيخ عزيز صاحب جو شمار اهڙن ئي انسانن ۾ ٿئي ٿو جن قومن ۽ سماجن جي

تعمير ڪرڻ لاءِ ڪيئي ادارن ڪي جنم ڏنو، شيخ عزيز صاحب هميشه سنڌي سماج جي ساڃاهه، شعور ۽ فڪر ۾ جيئرو رهندو. سنڌ ڪي وري به ڪنهن ٻئي شيخ عزيز جي سخت ضرورت آهي.

(ايڊيٽوريل، روزاني عوامي آواز ڪراچي، سومر ۸ آڪٽوبر ۲۰۱۸ع، ۲۷ محرم الحرام ۱۴۴۰ هه)



روزاني عبرت ڪراچي آفيس جو سينيئر رپورٽر ضياءُ قريشي، شيخ عزيز جي وفات جي موقعي تي رپورٽنگ ڪندي.

# ایک لیجنڈری صحافی کی موت

حسن مجتبیٰ

بہت دنوں کی بات ہے حیدر آباد سندھ شہر کے سول لائنز میں ایک انقلابی پیدا ہوا تھا۔ اس انقلابی کا نام سلیم اکبر قاضی تھا۔ اس انقلابی کا والد ہر حکومت وقت کے ساتھ اور یہ نوجوان کامریڈ۔ وہ ذوالفقار علی بھٹو کا زمانہ تھا۔ اس نوجوان کا والد پہلے پرتگال میں سفیر اور پھر ذوالفقار علی بھٹو کی حکومت کے ہاتھوں چالیس سے زائد اخبارات، کتب و رسائل پر پابندی کے خلاف اپیلیں سننے والے اسپیشل ٹربیونل کا سربراہ۔ اور بندش شدہ مذکورہ مطبوعات میں سے کئی اب بھی زیر بندش ہیں یہ اک الگ کہانی ہے۔

یہ وہ دن تھے جب کبھی ٹھٹھہ شہر میں آگ لگانے والے پرتگالی مداخلت کار انگولا سے شکست کھا کر نکلے تھے تو سندھی شاعر شیخ ایاز نے اس پر ایک نظم کچھ اس طرح لکھی تھی:

پرتگال میں رہنے والو
جوئے خون میں بہنے والو
صدیاں بیتی تم نے جب
ٹھٹھہ میں آگ لگائی تھی
اور میرے لب پہ دہائی تھی

ہاں انہی دنوں پرتگال میں پاکستان کے سفیر کا یہ بیٹا اپنے سول لائنز والے گھر میں بھٹو حکومت کو مطلوب باغی انقلابی نوجوان چھپا کر ٹھہراتا تھا جن میں معروف انقلابی نوجوان

نذیر عباسی بھی ہوا کرتا تھا۔ اگرچہ منہ میں سونے کا چمچہ لیکر پیدا ہونیوالے اس انقلابی نوجوان کا ایک آبائی پیشہ اخبار کی اشاعت بھی تھا۔ لیکن روایتی اشتہاری اخبار جو ایک اشتہار کی خاطر انفارمیشن افسر سے بھی بنا کر رکھتا تھا۔ اب اس نوجوان انقلابی نے سندھی اخبار میں ایک غیر روایتی لیکن عملی صحافت کی داغ بیل ڈالنے کی ٹھانی۔ ایک اخباری خواب دیکھا۔ اس اخبار کا نام تھا "سندھ نیوز"۔ سندھ میں اس نئے اخبار کیلئے اس کے بانی نے پہلا مدیر سندھ کے منجھے ہوئے صحافی شیخ عزیز کو مقرر کیا۔ شیخ عزیز سندھ کا ایک وکھرے ٹائپ کا جدید صحافی اور ترقی پسند انسان، اعلیٰ ادبی و تہذیبی ذوق اور تاریخ کا انتہائی ادراک رکھنے والا صحافی۔ شیخ عزیز کی سندھ نیوز ٹیم میں اکثر پڑھے لکھے تخلیقی اور انقلابی ذہن، بائیں بازو کے نوجوان ادارتی عملے، نیوز روم اور رپورٹر رکھے گئے تھے۔ اس اخبار کی کہانی ستر اور اسی کی دہائیوں کی ہندی آرٹ فلموں کی طرح شروع ہوتی اور ختم ہوتی ہے۔ یہیں سے سلیم قاضی کی کہانی ختم اور شیخ عزیز اور سلیم قاضی کے کامریڈوں کی بطور اخباری شروع ہوتی ہے۔ سہیل سانگی، سیف بنوی، جاوید مرزا، امداد چانڈیو، زاہد مخدوم (سندھ آبزرور)، صالح بلو، منصور میرانی، آفتاب نظامانی ( جسے انیس سو اٹھاسی میں لسانی فسادات میں کرفیو کے دوران لطیف آباد میں اسوقت قتل کیا گیا جب وہ اپنے ایک ساتھی کو اسکے گھر تک چھوڑنے گیا تھا)، شمشیر خاصخیلی، محب علی ( جسے ان دنوں اسکے محلے ٹنڈو ٹھوڑو کے کچھ منچلے نوجوان پڑوسی بینظیر بھٹو سے تشبیہ دیتے کہ اس نوجوان کے بالوں کا اسٹائل اور چہرہ اسوقت کی بینظیر سے کافی مشابہت رکھتا تھا)، استاد گل ( یہ زمانہ اخباری دفاترمین مشین مینوں کمپوزروں اور کاتبوں کا تھا۔

قاضی سلیم نے اپنے اس اخبار کیلئے پرنٹنگ مشین شاید جرمنی سے درآمد کی اور جب یہ مشین وہ کراچی سے لیکر براستہ سپرہائی وے حیدرآباد آرہا تھا تو کار حادثے کا شکار ہو کر ہلاک

ہوگیالیکن قاضی سلیم کے کئی ساتھی اور خاندان والے اسے آج بھی حادثہ ماننے کو تیار نہیں۔ چہ جائیکہ اس خونی شاہراہ اور دیگر سڑکوں نے سندھ اور ملک کے ہزاروں گھروں کے چراغ بجھادیئے ہیں۔ سلیم قاضی جیسے سینکڑوں ذہنی اثاثے چھینے ہیں۔ پہیوں کی دہشت گردی۔ لیکن قاضی سلیم کے اس خواب کا سفر جاری رہا۔ شیخ عزیز کی مدیری میں۔

یہ بات زیادہ درست نہیں کہ جدید سندھی صحافت کا دور سوویت یونین کے ٹوٹنے سے یا سندھ میں ایم آر ڈی تحریک کے بعد سے شروع ہوا جب پڑھے لکھے نوجوانوں اور بائیں بازو کے سیاسی کارکنوں کی ایک بڑی تعداد نے روزگار اور شوق و جنوں میں سندھی اخبارات کا رخ کیا۔ میں کہتا ہوں کہ جدید سندھی صحافت کے بانی شیخ عزیز ہی گردانے جائیں گے جسکی اصل شروعات سلیم قاضی کے خواب سے ہوتی ہے۔ کہ جب سندھ کی کچھ باغی اور بے چین روحوں کو سلیم اکبر قاضی نے اپنے اخبار کے دفتر کی ایک ہی چھت کے نیچے شیخ عزیز کی زیر ادارت جمع کرنے کی کوشش کی۔ اس جگہ کے قریب جہاں گاڑی کھاتے کا تانگہ اسٹینڈ تھا۔

سندھی اخبار میں اداریہ لکھنا شیخ عزیز نے باقاعدہ ایک ایونٹ بنایا۔ کاندھوں تک بڑے لہراتے بال، آستینیں چڑھی ہوئیں، قلم ہر وقت حرکت پذیر اور کوٹ کرسی پر لٹکا ہوا، ہر وقت ٹائی میں ملبوس۔ میں نے ایسا شیخ عزیز دیکھا جو ساقی ایڈیٹر لگتا تھا؟ اسلام ایڈیٹر۔ شیخ عزیز سے پہلی بار میں نے وکٹر ہیوگو کا نام اور کام سنا۔ اور تم جو گھر سے نکل کر باہر جاکر جو بھی دیکھتے ہو گھر واپس آکر وہ پوری دیانتداری اور معروضیت پسندی سے لکھو تو وہی خبر بنتی ہے۔ شیخ عزیز نے بتلایا۔

شیخ عزیز کی کتاب ''سندھی عملی صحافت'' جدید سندھی صحافت میں سندھی صحافیوں اور رپورٹروں کی کئی نسلوں کے لئے ایک رہنما کتاب بنی رہے گی۔ شیخ عزیز نے

پاکستان میں سندھی، اردو اور انگریزی صحافیوں کی نسلیں تیار کیں۔ سندھ میں ایم آر ڈی کی مارشل لا مخالف تحریک کے دوران شیخ عزیز نے تمام سندھ کا دورہ کیا۔ ایم آر ڈی کی تحریک کو انگریزی زبان میں قلمبند کیا جو کہ ابتک مسودے کی صورت اہم تاریخی دستاویز ہے۔

وہ بھٹو کے دنوں میں روس کے دورے پر گئے اور واپسی پر ایک سفر نامہ "لینن کے دیس میں" سندھی زبان میں لکھا، شیخ عزیز کا تعلق سندھ کے دل حیدرآباد کے ٹنڈو آغا سے، جہاں مراد علی مرزا اور ممتاز مرزا جیسے صاحب طرز ادیب، ابن حیات پنہور جیسے انقلابی ور انتھک مترجم لکھاری سیاسی کارکن، مرزا بڈھل جیسے مرثیہ نگار، آغا عبدالعلی شاہ جیسے صاحبان منبر، کئی ہنر مند و صناع گر خود شیخ عزیز کے بڑے بھائی شیخ اسماعیل جیسے ماہر لسانیات، اساتذہ اور موسیقی کے ماہر سے تھا۔ شیخ عزیز خود بھی برصغیر کی موسیقی پر بڑی دسترس رکھتے تھے۔ جہاں حسین شاہ بخاری جیسے یگانہ سیاسی کردار رہتے تھے، جہاں کے مرثیہ خواں ان دنوں ایک نوحہ پڑھا کرتے تھے

قافلہ جاتا ہے

اور قافلہ جاتا ہے۔(روزنامہ جنگ کراچی،18 اکتوبر 2018ء)


16 فروری 1978 — حیدرآباد پریس کلب میں بے نظیر بھٹو کی پہلی "میٹ دی پریس"
ظہیر احمد (جنرل سیکریٹری) اور شیخ عزیز (ایڈیٹر "سندھ نیوز") موجود ہیں

1976 — قاضی محمد اکبر "سندھ نیوز" کی افتتاحی تقریب میں
غلام مصطفیٰ جتوئی (تب وزیر اعلیٰ) سے شیخ عزیز کا تعارف کروا رہے ہیں

شیخ عزیز، حیدرآباد پریس کلب کے عہدیدار کی حیثیت سے خطاب کرتے ہوئے،
قاضی سعید اکبر، شیخ محمد مبین اور ظہور انصاری تشریف فرما ہیں

ممتاز بھٹو سے قاضی عبدالمجید عابد، قاضی محمد اسلم اور شیخ عزیز کی ملاقات

شیخ عزیز، صوفی ودی آرٹسٹ منظور قریشی کسی غیر ملکی خاتون سے دفتر میں گفتگو کرتے ہوئے

**(ماهه نامه ’تحرير و تصوير‘ حيدرآباد جي ٿورن سان)**

# شیخ عزیز: صحافت کے قابل فخر دور کا صحافی

ظہیر احمد

شیخ عزیز ان معدودے چند لوگوں میں سر فہرست تھے جن کی مادری زبان سندھی ہونے کے باوجود جنہوں نے سندھی، اردو اور انگریزی صحافت کے قابل فخر دور کی اہم شخصیت کا درجہ پایا۔ 9 دسمبر 1938 کو پیدا ہونے والے منفرد طرز کے اس مثالی صحافی کا سفر زندگی 7 اکتوبر 2018 کو اختتام پذیر ہوا۔ 1968 میں لندن سے جرنلزم میں ڈپلومہ کرنے والے شیخ عزیز اپنے دور کے پہلے سندھی صحافی تھے جو لندن سے صحافت کی تعلیم حاصل کر کے آئے تھے۔ انہوں نے حصول تعلیم کے بعد جون 1957 میں روزنامہ "کارواں" حیدرآباد سے اپنے کیریئر کا آغاز کیا لیکن پھر ایک سال بعد ہی روزنامہ "عبرت" حیدرآباد سے وابستہ ہو گئے اور وہی ان کی مستحکم شناخت بنا۔ شیخ عزیز نے اپنی زندگی کے 80 برس میں سے نصف صدی کا عرصہ صحافت کو دیا۔ شیخ عزیز میرے دوست اس لئے نہیں ہو سکتے تھے کہ وہ مجھ سے بہت سینئر تھے لیکن ان کی صلاحیت اور اسٹائل کا میں معترف رہا۔ بس میرے لئے یہی بات قابل اطمینان ہے کہ میں نے شیخ عزیز جیسے حقیقی صحافی کا قابل فخر دور دیکھا، شیخ عزیز سے ملاقاتیں رہیں اور ہم ایک ساتھ حیدرآباد پریس کلب کے ممبر رہے۔ 5 جولائی 1977 کو پیپلز پارٹی کی حکومت ختم ہونے کے بعد جب ذوالفقار علی بھٹو مقدمہ قتل میں گرفتار کر کے جیل پہچا دیئے گئے تھے تو بے نظیر بھٹو صاحبہ نے سیاست میں قدم رکھا تھا۔ اس مرحلے پر وہ اپنے اسیر والد کی پارٹی کو مایوسی سے بچانے اور متحرک کرنے کے لئے 16 فروری 1978 کو حیدرآباد پریس کلب "میٹ دی پریس" پروگرام سے خطاب کے لئے تشریف لائیں تو بہ حیثیت جنرل سیکریٹری مجھے خیر مقدمی تقریر کرنے اور ان کے ساتھ بیٹھنے کا موقع ملا۔ شیخ عزیز بھی میرے ساتھ بائیں طرف پہلی نشست پر بیٹھے تھے اور کلب کی پرانی عمارت کے ہال میں میں، میرے اور شیخ عزیز کے درمیان تکون میز پر بے نظیر بھٹو صاحبہ کے اس وقت کے سیکریٹری کو جگہ ملی تھی۔ یہ یادگار تصویر شیخ عزیز کے بیٹے خرم عزیز نے اپنے واٹس ایپ میں محفوظ کی ہوئی ہے۔ اس وقت شیخ عزیز

"سندھ نیوز" کے ایڈیٹر تھے۔ انہوں نے بھٹو صاحب کے دور ہی میں 1975 کے دوران "عبرت" کو چھوڑ دیا تھا جس کے ساتھ ان کی 1958 سے 17 سال وابستگی رہی۔ جب 1976 میں قاضی محمد اکبر نے انگریزی ہفت روزہ "سندھ آبزرور" کا اجراء کیا اور ان کے ہونہار بیٹے سلیم اکبر قاضی نے انگریزی جریدے کے ساتھ سندھی روزنامہ "سندھ نیوز" کے اجراء کی منصوبہ بندی کی تو شیخ عزیز کو ایڈیٹر کی حیثیت سے منتخب کیا گیا لیکن افسوس کہ سلیم اکبر قاضی کی زندگی نے وفا نہ کی اور وہ صرف انگریزی جریدے کے اجراء کے بعد جس کا عارضی دفتر یونیورسل بک ڈپو بالمقابل سینٹ میری اسکول کی نو تعمیر شدہ عمارت میں قائم ہوا تھا، سپرہائی وے پر ٹریفک حادثے میں جاں بحق ہو گئے۔ بعدازاں گاڑی کھاتہ میں ریشم بازار جانے والے راستے کے قریب رونامہ "سندھ نیوز" کا افتتاح اس وقت کے وزیراعلیٰ غلام مصطفٰی جتوئی نے کیا۔ قاضی اکبر جب 1970 سے قبل روزنامہ "عبرت" کے ایڈیٹر ان چیف (مالک مدیر) ہوا کرتے تھے تو "عبرت" کو سندھی کے "جنگ" کا درجہ حاصل تھا۔ پھر 1970 کے بعد "عبرت کے ایڈیٹر ان چیف قاضی عبدالمجید عابد بن گئے جبکہ قاضی محمد اکبر نے پیپلز پارٹی میں شمولیت کے بعد پرتگال میں اسی طرح سفیر بننا قبول کر لیا جس طرح ممتاز دولتانہ نے برطانیہ میں سفیر بننا قبول کر کے سیاست ترک کر دی تھی۔ قاضی محمد اکبر نے پرتگال سے واپس آ کر بائیں بازو کے خیالات رکھنے والے اپنے بیٹے سلیم اکبر قاضی کے خوابوں کی تکمیل کے لئے اپنے تجربات کو صحافت میں بروئے کار لانے کا فیصلہ کیا تو "سندھ آبزرور" اور "سندھ نیوز" کے لئے شیخ عزیز کا نام بطور ایڈیٹر منتخب کیا جو سلیم اکبر قاضی کی طرح ہی بائیں بازو کے خیالات رکھنے والے پروگریسو جرنلسٹ کی حیثیت سے باصلاحیت ہونے کی شناخت رکھتے تھے۔ "سندھ نیوز" قاضی محمد اکبر کے نام اور شیخ عزیز کی مسلمہ صلاحیتوں کے باوجود صحیح معنوں میں جگہ نہ بنا سکا اور "عبرت" نے اپنا مقام برقرار رکھا، لیکن جب شیخ عزیز 1980 میں "سندھ نیوز" کے ساتھ ساتھ حیدرر آباد کو بھی چھوڑ کر کراچی چلے گئے تو سلیم اکبر قاضی کے بھائیوں (محمد علی قاضی اور اسلم اکبر قاضی) نے سندھی روزنامہ "کاوش" کا اجراء کیا اور اسے اشاعت کے اعتبار سے بہت بڑا اخبار بنا دیا۔ "کاوش" کی کامیابی اور "سندھ نیوز" جس کے بطن سے "کاوش" کا جنم ہوا، کی ناکامی میں بنیادی فرق کس بات کا تھا یہ ایک الگ بحث طلب موضوع ہے۔ شیخ عزیز نے کراچی میں روزنامہ "جنگ" سے وابستگی

کے بعد 1980 سے 1982 تک اسسٹنٹ ایڈیٹر میگزین کے فرائض ادا کئے۔ پھر وہ "ڈان" گروپ کے زیر انتظام شائع ہونے والے اپنے وقت کے مشہور اردو اخبار "حریت" کے 1982 سے 1987 تک میگزین ایڈیٹر رہے۔ بعد ازاں دو سال تک اسی اخبار کے نیوز ایڈیٹر رہنے کے بعد اپریل 1989 میں "ڈان" میں سب ایڈیٹر کے فرائض ادا کرنے لگے اور جولائی 2000 سے جولائی 2008 تک ایڈیشن انچارج کی حیثیت سے کام کیا۔ "ڈان" میں اپنے فرائض کی ادئیگی کے دوران ایک بار انہیں کسی خبر پر ریاستی ادارے کے جبر اور صعوبت کا سامنا بھی کرنا پڑا تھا۔ چونکہ سابق وزیر تعلیم پیر مظہر الحق سے شیخ عزیز کے مراسم "عبرت" کے زمانے سے مثالی رہے تھے۔ جب پیر مظہر الحق زیر تعلیم تھے اور اپنے نانا قاضی محمد اکبر کے اخبار "عبرت" میں صحافت سے جزوی طور پر وابستہ ہو گئے تھے، لہٰذا شیخ عزیز کو "ڈان" سے ریٹائرمنٹ کے بعد پیر مظہر الحق کے سبب سندھی ادبی بورڈ جامشورو میں 2008 سے 2011 تک بہ حیثیت وائس چیئرمین کام کرنے کا موقع ملا۔ صحافت کی دنیا میں آنے سے قبل بھی شیخ عزیز نے 1956 اور 1957 کے دوران سندھی ادبی بورڈ میں ریسرچ اسسٹنٹ کی حیثیت سے کام کیا تھا اور صحافت میں قدم رکھنے کے بعد وہ جز وقتی طور پر 1960 تک تین سال ریسرچ اسسٹنٹ رہے جبکہ "سندھ آبزرور" اور "سندھ نیوز" سے وابستگی کے دوران 1978 سے 1980 تک سندھ یونیورسٹی جامشورو کے جرنلزم ڈپارٹمنٹ میں وزیٹنگ پروفیسر کی ذمہ داری نبھائی۔ جب آغا رفیق جرنلزم ڈپارٹمنٹ کے چیئرمین بنے تو انہوں نے ڈپارٹمنٹ کی لائبریری کو شیخ عزیز کے نام سے منسوب کر دیا تھا۔ شیخ عزیز کو 1963 اور 1966 میں حیدرآباد پریس کلب اور 1974 میں حیدرآباد یونین آف جرنلسٹ کا صدر بننے کا اعزاز حاصل تھا۔

جب 25 جولائی 1974 کو مولانا کوثر نیازی وفاقی وزیر اطلاعات کی حیثیت سے حیدرآباد پریس کلب آئے تو میں نے نائب صدر پریس کلب کی حیثیت سے کچھ دیگر صحافیوں کے ساتھ چائے کی میز پر مولانا کوثر نیازی سے شیخ عزیز کے سلسلے میں بات کی اور یہ درخواست کرنے والوں میں میرا بھی حصہ تھا کہ شیخ عزیز کو ماسکو کے دورے کی دعوت پر حکومت پاکستان قدغن نہ لگائے اور اجازت دے دی جائے۔

ایک دلچسپ واقعہ بھٹو صاحب ہی کے دور کا مجھے کبھی نہیں بھول سکتا۔ جناب اشتیاق اظہر (بعد ازاں ایم کیوایم کے ٹکٹ پر سینیٹر ہوئے) کو بھٹو حکومت نے دیگر سرکاری افسروں کی طرح جبری طور پر برطرف کرکے بے روزگار کر دیا تھا۔ وہ حیدرآباد میں محکمہ اطلاعات سندھ کے دبنگ ڈائریکٹر تھے اور بہت قابل افسروں میں شمار ہوتے تھے۔ اشتیاق اظہر نے ملازمت سے فارغ کئے جانے پر روس کے قونصل خانے میں جو طارق روڈ سے ملحقہ سڑک پر قائم تھا ان کے رسالے "طلوع" کے حوالے سے ملازمت کرلی۔ بھٹو حکومت کے آخری مہینوں میں ایک روز وہ روسی قونصل جنرل کو لے کر حیدرآباد آئے تو پریس کلب میں وزٹ کے دوران انہوں نے مجھے اور نثار چنا کو بہ حیثیت عہدیدار (جنرل سیکریٹری اور صدر) سارڈینیا ہوٹل (سابقہ اورینٹ ہوٹل) میں ڈنر کی دعوت دی اور ساتھ شیخ عزیز، سید نایاب حسین اور رشید نیاز سے بھی شریک ہونے کو کہا۔ سید نایاب حسین "انڈس ٹائمز" کے ایڈیٹر رہ چکے تھے جو اپنے وقت کا حیدرآباد سے شائع ہونے والا بہت عمدہ اور مکمل اخبار تھا، لیکن "انڈس ٹائمز" کو ایک عشرے سے زیادہ جارے رکھنے کے بعد اس کے مالک نے خود ہی اسے بند کر دیا تھا، چنانچہ نایاب حسین اور رشید نیاز سمیت بہت سے نامور صحافی بے روزگار ہونے والوں میں شامل تھے۔ نایاب حسین نے ایک عرصہ تک ریڈیو پاکستان کے ذریعہ جیب خرچ کا راستہ نکالا، پھر وہ ملک سے باہر چلے گئے جبکہ رشید نیاز کو طویل عرصے بے روزگار رہنے کے بعد "ڈان" میں سب ایڈیٹر کی ملازمت مل گئی تو وہ کراچی منتقل ہوگئے۔

سید نایاب حسین انگریزی پر عبور رکھنے والے نابغہ روزگار مثالی شخص تھے اور شیخ عزیز سے ان کی قربت کی ایک وجہ انگریزی دانی بھی تھی۔ اشتیاق اظہر صاحب نے میرے ساتھ رشید نیاز کو بھی ڈنر پر اس لئے مدعو کیا کہ وہ، میں اور رشید نیاز علیحدہ بیٹھ کر گفتگو کرتے رہیں گے جبکہ روس کے قونصل سے نثار چنا، نایاب حسین اور شیخ عزیز "شہد" کے موضوع پر گفتگو کر چکیں گے تو پھر ہم سب ڈنر کرلیں گے۔ لیکن "شہد" نے فوری اثر دکھایا تو شیخ عزیز اور نایاب حسین دونوں کی ترقی پسندی یکایک رخصت ہوگئی اور انہوں نے انگریزی کے ساتھ اردو اور سندھی میں بھی قونصل جنرل کو لتاڑنا شروع کر دیا کہ "تم باسٹرڈ روسی ہمارے گرم پانی کے سمندر تک آنے کے لئے بیتاب ہو"۔ اشتیاق اظہر صاحب نے یہ منظر دیکھا تو کانپتے ہوئے مجھے اور نثار چنا کو رشید نیاز کے ساتھ کمرے سے باہر لا کر التجا کی کہ مہربانی کرکے انہیں لے جاؤ ورنہ میری

نوکری ختم ہو جائے گی، قونصلر اردو بھی سمجھتا ہے اور سندھی بھی، جبکہ نایاب حسین اور شیخ عزیز اسے ہر زبان میں لعن طعن کر رہے ہیں۔ اشتیاق اظہر کی نوکری بچانے کے لئے ہم نے ڈنر پر "فاتحہ" پڑھی اور طے پایا کہ نثار چنا اپنی ویسپا پر شیخ عزیز کو ان کے گھر تک (تالاب نمبر 3 کا علاقہ) پہنچائیں گے اور میں نایاب حسین کو لطیف آباد ان کے گھر تک لے جاؤں گا جبکہ رشید بھائی پیدل اپنے گھر جائیں گے۔ شیخ عزیز بلاشبہ بائیں بازو کے نظریات رکھنے والے جانے پہچانے شخص تھے اور نایاب حسین بھی کھدر پوش یا سفید کرتا پاجامہ پہننے والے لبرل ترقی پسند تھے، مگر دونوں ن اپنے ملک کے حوالے سے من کے سچے اور اجلے تھے جس کا ثبوت مذکورہ واقعہ ہے۔ یہاں یہ ذکر بھی ہو جائے کہ اشتیاق اظہر روسی قونصلر کو لے کر اگلے روز تھرپارکر گئے تو بھٹو حکومت نے اسے "ناپسندیدہ" قرار دیکر ملک چھوڑنے کا حکم دے دیا جبکہ اشتیاق اظہر کو بھی مقدمے کا سامنا کرنا پڑا۔ بعد ازاں اشتیاق اظہر "جنگ" اور "نوائے وقت" سے وابستہ ہوئے اور جب ایم کیو ایم بنی تو کچھ عرصے بعد اس کی پہلی صف میں ہونے کے باوجود زیادہ عرصے ساتھ نہ چل سکے اور کنارہ کش ہو گئے۔ شیخ عزیز کی شادی 8 نومبر 1969 کو اس وقت ہوئی تھی جب وہ لندن سے جرنلزم میں ڈپلومہ کر کے وطن واپس آئے تھے۔ ان کی اولاد میں دو بیٹے اور دو بیٹیاں ہیں۔ طارق عزیز شیخ (جنہیں وہ پیار سے شاہ لطیف کی شاعری کے استعارے کے تعلق سے رانو کہہ کر پکارتے تھے) نے تدریس کا پیشہ اپنایا، تاہم مضمون نگاری بھی کرتے ہیں، وہ نیشنل کالج کراچی میں اسسٹنٹ پروفیسر ہیں۔ ڈاکٹر شہلا عزیز ان دنوں انگلینڈ میں ہیں جبکہ قبل ازیں جناح ہسپتال اینڈ یونیورسٹی کراچی سے وابستہ تھیں۔ خرم عزیز شیخ سندھ اریگیشن اینڈ ڈرینج اتھارٹی (سیڈا) کے سیکریٹریٹ بیراج کالونی حیدرآباد میں سیکریٹری "سیڈا" کے اہم منصب پر فائز ہیں اور منیزہ عزیز شیخ بیکن ہاؤس کراچی کی ریجنل کوآرڈینیٹر ہیں۔ شیخ عزیز اس لحاظ سے خوش قسمت رہے کہ ان کے چاروں بچوں نے اعلیٰ تعلیم پائی، ان کی شادیاں ہو گئیں اور شیخ عزیز نے دادا اور نانا بننے کا لطف بھی اٹھایا۔ شیخ عزیز کے گھرانے کا تعلیم وتدریس سے رشتہ نیا نہیں ہے۔ شیخ عزیز کے بڑے بھائی شیخ اسماعیل پرائمری ٹیچر ایسوسی ایشن سندھ کے عہدیدار کی حیثیت سے معروف تھے۔ شیخ عزیز نے بھی ریسرچ اور تصنیف وتالیف سے ناطہ صحافت کی شب و روز مصروفیات کے باوجود قائم رکھا اور مختلف کتابوں کے مصنف اور مرتب ٹھہرے۔

شیخ عزیز کے انتقال پر میں نے خرم عزیز شیخ سے تعزیت کے بعد ایک نشست میں ان کے سفر آخرت پر گفتگو کی تو بہت افسوس ہوا کہ جب ایسے نامور لوگوں کو سندھ میں علاج معالجہ کی اچھی سہولت نہیں مل سکتی تو پھر غریبوں اور گمنام لوگوں پر کیا گذرتی ہو گی۔ خرم عزیز شیخ نے بتایا کہ بابا کی طبیعت اتوار 7 اکتوبر کو سپر ہائی وے پر نوری آباد کے نزدیک خراب ہوئی تھی اور انہوں نے دل کی شدید تکلیف محسوس کی تو ہم کراچی کے بجائے انہیں حیدرآباد میں نو تعمیر "این آئی سی وی ڈی" لے آئے۔ یہاں ڈاکٹر احسان کی ٹیم موجود تھی لیکن ہمارے اصرار کے باوجود انہوں ن نے انجیو پلاسٹی سے انکار کر دیا اور ہمارے انتہائی قیمتی دو گھنٹے ضائع کر دئے، چنانچہ ہم بابا کو "این آئی سی وی ڈی" کراچی لے گئے لیکن وہاں بھی حیدرآباد سے زیادہ صوتحال خراب دیکھی، کئی مریض اسٹریچر پر تڑپتے رہے اور اسٹریچر فرش پر رکھے تھے۔ کوئی نہیں تھا کہ ان مریضوں کو بستر پر منتقل کر کے ابتدائی علاج شروع کرے۔ ہمارے سامنے ہی چار مریضوں نے دم توڑا۔ ہمیں بابا کے ہارٹ اٹیک پر معلوم ہوا کہ علاج کی بہترین سہولتوں کے دعوے کے تعلق سے سب جھوٹ بولا جارہا ہے کہ ہم نے یہ کر دیا، وہ کر دیا۔ کچھ نہیں ہے۔ پورے صفحہ کے رنگین اخباری اشتہارات کی سرخی ہوتی تھی "علاج کی جدید سہولیات، ہر فرد کا حق، ہر فرد تک" اور یہ دعویٰ کسی بھی دوسرے صوبے سے بڑھ کر سندھ بھر میں علاج کی جدید، معیاری اور مفت سہولیات، لیکن حیدرآباد سے کراچی تک براحال دیکھ کر اور کئی گھنٹے ضائع کرنے کے بعد ہم آغا خان ہسپتال گئے جہاں بابا کی انجیو پلاسٹی تو ہوئی لیکن تھوڑی دیر بعد ہی دم توڑ گئے۔ کاش ہم انہیں پہلے مرحلے میں آغا خان یا طبہ ہسپتال لے گئے ہوتے تو شاید ان کی جان بچ جاتی۔ جب خرم عزیز مجھے یہ افسوس ناک روداد سنا رہے تھے تو میں نے بہت کرب کے ساتھ صرف اتنا کہا کہ اگر شیخ عزیز کو اتنی خدمات کے بعد بھی ہمارا سماج مناسب علاج کی سہولت نہں دے سکا تو پھر کسی غریب اور پسماندہ شخص کا تحفظ کیا کرے گا۔ اس موقع پر مجھے ریڈیو پاکستان کے سابق اسٹیشن ڈائریکٹر، مثالی صداکار اور قلم کار نصیر مرزا کا 14 اکتوبر کو شیخ عزیز کے انتقال پر "کاوش" میگزین میں چھپنے والا مضمون یاد آیا کہ کس طرح وجد اور عقیدت کے ساتھ انہوں نے شیخ عزیز کا تذکرہ کیا ہے اور یادوں کے دیپ جلائے ہیں، حالانکہ وہ شخص بقول فیض "تاریک راہوں میں" جاں سے گزر گیا۔ نصیر مرزا نے لکھا، "جیسا کہ ہر جانے پہچانے شخص کے پیچھے بطور رہبر و رہنما کوئی نہ کوئی

استاد ضرور ہوتا ہے، اسی طرح میرے لئے منزل کا نشان اور آئیڈیل شیخ عزیز صاحب تھے، جن کے نقش قدم آنکھوں میں رکھ کر میں نے کوئی نہ کوئی منزل پائی"۔ نصیر مرزا نے مزید لکھا، "بے شک جدید سندھی صحافت میں سراج الحق میمن صاحب (بطور ایڈیٹر "ہلال پاکستان") کا بڑا نام تھا لیکن خبر کے ڈسپلے، لے آؤٹ اور اس میں ادبی چاشنی بھر کر دکھانے میں شیخ عزیز صاحب جیسے ایڈیٹر اور سکھانے والے کو بھلا دوں؟ 1978 سے 1980 تک پورے تین برس سندھ یونیورسٹی کے شعبہ صحافت سے کوہ نور چاڑی (گاڑی کھاتہ) کے قریب "سندھ نیوز" کے دفتر تک خود بخود مہکنے والے گلاب کے پھول کی طرح روشن شمع کی مانند شخص جس کے گرد ہم۔۔۔ پتنگ اور پروانے "نصیر مرزا نے شیخ عزیز کو بہترین الفاظ اور انداز میں یاد کر کے مضمون نہیں بلکہ ان کی جدائی پر نوحہ قلمبند کیا ہے۔ کاش انہیں اہل صحافت، ارباب اختیار اور سوداگران سیاست نے بھی نصیر مرزا کی نگاہوں سے دیکھا اور پرکھا ہوتا۔

(تحریر و تصویر میگزین, حیدرآباد جنوري 2019)



شیخ عزیز

صحافت کے قابل فخر دور کا صحافی

سندھی اردو اور انگریزی صحافت پر یکساں عبور رکھنے والے شخص کی داستان حیات

دورہ ماسکو (1974) کے موقع پر شیخ عزیز دیگر مدیروں کے ساتھ گروپ فوٹو میں

# شیخ عزیز ہمہ گیر شخصیت کے حامل

رفیق شیخ

استاد محترم، اڑتیس سال پہلے کا منظر سندھ یونیورسٹی شعبہ صحافت اور آج کا منظر حیدر آباد پریس کلب کا بالائی ہال، اڑتیس سال پہلے استاد محترم شعبہ صحافت کے کلاس روم میں لیکچر دے رہے ہیں اور آج حیدر آباد پریس کلب کے ہال میں استاد محترم کی تصویر پھولوں کے درمیاں ہے اور ان سے محبت کرنے والے اور عقیدت رکھنے والے ان کی شخصیت پر اظہار خیال کر رہے ہیں۔ مہیش کمار نے یہ اڑتیس سال ایک فلم کی مانند بند آنکھوں سے دماغ کے پردے پر چلا دیے کچھ کثر باقی رہی تو آغا رفیق اور نصیر مرزا نے پوری کردی۔ پیر مظہر، مجاہد بریلوی، قاضی خادم، ظہیر احمد نے کچھ اور مناظر سے پردہ اٹھایا۔ اس کے باوجود اس فلم کے کئی مناظر او جھل رہے۔ واقعی استاد محترم شیخ عزیز کی شخصیت کے کئی پہلو ہنوز او جھل ہیں جتنے بڑے وہ صحافی تھے استاد تھے سیاسی، سماجی اور ثقافتی دانشور تھے، موسیقار تھے، مصنف تھے اس قدر ہم انھیں خراج عقیدت پیش نہیں کر سکے۔

کثیر الجہتی شخصیت کے مالک شیخ عزیز تقریباً اسّی برس کی عمر میں گزشتہ اکتوبر میں جہان فانی سے کوچ کر گئے نصف زندگی انھوں نے اپنے آبائی شہر حیدر آباد اور نصف زندگی کراچی میں گزاری۔ جنم لیا حیدر آباد میں اور دفن ہوئے کراچی میں۔ یہ اس بات کی علامت

بھی ہے کہ شیخ عزیز نے دیہی سندھ سے علمی، صحافتی، ثقافتی اور تحریر سے رشتے کا جو سفر شروع کیا تھا وہ شہری سندھ تک کسی تعصب اور غرض کے بغیر انجام کو پہنچا اور ثبوت کے طور دہی سندھ کے وجود کو شہری سندھ کے حوالے کر گئیے۔ حیدر آباد کی صحافتی برادری کہ کچھ دوستوں نے انھیں خراج عقیدت پیش کرنے کے لیے حیدر آباد پریس کلب میں،، شیخ عزیز تعزیتی ریفرنس،، رکھا حیدر آباد پریس کلب کے سابق صدر سینئر صحافی مہیش کمار نے اپنے دوستوں فاروق سومرو، امداد چانڈیو اور دیگر کے ساتھ صحافی دوست گروپ کے پلیٹ فارم سے اس تعزیتی ریفرنس کا انعقاد کیا، ریفرنس میں حیدر آباد سے جہاں ان کے دوست احباب شاگرد شریک ہوئے وہیں کراچی سے سینئر صحافی اور اینکر مجاہد بریلوی جن کا شیخ عزیز کے ساتھ برسوں کا تعلق رہا جی این مغل حیدر آباد اور کراچی میں شیخ صاحب ساتھی رہے، سابق صدر کراچی پریس کلب طاہر حسن خان جنھیں شیخ عزیز کے ساتھ ایک کمرے میں ساتھ کام کرنے کا اعزاز حاصل رہا ہے اور میں، جو دو فیض حاصل کرنے والوں شامل رہا یعنی سندھ یونیورسٹی کے جرنلزم ڈیپارٹمنٹ میں شیخ عزیز سے باقاعدہ صحافت کی تعلیم حاصل کی اور کراچی میں عملی صحافت کے دور میں ان سے راہنمائی لیتا رہا پیر مظہر الحق گزشتہ تیس سال سے پارلیمانی سیاست کا اہم کردار رہے کئی انتخابات جیتے صوبے کے وزیر بنے انھوں نے بھی اپنی عملی زندگی صحافت سے شروع کی اور شیخ عزیز کے بستہ بند شاگرد بنے۔ وہ بھی ناسازی طبع کے باوجود استاد محترم کو خراج عقیدت پیش کرنے پہنچے۔ سینئر صحافی اور حیدر آباد پریس کلب کے سابق سیکریٹری ظہیر احمد، سینئر صحافی اور سابق سیکریٹری حفیظ عابد ، سینئر صحافی فاروق سومرو، صحافی اور انسانی حقوق کے سرگرم راہنما امداد چانڈیو نے بھی اپنے سینئر ساتھی اور استاد کو اپنی یادوں کے حوالے خراج عقیدت پیش کیا آغا رفیق جو سندھ

یونیورسٹی ماس کمیونیکشن ڈیپارٹمنٹ کے چئرمین رہے اور نصیر مرزا جو ریڈیو پاکستان کے ریجنل ڈائریکٹر رہے، میری طرح شیخ صاحب کے یونیورسٹی میں شاگرد تھے یہ ان شاگردوں میں تھے بقول آغا رفیق جنھیں شیخ صاحب کے اس کمرے تک رسائی حاصل تھی جہاں ان کے بچے بھی نہیں جا سکتے تھے یعنی چہیتے، لاڈلے۔۔ان کا کہنا تھا کہ شیخ صاحب نے انھیں جو تعلیم دی جس طرح تربیت کی اس کے نتیجے میں ان سمیت شیخ صاحب کے کئی شاگرد جس بھی پروفیشن میں گئے اس کی ٹاپ پوزیشن تک پہنچے پروفیسر قاضی خادم حسین جو سندھ یونیورسٹی کے سندھی شعبہ کے استاد ہونے کے ساتھ صحافت سے بھی دہائیوں سے وابستہ رہے انھوں نے بھی اپنے ساتھی کو دل کی گہرائیوں سے خراج تحسین پیش کیا۔ تعزیتی ریفرنس میں شیخ عزیز کے صاحبزادگان طارق عزیز شیخ اور خرم شیخ بھی شریک تھے جنھوں نے اپنے والد کے ساتھ گزری یادوں کو حاضرین کے ساتھ شئر کیا۔ شیخ عزیز تاریخ، سیاست، صحافت اور موسیقی کی کئی کتابوں کے مصنف ہونے کے ساتھ ساتھ ایک متحرک عملی صحافی بھی رہےَ۔انّیس سو پچاس کی دہائی کے آخر میں سندھی صحافت سے آغاز کیا روزنامہ عبرت اور سندہ نیوز حیدرآباد سے طویل عرصہ وابستہ رہے پھر روزنامہ جنگ کراچی بعدازاں روزنامہ حرّیت کراچی سے وابستہ ہو کر اردو صحافت میں نام کمایا ڈیلی ڈان کراچی سے بھی وابستگی آخری دم تک رہی یوں انگریزی صحافت میں بھی نمایاں مقام حاصل کیا۔ شیخ عزیز حیدرآباد پریس کلب کے سیکریٹری بھی رہے سندھی ادبی ہورڈ کے بھی وائس چئرمین رہے۔ شیخ عزیز تمام عمر ایک متحرک صحافی کے طور پر کام کرتے رہے۔ حیدرآباد کے صحافیوں نے انھیں خراج عقیدت پیش کرنے کے لیے تعزیتی ریفرنس کے ساتھ ساتھ شیخ عزیز ایوارڈ کا اجرا بھی کیا یہ ایوارڈ ہر سال جونئر، سینئر صحفیوں کو دیے جائیں گے۔ شیخ عزیز کو خراج عقیدت پیش

کرنے لیے حیدرآباد پریس کلب اس ہال کو جہاں تعزیتی ریفرنس ہوا شیخ عزیز کے نام سے منسوب کردیا جائے۔(روزنامہ سندھ حیدرآباد، 28جنوری 2019ء)




بشکریہ تعاون ماہ نامہ "تحریر و تصویر"

"ڪراچي پريس ڪلب پاران شيخ عزيز جي وفات تي تعزيتي تقريب"

## شيخ عزيز سنڌ جي انسائيڪلو پيڊيا قرار، سندس اڻ ڇپيل ڪتاب شايع ڪرايا وڃن: صحافي دانشور

ڪراچي (رپورٽر ) سينيئر صحافين چيو آهي ته شيخ عزيز پراڻي سنڌي صحافت کي جديد بڻايو. سنڌي، اردو ۽ انگلش سان گڏ فارسي ٻوليءَ تي ڪيس عبور هو. اهڙن خيالن جو اظهار ڪالهه صحافين ۽ قلمڪارن ڪراچي پريس ڪلب ۾ سنڌ جي عظيم صحافي شيخ عزيز ۽ عامر احمد ملڪ جي ياد ۾ ڪوٺايل تعزيتي ريفرنس ۾ ڳالهائيندي ڪيو. تقريب کي خطاب ڪندي تاريخ دان ۽ صحافي يوسف شاهين چيو ته شيخ عزيز اهو ماڻهو جيڪو صرف ڪم ڪندو هو. هو آرام بدران ڪم ڪرڻ جو عادي هو. جنهن ڪري هن 27 ڪتاب لکيا. انهن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن جا اڻ ڇپيل ڪتاب شايع ڪرايا وڃن. هن وڌيڪ چيو ته شيخ اياز به ائين هو. جڏهن فوت ٿيو ته هتي ڪراچي ۾ رڳو 9 ماڻهو گڏ ٿيا هئا. گهٽا ماڻهو گڏ ٿيڻ وڏي ڳالهه ناهي ڪم جا ماڻهو گڏ ٿيڻ وڏي ڳالهه آهي. مهتاب اڪبر راشدي چيو ته صحافي سنڌي يا پنجابي ناهي ٿيندو. صحافي رڳو صحافي ئي هوندو آهي. گهڻي ورهاست ٿي وئي، هاڻي ورهاست بند ٿيڻ گهرجي. هن سنڌي صحافت سان شروعات ڪئي، اردو ۾ ڪم ڪيو ۽ پوءِ انگلش جي چونڊ ڪئي. شيخ عزيز ان ماحول ۾ رهيو جتان مرزا قليچ بيگ جنم ورتو هو. هو صحافي سان گڏ تمام وڏو تاريخ دان ۽ موسيقار به هو. هن جا صحافت ۾ هزارين شاگرد آهن. حيدرآباد جي گهٽي گهٽي تي هن جي قدمن جا نشان آهن.

پريس ڪلب جي صدر احمد ملڪ چيو ته شيخ عزيز سنڌ جي انسائيڪلوپيڊيا هو. عامر ملڪ بهترين رپورٽر ۽ ان کان پوءِ مارڪيٽنگ جو بهترين ماڻهو ثابت ٿيو. پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري مقصود احمد يوسفي چيو ته اسان پنهنجي سينيئر ساٿين کي سدائين ياد ڪندا رهنداسين. اهي اسان جو اثاثو آهن. صحافي اي اين ايچ خانزاده چيو ته شيخ عزيز ۽ عامر ملڪ جو صحافت ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. شيخ عزيز مون تي تمام گهڻو مهربان هو. صحافي سعيد سربازي چيو ته شيخ عزيز جي لاڏاڻي سان سنڌ هڪ عظيم سپوت کان محروم ٿي وئي آهي. صحافي شهربانو چيو ته عامر ملڪ وٽ لفظن جا انبار هئا. هو سدائين مسڪرائيندو رهندو هو. ڪڏهن به ڪنهن تڪليف سبب پريشان نه ٿيو. صحافي همسفر گاڏهي چيو ته شيخ عزيز پراڻي سنڌي صحافت کي جديد بڻايو. صحافي اختر بلوچ چيو ته هو سنڌي، اردو ۽ انگلش سان گڏ فارسي تي به دسترس رکندو هو. هن سان ويهي لڳندو هو ته واقعي ئي زندگي خوبصورت آهي. صحافي حبيب غوري چيو ته شيخ عزيز تمام وڏو ماڻهو عام ماڻهو واري زندگي گذاري. هو صحافت جو تمام وڏو نالو آهي. ليکڪ آغا رفيق چيو ته اسان جو استاد هو، هو رڳو صحافي نه پر عظيم موسيقار به هو. ستار وڄائيندو هو، پروفيسر سليم ميمڻ چيو ته ڪم سان ايترو سچو ماڻهو مون ڀيو ڪو ناهي ڏٺو. هن سان ان وقت ملاقات ٿي جڏهن حيدرآباد جي اخبار ۾ ڪم ڪندو هو. شيخ عزيز جي پٽ طارق عزيز شيخ چيو ته هن گهر ۾ به جمهوريت برقرار رکي. هن جي دل ۾ جيڪا ڳالهه هوندي هئي چئي ڏيندو هو، پلي اڳيان ڪير به هجي. منافقت نه ڪندو هو. هن پنهنجي سوانح عمري لکي آهي. جيڪا هڪ تاريخ آهي. ان کي جلد شايع ڪرائينداسين. تقريب ۾ شيخ عزيز جي گهرواري حميده عزيز ۽ سنڌي، اردو ۽ انگريزي اخبارن سان لاڳاپيل صحافي وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيا. (روزاني عوامي آواز، ڪراچي، 28 آڪٽوبر 2018ع)

روزاني عبرت

# شيخ عزيز ذميوار صحافي ۽ حقيقي حيثيت رکندڙ شخص هو: مهتاب راشدي

## عزيز باغي ۽ مٺو ڦريو هو جيڪو رڳو ڪم ڪندو هو: يوسف شاهين

## ڪراچي پريس ڪلب ۾ تعزيتي ميڙاڪو عارف عزيز اي ايڇ خانزادي ۽ ٻين جو خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ناليواري صحافي شيخ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: مهتاب اڪبر راشدي مرحوم شيخ عزيز جي ياد ۾ تقريب کي خطاب ڪري رهي آهي

# ’صحافي دوست گروپ‘ پاران جديد سنڌي صحافت جي باني شيخ عزيز جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو، پيتا پيش

آچر 27 جنوري 2019ع تي دوست گروپ پاران حيدرآباد پريس ڪلب ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪرايو ويو. ان موقعي تي اڳوڻي صوبائي وزير پير مظهرالحق ڳالهائيندي چيو ته شيخ عزيز گهڻ رخي ۽ گهڻ پهلو وارو شخص هو، پر شيخ عزيز ڏکيو ماڻهو به هو. اهو سوچڻ گهرجي ته هو ڏکيو، ڪنهن لاءِ هو، شيخ عزيز نه حڪمران ۽ نه سرمائيدار هو. هو فقير منش هو، هيڏي علم ۽ ڄاڻ جي باوجود انتهائي نهٺائي وارو هو، آئون پنهنجي دوستن کي چوندو آهيان، ايڏو وڏو ماڻهو هوندي به نهٺائي سان هلڻ سکڻ گهرجي.

هن چيو ته مون کي سچ ڳالهائڻ جي سزا پارٽي ۽ دوستن وٽان به ملي رهي آهي، پر مون سچ ڳالهائڻ شيخ عزيز کان سکيو، مالي طور ڏکي حالتن سبب مون ننڍي عمر ۾ عبرت اخبار ۾ نوڪري ڪئي، شيخ عزيز جي سربراهي ۾ 16 سالن جي عمر ۾ 90 رپيا في مهيني تي عبرت اخبار ۾ پروف ريڊر طور ڪم ڪيو، اسان اڻ گهڙيئي ڪاٺ کي شيخ عزيز گهڙي ماڻهو بڻايو، تي ٽي ڀيرا پروف ڏسڻا پوندا هئا. شيخ عزيز ۽ شيخ علي محمد جي نظرداري ۾ ڪم ڪرڻ ڪو سولو نه هو. مٿان قاضي اڪبر خصوصي طور تي چيو منهنجو ڏوهٽو نه سمجهو، پر هن کان ڪم وٺو. هن ٻڌايو ته شيخ عزيز مونکي ٻارن جي ٻاري واري صفحي جو انچارج ماما موجي جي نالي سان مقرر ڪيو. هن شاگردن، زراعت، خواتين جا صفحا پڻ شروع ڪيا، ٻارڙن

جي ٻاري واري صفحي جي بنياد تي 1964 ۾ ڪل سنڌ ٻالڪ ڪنوينشن ڪوٺايو، جنهن ۾ سڄي سنڌ جا شاگرد ۽ انهن جا مائٽ حيدرآباد ۾ گڏ ٿيا هئا. پ پ جو اجا وجود به نه هو. ان زماني ۾ مون سڄي سنڌ ۾ ٻارڙن جي ٻاري جون شاخون ٺاهيون.

هن چيو ته شيخ عزيز هڪ ادارو هو. هن ٻڌايو ته آئون تعليم جي وزير طور شيخ عزيز وٽ ويس ته ادبي بورڊ جو وائيس چيئرمين طور مقرري قبول ڪري. هن قائم مقام چئرمين طور پنهنجا اختيار استعمال ڪيا. ثقافت واري وزير جو نالو وٺڻ ڪانسواءِ چيو ته مون هڪڙي وزير ڪي شيخ عزيز جو ثقافت ۽ موسيقي بابت لکيل ڪتاب ڇپجڻ لاءِ چيو، پر هن اهو ڪتاب نه ڇاپيو. هن چيو ته سنڌي ۾ سڪٽي ڪني ايامي گهٽي واري ڳالهه وانگر ان وزير جون ڳالهيون گهٽيون ٿيون هلن، پر ايڏي وڏي ماڻهوءَ جو ڪتاب نه ڇاپيو. هن چيو ته شيخ عزيز سان جيئري حيدرآباد پريس ڪلب ۾ شام ملهائڻ گهرجي هان، پنهنجي چڱي ۽ مني ڪي مان ڏيڻ گهرجي. پريس ڪلب پاران شيخ عزيز جو پروگرام نه ڪرڻ تي اسان ڪي شرم اچڻ گهرجي. هن چيو ته شيخ عزيز منهنجو گاڊ فادر هو، يونيورسٽي، پريس ڪلبن ۽ ٻين ادارن ۾ شيخ عزيز بابت پروگرام ڪري نوجوانن ڪي آگاهي ڏيڻ گهرجي.

سينيئر صحافي ۽ اينڪرپرسن مجاهد بريلويءَ چيو ته شيخ عزيز ڊان اخبار ۾ سنڌ جي صحافين، فنڪارن ۽ سياستدانن جون آبيچوريون لکيون. پريس ڪلب ۾ جنهن وقت ذهره جبين واريون محفلون ٿينديون هيون، ان محفل ۾ شيخ عزيز پنهنجي اسٽائيل ۾ ٿيندڙ ڪچهري ۾ ڀرپور انداز ۾ داد ڏيندو هو. هن چيو ته شيخ عزيز جو صحافين ۾ دانشور ۽ عالمن وارو انداز هوندو هو. شيخ عزيز سنڌي ادب، موسيقي، گائڪي ۽ اهم نوعيت جون آبيچوريون لکيون. پر سوال آهي ته شيخ عزيز جي آبچوري ڪنهن لکي، پروفيسر قاضي خادم چيو ته خادم وطن ۾ پروف ريڊر هوندو هوس ۽ چوائيندو سب ايڊيٽر هوس. ان دور ۾ شيخ عزيز سان گڏ ڪم ڪيو. شيخ عزيز سان حيدرآباد

پريس ڪلب ۾ ٽيبل ٽينس جا مقابلا ڪندا هئاسين. پير مظهر پنهنجي وزارت ۾ جيڪي سنو ڪم ڪيو، ان شيخ عزيز کي سنڌي ادبي بورڊ جو وائيس چيئرمين مقرر ڪرائڻ هو. شيخ عزيز جا هن پريس ڪلب ۾ وک وک تي قدم آهن. ان ڪري پريس ڪلب جي هال کي شيخ عزيز سان منسوب ڪرڻ جي گهر ڪئي.

سينيئر صحافي جي اين مغل چيو ته شيخ عزيز سنڌ جو وڏو ورثو هو. هن سيکاريو ته صحافت اخلاقي اصول کان ٻاهر نه ٿيندي آهي. هو سنجيده انداز وارو صحافي هو. هن آخري گهڙي تائين پنهنجا اصول نه ڇڏيا، هو سنڌ جي صحافت جي قدآور شخصيت هئي. اسان جي نوجوان صحافين کي شيخ عزيز جي شخصيت کي پنهنجو مثال بنائڻ گهرجي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي ماس ڪميونيڪيشن جي اڳوڻي سربراهه آغا رفيق چيو ته شيخ عزيز اسان جو نه رڳو استاد هو، پر مرشد واري حيثيت رکندڙ هو. هن اسان کي اڳتي کان وٺي هلڻ سيکاريو. مونکي فخر آهي ته اسان شيخ صاحب جي خاص شاگرد مان هئاسين، جيڪو رڳو ڪلاس روم تائين محدود نه هو. هن پئسي جي ڪري بدران مقصد جي ڪري هلڻ سيکاريو.

شيخ عزيز باڪمال سِتار نواز هو. هن جون آڱريون ستار وڄائيندي ڪٽجي ويندريون هيون. هو جنون جي حد تائين ميوزڪ لور هو، شيخ صاحب اسان کي سيکاريو هو ته صحافي پنهنجي دور جو تاريخ دان به هوندو آهي. هو سيکاريندو هو ته ڳالهه ائين ڪجي جو ناگ به مري ۽ لٺ به بچي. هو چوندو هو ته مون وٽ وقت گهٽ آهي ۽ ڪم گهڻو آهي. روزاني مهراڻ اخبار جي چيف ايڊيٽر مننار فقير مگڙئي چيو ته شيخ عزيز مهراڻ اخبار جي واڌ ويجهه لاءِ وڏو مددگار رهيو ۽ پير پاڳاري سان مختلف گڏجاڻيون ڪري صلاحون ڏنيون.

روزاني ڏرتي اخبار جي ايڊيٽر ظهير ميراڻيءَ چيو ته هي پروگرام ان کان اڳم ٿيڻ گهرجي ها. شيخ صاحب جهڙا ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن. شيخ صاحب کي ڏسي اسين صحافت ڏانهن آياسين. اسان

شيخ صاحب کان انٽرويوورتو، پر هن ڇپجڻ جي پڪ وٺي پوءِ انٽرويو ڏنو. شيخ صاحب رڳو سنڌي صحافت ۾ نہ پر اردو ۽ انگريزيءَ ۾ وڏو نالو ڪمايو. نصير مرزا چيو تہ شيخ عزيز کي موسيقيءَ سان بي انتها محبت هئي، مون کي چيو هئائين تہ مون وٽ موجود ڪلاسيڪل ۽ نيم ڪلاسيڪل موسيقي جو ڪيٽلاگ ناهہ هو رڳو ايڊيٽر نہ هو، پر هن جي شخصيت گهڻ طرفي آهي.

شيخ عزيز جو ڪٽنب ۾ محقق شيخ اسماعيل، براڊڪاسٽر شيخ ابراهيم پڻ آهي. هو ماس ڪميونيڪشن واري شعبي جو وزيٽنگ پروفيسر رهيو. هو تعصب کان هٽي صحافت ڪندڙ هو. سينيئر صحافي عبدالحفيظ عابد چيو تہ شيخ عزيز جي ٽنهي ٻولين ۾ ڪيل ڪم تي صحافتي طور تي تاريخ ۾ زندهہ رهندو. اڄ اسان صحافت جي بدترين دور مان گذري رهيا آهيون. حڪمران ميڊيا جي مقابلي ۾ فريق بڻجي بيٺا آهن. ڪيترن ئي صحافين کي نوڪرين مان خارج ڪيو ويو آهي. سياسي ۽ سماجي ڌرين کي صحافين جي مسئلي ۾ دلچسپي وٺي صحافين جو ساٿ ڏيڻ گهرجي.

سينيئر صحافي ظهير احمد چيو تہ افسوس ان ڳالهہ جو آهي تہ پريس ڪلب پاران سنڌس وفات وارن ڏينهن ۾ آڪٽوبر ۾ تعزيتي ميڙاڪو ٿيڻ گهرجي هان ۽ اهو پريس ڪلب پاران ٿيڻ گهرجي هان، شيخ عزيز اردو، سنڌي ۽ انگريزي ڄاڻڻ وارو اڪيلو صحافي هو. امداد چانڊئي چيو تہ مون ٿورو وقت صحافت ۾ گذاري ۽ شيخ عزيز جي ايڊيٽري ۾ سکيس. شيخ عزيز سنڌي صحافت ۾ گهڻ پڙهيو هو. هن لسانيت جي بدران صحافت جو علم ۽ آبجيڪٽو صحافت سيکاري هئي. هن سنڌي صحافت کي نئين انداز سان متعارف ڪرايو. سنڌ نيوز اخبار جي ذريعي صحافت جو جديد انداز پيش ڪيو.

هو اڪيڊمڪ، دانشور، ثقافت جو ڄاڻو بہ هو. هن رڳو سنڌي ۾ صحافت ڪرڻ تائين پاڻ کي محدود نہ رکيو. هن اردو ۽ انگريزي ۾ صحافت ڪئي. سنڌي نوجوانن کي سنڌيءَ کان سواءِ ٻين ٻولين بہ

صحافت ڪرڻ گهرجي. صحافي گروپ جي چيئرمين فاروق سومري ڳالهائيندي چيو تہ اسين اڄ صحافي ڏاهي ۽ وڏي اسڪالر شيخ عزيز کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. شيخ عزيز سنڌي صحافت کي محلن مان ڪڍي عام ماڻهن سان ڳنڍيو. سنڌي صحافت کي نئون گس ڏيڻ جي ڳالهہ آهي. اسان کي اهو ڏسڻو آهي تہ اڄ جي صحافت ڪٿي بيٺي آهي. شيخ اياز بہ پيرا حيدرآباد پريس ڪلب جو صدر رهيو.

حيدرآباد پريس ڪلب کي انساني حقن لاءِ بنياد فراهم ڪيو. افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ هتي پريس ڪلب ۾ هاف فراءِ ۽ فل فراءِ ڪنڌڙ پوليس آفيسرن کي سونا تاج پارايا وڃن ٿا، پر شيخ عزيز جو تعزيتي رفرنس بہ نٿو ڪيو وڃي. هن چيو تہ اسان شيخ عزيز جي نالي سان صحافتي ايوارڊ جاري ڪيو آهي. صحافي دوست گروپ جي اڳواڻ مهيش ڪمار چيو تہ آئون ساٿي ٻارڙا سنگت ۾ هوس، تہ شيخ عزيز اسان سان گهوٽڪي ملڻ لاءِ آيو هو.

حيدرآباد ۾ ڀائيچاري واري فضا پيدا ڪرڻ ۾ پريس ڪلب پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. شيخ عزيز جو چوڻ هيو تہ صحافي جي ڪا بہ ٻولي ۽ ذات نہ هوندي آهي. هن گهر ڪئي تہ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ يادگار طور شيخ عزيز ڪارنر قائم ڪيو وڃي. طارق عزيز شيخ ڳالهائيندي چيو تہ صحافي دوست گروپ جو شڪر گذار آهيان، هنن شيخ عزيز جو تعزيتي ميڙاڪو ڪونايو آهي. شيخ عزيز رڳو منهنجو پيءُ نہ هيو، پر هو سنڌ جو ورثو هيو. بابا کي موسيقي سان وڏو چاهہ هيو. بابا موسيقي جي جدول ڪان واقف هيو.بابا عبرت ۾ سنڌي ميگزين جي شروعات ڪئي. 57 ڪان صحافت ڪئي. ڪيترن ئي صحافين جي تربيت ڪئي. بابا جنگ ۾ مهراڻ رنگ ۾ سنڌ جي ڊاڙيلن ڪان وٺي سنڌ جي ثقافت تي لکيو. ڊان ۾ آبيچوري جو رواج وڌو، ٻين اخبارن پوءِ آبيچوريون لکيون.

هو هر وقت جدت سان رهڻ جو قائل هيو.يوسف شاهين ڪيس علم جو انسائڪلوپيڊيا سڏيندو هو. هن ٻڌايو تہ هن وقت بہ ٽنهي ٻولين

۾ شيخ عزيز جا سنڌ جي ثقافت، موسيقي، صحافت ۽ ٻين موضوعن تي آرٽيڪل موجود آهن. صحافي شيخ رفيق چيو ته شيخ عزيز کي جيتري رقم يونيورسٽي مان ملندي هئي، اها هو اسان شاگردن تي خرچ ڪري ڇڏيندو هو.هو جيڏو وڏو صحافي هيو، ايڏوئي وڏو انسان به هيو.شيخ عزيز جوصحافتي ڪتاب عملي صحافت اڄ به اسان جي لاءِ مددگار آهي. سماجي اڳواڻ سليمان ابڙي چيو ته سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪندي ڊان ۽ جنگ ۾ لکيو.

شيخ عزيز وڏو ڪم ڪيو. سنڌي موسيقي ۽ ثقافت جي تاريخ بابت شيخ عزيز جهڙيءَ ريت مواد سهيڙيو آهي، سو نرالو آهي. ان ڪيل ڪم کي ثقافت کاتي کي سنڀالڻ گهرجي. ناميار ي راڳي ذولفقار قريشي چيو ته شيخ عزيز مونکي ميوزڪ لاجي ۾ لفظن کي وضو ڪرڻ سيکاريو. هن مون کي ڏنن کي ايڊيٽ ڪرڻ سيکاريو. پروگرام جي شروعات ناميار ي راڳي ذوالفقار شيخ شاهه لطيف جي وائيءَ سان ڪئي. جڏهن ته حامد راڄپر استاد محمد جمن جي ڳايل وائي ڪارون وس ڪيام ڳائي. پروگرام ۾ قل پڙهي شيخ عزيز جي پٽن طارق عزيز ۽ خرم عزيز سان تعزيت ڪئي وئي.

(آن لائين انڊس نيوز رپورٽ, حيدرآباد, 27 جنوري 2019ع)



طارق عزيز شيخ, امداد سومرو ۽ ٻيا تعزيتي ريفرنس کي خطاب ڪري رهيا آهن

# هيپي برٿ ڊي شيخ عزيز صاحب

جاويد مهر

**ڪراچي:** سنڌ جو نالي وارو صحافي شيخ عزيز صاحب اڄ اسان وچ ۾ موجود ناهي، پر سندس ڪتاب ڪيترن ئي ڪتب خانن، ادارن، شاعرن، اديبن ۽ دانشورن وٽ موجود آهن. ڪجهه عرصو اڳ مان پنهنجي دوست نصراللهﷲ جماليءَ سان گڏجي ساڻس ملاقات ڪري ڪيس درخواست ڪئي هُئي ته سنڌ پبلڪ لائبريري توهان کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تقريب ڪرڻ چاهي ٿي. اڇو، پر سائين طبعيت ناساز هجڻ جو عذر پيش ڪري معذرت ڪئي. ان هوندي به هن چيو ته رمضان جو مهينو گذري پوءِ ڏسنداسين، پر هلندڙ سال 7 آڪٽوبر تي خبر پئي ته شيخ عزيز صاحب لاڏاڻو ڪري ويو.

اڄ سندس فرزند ۽ منهنجو پراڻو دوست طارق عزيز منهنجي هڪ ٻئي محترم دوست ۽ سينيئر صحافي ڪرم علي شاهه سان گڏ سنڌ پبلڪ لائبريريءَ پهتو. ان موقعي هن سائين شيخ عزيز جا ڪجهه ڪتاب ڏنا ۽ چيو ته 9 ڊسمبر تي لائبريري اچڻ جي ان ڪري چونڊ ڪئي جو اها سندس بابا جي سالگرهه جي تاريخ آهي، جنهن تي ڏاڍي خوشي ٿي، "هيپي برٿ ڊي شخ عزيز صاحب" ملاقات ۾ مون سان گڏ سنڌ



پبلڪ لائبريريءَ جو ايڊمنسٽريٽر انور مهراڻوي ۽ طارق مشتاق پڻ موجود هئا. (فيس بُڪ جي ٽورن سان، 9 ڊسمبر 2018ع)




سنڌ پبلڪ لائبريري ڪراچيءَ پاران ڏنل ايوارڊ جو عڪس




سنڌ ادبي ميلي ۾ شيخ عزيز جي آتم ڪهاڻي ’دارون ۽ ڪارون‘ جي رونمائيءَ جو ڪارڊ

# شيخ عزيز جي آتم ڪهاڻي ’داروں ۽ ڪارون‘ جي رونمائي

شيخ عزيز پنهنجي ڪم سان مخلص هو. سندس آتم ڪهاڻي هڪ دور جي تاريخ آهي. اهڙو اظهار ريڊيو، ٽي وي، تعليم ۽ سياست جي  ناماياري شخصيت مهتاب اڪبر راشدي سنڌ لٽريچر فيسٽيول جي آخري ڏهاڙي تي ملڪ جي مشهور صحافي شيخ عزيز جي آتم ڪهاڻي "دارون ۽ ڪارون" جي رونمائي واري سيشن ۾ ڪيو. هن چيو ته ڏٺو ويو آهي ته آتم ڪهاڻي پاڻ سان گذريل وقت بابت لکيل هوندي آهي پر هيءَ آتم ڪهاڻي ان طرح ناهي بلڪ پنهنجي زماني جي تاريخ آهي. هيءُ ڏاڍو دلچسپ ڪتاب آهي، جنهن ۾ مختلف موضوعن تي لکڻيون ملن ٿيون. شيخ عزيز سچو ۽ کرو ليکڪ هو. سندس آتم ڪهاڻي به ان جو عڪس آهي. اسان کي اهڙو ڪتاب پڙهڻ گهرجي. شيخ عزيز جي پُٽ طارق عزيز شيخ چيو ته ڏارين ٻولين ۾ سنڌ جي نمائندگي ڪندڙ ليکڪ هو جنهن آبيچيوري جي روايت وڌي، سندس لکڻين سان غريب ٻي پهچ فنڪارن کي حق مليا ۽ گذاري ويلن جو سوانحي خاڪو ڏيهه پرڏيهه ۾ ڄاڻ جو ذريعو بڻيو. هن هميشه زرد صحافت جي مخالفت ڪئي. ان موقعي تي شيخ عزيز جي ڪتاب جو مهورت پڻ ڪيو ويو.

(روزاني عبرت، حيدرآباد، 25 فيبروري 2019ع)




سنڌ لٽريچر فيسٽويل 2019ع جي موقعي تي شيخ عزيز جي آتم ڪهاڻي "دارون ۽ ڪارون" جي پڌرائيءَ جي موقعي تي ورتل تصوير.

# صحافت ۾ گهاريل عمر جون ساروڻيون

## منوج ڪمار

اسان جي چوگرد واريون هاڻ سڀ شيون ڌنڌليون پيون وڃن. اهي سڀ جڳهيون جيڪي اسان جي يادن جون مڪين هيون ۽ جن سان اسان جي هيءَ دنيا نشانبر ٿيندي هئي تن جا وجود هاڻ ختم ٿي رهيا آهن. مون کي خبر ڪونهي ته انهن ماڳن، مڪانن، رستن، بينڪن ۽ آستانن کان سواءِ اسان پنهنجي چوگرد دنيا کي ڪيئن سڃاڻنداسين. اهي جايون ته شهرن جي چهرن جا خد و خال آهن بنان انهن خد و خال جي اهي شهر ٻين کان ڪيئن الڳ ڪري سگهبا ۽ پنهنجا شهر سڃاڻي ڪيئن سگهبا؟ سياڻي فاران هوٽل نه هوندي ته آئون حيدرآباد کي ڪيئن سڃاڻي سگهندس؟ اها فاران هوٽل جتي اسان دوستن ڪيئي بيٺڪون ڪيون هونديونسين. جتي آئون حليم بروهيءَ کي ڪچهريءَ لاءِ وٺي آيو هئس ته حليم ٻڌايو هو ته سندس گهر کان فقط چند قدمن جي فاصلي تي واقع هن هوٽل ۾ هو ٽيهن سالن کان پوءِ آيو هو. منهنجي حيرت کي ڏسي ٻڌايو هئائين ته اها هوٽل سندس مامي جي آهي ۽ اختلافن سبب هُو انهيءَ هوٽل ۾ ڪونه ايندو هو. اتي ويٺل سندس ماروٽ اسان کان بل وٺڻ کان انڪار ڪيو هو. حليم شايد مون سان انهيءَ هوٽل ۾ آخري دفعو آيو هو. هاڻ ٻڌڻ ۾ اچي پيو ته اها هوٽل ڊاهي اتي ڪو پلازا پيا ناهين. ساڳي طرح رڳو شهر جا ماڳ ۽ مڪان نه پر اهي ڪردار به ختم پيا ٿين جيڪي شهرن کي رنگ ۽ آواز ڏيندا آهن. اجان به تڪليف جي ڳالهه ته اهي روايتون، اهي لقاءَ ۽ اهي ادارا به ختم پيا ٿين جن سان شهرن جا مزاج جڙندا آهن. رڳو ياد آهي جتي اهي سڀ شيون موجود آهن پر ياد به ويسارپ جي خلاف ويڙهه هارائي وڃندي.

شايد ڪتابن ۾ اهي شيون محفوظ ڪري ڇڏجن جو جيڪڏهن ڪو وري هن شهر ڪي وري انهيءَ اصلي صورت ۾ ناهڻ چاهي تہ وٽس ڪو نقشو هجي. انهيءَ سلسلي ۾ شيخ عزيز جي تازي ڇپيل آتم ڪٿا ’دارون ۽ ڪارون‘ وڏي مدد ڪندو.

جيڪي ماڻهو شيخ عزيز کان واقف هئا تن کي خبر هوندي تہ هُو ڪيڏو منفرد ماڻهو هو. اڄ صدي صحافت کي ارپيندڙ شيخ عزيز جديد سنڌي صحافت جي بانين مان هڪ هو جنهن سنڌي صحافت ۾ خبر کان وٺي لي آئوٽ ۽ مواد کان وٺي پبليڪيشن ۾ نوان لاڙا آندا. هُن نہ فقط سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ تنهن وقت نئين قائم ڪيل شعبي ۾ پڙهايو پر ان جو نصاب بہ ترتيب ڏنائين ۽ شايد صحافت جي فن تي پهريون سنڌي ڪتاب بہ لکيائين. سنڌي صحافت سان گڏ شيخ عزيز اردو ۽ انگريزي صحافت ۾ وڏو وقت ڏنو ۽ آخر ۾ انگريزي اخبار ڊان مان سينيئر پوزيشن تان رٽائر ڪيائين. انگريزي اخبارن ۾ سنڌ جي حوالي سان سندس مضمون ۽ گذاري ويندڙ شخصيتن تي تعزيت ناما بہ سندس سڃاڻپ هوندا هئا. شيخ عزيز هڪڙو عالم ماڻهو هو جنهن تاريخ ۽ ادب تي بہ ڪافي ڪتاب لکيا. سنڌي ادب جي تاريخ تي سندس انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب پڙهڻ جهڙو هو. موسيقيءَ جو شوقين هو ۽ ان تي ڪيس گهري ڄاڻ هئي. هُن سنڌي موسيقيءَ جي ارتقا تي بہ ڪتاب لکيو ۽ سندس ايندڙ ڪتابن ۾ چنگ جهڙي ساز تي بہ ڪتاب آهي. شيخ عزيز ملهہ سان بہ گهرو شغف رکندو هو ۽ ان تي ڪتاب لکيائين، پر انهن سڀني ڳالهين کان وڌيڪ شيخ عزيز سنڌ جو مني صديءَ تائين گهرائي ۾ مشاهدو ڪيو ۽ ان جي ثقافت، صحافت، سياست، سماج، ادب سميت هر موضوع تي انسائيڪلوپيڊيائي ڄاڻ هئي. گذريل سال سندس مرتيي کان پوءِ سندس ڪاغذن مان سندس لکيل آتم ڪٿا هٿ آئي جنهن کي سندس پٽ طارق عزيز شيخ تازو ڇپرائي آندو آهي.

شيخ عزيز جون اهي ساروڻيون سيني لاءِ پڙهڻ جهڙيون آهن. اسان پارا جيڪي حيدرآباد جي رومانس ۾ رهيا آهن انهن لاءِ ته شيخ عزيز، حيدرآباد جي سپني حسناڪين ڪي وري وقت جي تهن مان کوٽي ڪڍي آيو آهي. شيخ عزيز حيدرآباد ڄائو هو ۽ حيدرآباد جي شهر سان ان جو انس هو. هن حيدرآباد جي هر گهٽي، رستي، مڪان، هوٽل، سينيما، شراب خاني، باغ، اسڪول، پاڙي بازار سميت هر جڳهه جو ايئن ته ذڪر ڪيو آهي جو اهي سڀ جڳهيون سامهون اچي بيهي ٿيون رهن. رڳو شهر جي ٻاهرين جاگرافي ڪونهي جيڪا هن بيان ڪئي آهي. هر شئي جي هڪڙي اندرين جاگرافي به هوندي آهي جيڪا ان جي روايتن، رسمن، واقعن، مزاجن ۽ ڪيفيتن ۾ هوندي آهي. شيخ عزيز شهر جي اها اندر جي جاگرافي به بيان ڪئي آهي. شهر جي تاريخ ۽ پيش ايندڙ واقعن کي به اوتري سادگيءَ سان بيان ڪيو آهي جڻ ته پاڻ سان پيش ايندڙ واقعن کي پنهنجي گهر ڀاتين سان پيو ونڊي. شهر جا منفرد ڪردار، اديب، موسيقار ۽ سياستدانن سان سندس ساروڻيون آباد آهن. شيخ عزيز جي اهو ساروڻيون صحافت سان لڳاپيل ماڻهن لاءِ پڙهڻ ته بنهه ضروري آهن ته ڏسن ته صحافتي قدر ڪيئن تبديل ٿيا آهن. هي جيڪو دور آهي اهو ميڊيا جي حوالي سان هڪ عجيب دور آهي جنهن ۾ ڪلاسيڪي ۽ روايتي ميڊيا جي سامهون سوشل ميڊيا اچي بيٺو آهي. انهيءَ سوشل ميڊيا ۾ خبر جي حرمت جي اهميت ته پهرين ڏڪ سان تين وال ٿي وئي آهي. هن دور ۾ سچ ۽ ڪوڙ جي سرحد ڊهي وئي آهي. هاڻ واري دور ۾ جيڪر ڪوڙ ۾ ماڻهو اعتبار ڪن ٿا ته اهو ئي سچ آهي. پر شيخ عزيز پراڻي دور جو صحافي هو جنهن وٽ خبر جي حرمت هئي. شايد هُو واحد سنڌي صحافي هو جنهن لنڊن جي ٿامسن ڪاليج آف جرنلزم مان صحافت ۾ ڊپلوما ڪئي هئي، ڪيس نه رڳو خبر جي ٽيڪنيڪي پاسن کان واقف هو پر هُو خبر جي اثر کان واقف هو.

شيخ عزيز جون اهي ساروڻيون ملڪ جي سياسي تاريخ تي ٻه تبصرو آهن ته مختلف اهم شخصيتن جا خاڪا ٻه آهن. هن ۾ سندس سفر جا احوال ٻه آهن ته سندس تجربن جا بيان ٻه آهن، پر ڪتاب جي باري ۾ هڪڙي شڪايت آئون سندس پٽ طارق ۽ ڪتاب جي پبلشر سان ضرور ڪندس ته شيخ عزيز هڪڙو باڪمال ايڊيٽر هو جنهن سدائين متن جي صحيح ۽ سٽري هئڻ تي زور ڏنو. جيڪر ڪتاب جا پروف ٺورو غور سان ڏسجن هان ته شيخ عزيز جو روح وڏيڪ خوش ٿئي هان.

(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 30 اپريل 2019ع)

# دل ڇھندڙ آتم ڪٿا (دارون ۽ ڪارون)
## ليکڪ: شيخ عزيز، تبصرو: سرمد کوسو

منھنجي سامھون جڏھن بہ ڪو آتم ڪٿا جو ڪتاب ايندو آھي تہ ان وقت مون کي علامہ آء آء قاضي صاحب جي اھا ڳالھہ ذھن تي تري ايندي آھي تہ ھر شخص کي پنھنجي آتم ڪٿا لکڻ گھرجي. ان سان ادب ۽ ٻوليءَ ۾ بہ واڌارو ٿيندو ۽ اھي ڳالھيون تاريخ جو بہ حصو ٿي وينديون. جيڪي اڳتي ھلي اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ رھنمائي، اتساھہ ۽ دلچسپيءَ جو سبب بڻجنديون. تنھن ڪري مان مختلف وقتن تي مختلف دوستن سان ان ڳالھہ جو ذڪر ڪندو رھندو آھيان تہ پنھنجن يادن کي لکت جي صورت ۾ محفوظ ڪندا رھو، جيئن اُھي وقت سر ڪم اچي سگھن. ھونئن بہ يادون زندگيءَ جو قيمتي سرمايو ھونديون آھن.

ھن وقت منھنجي ھٿن ۾ بہ ھڪ يادگار ۽ دل ڇھندڙ آتم ڪھاڻيءَ جو ڪتاب آھي، جيڪو صحافت جي تمام وڏي نالي شيخ عزيز صاحب جو آھي. "دارون ۽ ڪارون" جي نالي سان ھي آتم ڪھاڻي پيڪاڪ پبلشرز پاران شايع ڪئي وئي آھي. افسوس تہ ھي آتم ڪھاڻي شيخ عزيز صاحب جي زندگيءَ ۾ ڇپجي نہ سگھي. سندس ڪھاڻي، سندس وفات جي ڪجھہ مھينن کان پوءِ شايع ٿي، پڙھندڙن جي ھٿن تائين پھتي آھي.

ھن آتم ڪھاڻيءَ ۾ شيخ عزيز صاحب نھايت ئي دلچسپ انداز ۾ وڏي بي باڪيءَ جو مظاھرو ڪندي، ڪافي حقيقتون سامھون آنديون آھن. ان حوالي ھو پاڻ بہ لکي ٿو تہ مون جيڪي ڳالھيون جيئن آھن، تيئن لکڻ جي ڪوشش ڪئي آھي ۽ ان ۾ ڪو بہ وڌاءُ ناھي ڪيو.

شيخ عزيز صاحب پنھنجي ڪھاڻيءَ جي شروعات روايتي انداز وانگر نندپڻ کان نہ ٿو ڪري پر ھي پنھنجي ڪھاڻي حيدرآباد شھر جي يادن سان شروع ٿو ڪري. ان ۾ ھي ورھاڱي دوران آزادي ۽ لڏ پلاڻ تي بہ لکي ٿو. ھي جڏھن حيدرآباد جي مختلف جڳھن ۽ انھن جي تاريخي پس

منظر بابت لکي ٿو ته ائين ٿو محسوس ٿئي ته هن کي حيدرآباد جي شهر سان وڏي انسيت آهي.




ان سان گڏو گڏ پاڻ پنهنجي صحافتي ڪم جي حوالي سان تمام گهڻو لکيو اٿس، جنهن ۾ عبرت اخبار جي شروعاتي دور کان وٺندي انگريزي اخبار ڊان ۾ پنهنجي صحافتي ڪم ۽ لاهن چاڙهن جو ذڪر ڪري ٿو.

سندس ڳالهين ۽ بيان ڪيل قصن مان ان ڳالهه ڪي شدت سان محسوس ڪري سگهجي ٿو ته ڪيس صحافت ۽ لکڻ پڙهڻ جو شوق جنون جي حد تائين هو. ان دوران سندس ٻولي ۽ لکڻين ٻين صحافين ۽ ليکارين لاءِ گائيڊ طور ڪم اچن ٿيون.

پاڻ ڪجهه وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي ماس ڪميونيڪيشن شعبي ۾ جرنلزم جو استاد به رهيو. اُن وقت جي يادن کي به تمام سهڻي نموني پنهنجي ڪهاڻيءَ جو حصو بڻايو اٿس. ان مان لڳي ٿو ته پاڻ سُٺو اُستاد پڻ هو.

مزي جي ڳالهه ته شيخ عزيز صاحب کي موسيقيءَ سان نه رڳو بي حد لڳاءُ هو پر پاڻ موسيقيءَ جو وڏو ڄاڻو به هو. پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو ته موسيقيءَ جي ڄاڻ هجڻ ڪري ساڻس رئيس ڪريم نظاماڻي ملڻ آيو ۽ ان ڪان پوءِ هنن جي وچ ۾ تمام گهڻا ڪچهرين ۽ پيئڻ جا دور هلندا هئا. انهن ڪچهرين دوران ڳالهين جي اهميت کي سمجهندي شيخ عزيز ڪريم بخش نظاماڻي صاحب کي آتم ڪٿا لکڻ جو چيو. نظاماڻي صاحب ان دوستاڻي هجت جي موٽ "ڪيئي ڪتاب" جي صورت ۾ ڏني، جيڪا هڪ شاهڪار آتم ڪٿا آهي. ڏسجي ته ان عظيم ڪم پويان به شيخ عزيز جي اها صلاح هئي جنهن تي عمل ڪري نظاماڻي صاحب اها ڪٿا لکي.

هن ڪتاب جو بئڪ ٽائيٽل مهتاب اڪبر راشديءَ لکيو آهي. جنهن ۾ هوءَ لکي ٿي ته "سندس زندگي به کليل ڪتاب جيان هئي، جيڪا ڪنهن کان به ڍڪيل ڪو نه هئي. ان جي باوجود به هن شخص سچائيءَ سان پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي زندگيءَ جي حالات کي کولي پڌرو ڪيو آهي؛ جيڪا تمام دليريءَ جي ڳالهه آهي. شيخ عزيز جو هي ڪتاب فقط آتم ڪهاڻي ناهي بلڪ ڪيترن ئي موضوعن تي مشتمل هڪ دور جي سياسي، سماجي ۽ صحافتي تاريخ پڻ آهي، جنهن جي اهميت الڳ آهي."

هي ڪتاب پڙهندي مون کي هڪ ڳالهه جو افسوس ٿيو ته هن ڪتاب ۾ پروف جون تمام گهڻيون غلطيون آهن، جيڪي درست ڪيون وڃن ها ته بهتر هو، ڇو ته شيخ عزيز صاحب پاڻ ڪمال جو ايڊيٽر هو ۽ هو ٻوليءَ جي سونهن جو تمام گهڻو خيال رکندو رهو.

هيءُ ڪتاب شيخ عزيز صاحب جي فرزند طارق عزيز ڇپرايو آهي. هن ڪتاب جي حوالي سان ان جو ليک به ڪتاب جو حصو آهي.

هن ڪتاب جو مهاڳ نالي واري صحافي هم سفر گاڏهيءَ لکيو آهي، جيڪو "زندگي ڏک آهي" جي عنوان سان هن ڪتاب ۾ شامل آهي. ان ۾ هي لکي ٿو ته "سچ ته شيخ عزيز جي هي آٽو بايوگرافي سچي زندگيءَ جي پيار جو پورهيو آهي، جنهن ۾ هن بنا ڪنهن ملاوٽ جي واقعن ۽ مشاهدن کي بيان ڪيو آهي. ليکڪ درياهه نه بلڪه سمنڊ کي ڪمال مهارت سان ڪوزي ۾ بند ڪري ڏيکاريو آهي. هڪ لحاظ کان هي ڪتاب سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي تاريخ پڻ آهي، جنهن مان اُميد ته پڙهندڙن کي تمام گهڻو لاڀ ملندو."

هن خوبصورت آتم ڪهاڻي ڪتاب جي قيمت 500 رپيا رکي ويئي آهي. مون کي يقين آهي ته هي ڪتاب توهان جي لائبريريءَ جي سونهن ۾ واڌارو ڪندو.

(3 جولاءِ 2019ع، روزاني عبرت، حيدرآباد)

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book